# مادو، مذهب
# او خدا

علامه احمد مجتبیٰ غالب

موسیٰ

إِنَّمَا يَخْشَى اللهَ بِعباده الْعُلَمَاءُ

# مادو، مذهب ۽ خدا

فلسفهءِ مذهب جو بينظير دستاويز جنهن ۾ غير مسلم دانشورن
جي تخيل جو سنجيدگيءَ سان جائزو ورتو ويو آهي.

علامه مخدوم احمد مجتبيٰ غالب ملڪاڻي

موسيٰ پبليڪيشن، ڄامشورو
2015ع

| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : | مادو، مذهب ۽ خدا |
| موضوع | : | فلسفو ۽ مذهب |
| ليکڪ | : | علامہ احمد مجتبيٰ غالب ملڪاڻي |
| ڇاپو پهريون | : | 2015ع |
| ڇپائيندڙ | : | موسيٰ پبليڪيشن، ڄامشورو<br>رابطي لاءِ: 03332740480 |
| پيسٽنگ | : | عبدالسلام پتو |
| ڪمپوزنگ | : | شفيق حسين ڪولاچي<br>ڪولاچي پرنٽرز، حيدرچوڪ حيدرآباد |
| قيمت | : | 160 رپيا |


حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ


**MADDO, KHUDA & MAZHAB**

Alama Ahmed Mujtaba Ghalib Malkani

Edition First
Year: March 2015
Composing: Shafique Hussain
Kolachi Printers Hyd.
Published by: Moosa Publication, Jamshoro

05/12/16
Bought from
Hyderabad

ڊيماڪريٽس بابز هجي يا دهريت
پسندن جا ماده پرستانہ نظريا يا برڪلي ۽
هيگل جا نظرياتي مفروضا! هيءَ سڀ اهي
خيال آرائيون آهن جن جو ڪوبہ اصلي
وجود ڪونهي ۽ نہ عملي طور ڪنهن
تجربي سان انهن جي تصديق ٿي سگهي
آهي...

ميرٽ ٽلني ڪان ڊان
پي. ايڇ. ڊي

Adnan Brohi

# پبلشر پاران

موسيٰ پبليڪيشن هن وقت تائين سنڌي ادب جي خزاني ۾ ڪيترائي علمي، ادبي، معلوماتي ۽ ديني ڪتاب ڏئي چڪي آهي.

موسيٰ پبليڪيشن جو بنيادي مقصد دوستن تائين معياري، جاڻ ڀريا ۽ هن مهانگائيءَ جي دؤر ۾ مناسب قيمت وارا ڪتاب پهچائڻ آهي. انهيءَ مقصد کي نظر ۾ رکندي اسان پنهنجا قدم اڳتي وڌائي رهيا آهيون ان اميد سان ته پڙهندڙن جو هميشه ڀرپور سهڪار ۽ سات رهندو.

هيءَ موسيٰ پبليڪيشن جو 23هون نمبر ڪتاب آهي. هيءَ ڪتاب سنڌ جي وڏي عالم، اديب، مفڪر ۽ درگاهه عاليه ملڪاڻي شريف دادوءَ جي سجاده نشين ثاني حضرت علامه مخدوم احمد مجتبيٰ غالب ملڪاڻي رحمة الله عليه جن جي تصنيف آهي. هن ڪتاب ۾ مذهب، فلسفي ۽ تخليق ڪائنات تي عالمانه بحث ٿيل آهي. هيءَ ڪتاب عام پڙهندڙن توڙي يونيورسٽيءَ جي شاگردن ۽ فلسفي ۾ دلچسپي رکندڙن لاءِ هڪ انمول سوکڙيءَ کان گهٽ ناهي.

حبدار علي گاڏهي

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| تعارف | الطاف ملڪاڻي | 06 |
| ٻه اکر | مخدوم زاهد علي ملڪاڻي | 07 |
| مؤلف طرفان | علامه احمد مجتبيٰ غالب | 09 |
| باب پهريون | | 10 |
| ذات باري تعاليٰ | | |
| مادو ۽ خدا | | |
| باب ٻيون | | 31 |
| مذهب ۽ خدا | | |
| مذهب ۽ سائنس | | |
| باب ٽيون | | 47 |
| انبياءِ ڪرام | | |
| ملائڪ يا فرشتا | | |
| جن ۽ شياطين | | |
| باب چوٿون | | 83 |
| تخليق ڪائنات تي آخري نظر | | |
| مختلف مذهبن جا نظريا | | |
| باب پنجون | | 94 |
| دنيا جي عظيم فلسفين جا | | |
| خيال ۽ نظريا | | |


2-Jan-2025, 21:47

# تعارف

سلطان الاصفياءَ حضرت علامہ مخدوم احمد مجتبيٰ غالب ملڪائي جن سلطان الاولياءَ حضرت مخدوم ملڪائي رحہ جن جا فرزند ارجمند ۽ سجادہ نشين ثاني درگاهہ عاليہ ملڪائي شريف (دادو سنڌ) هئا.

هن جهانِ فنا ۾ سندن ظهور جو سال 1921ع ڄڃيو وڃي ٿو. پاڻ 21 جنوري 2008ع تي بقا جي جهان ڏانهن روانا ٿيا. سندن ڪنيت "اسد الدين" نالو احمد مجتبيٰ ۽ تخلص غالب آهي.

پاڻ شريعت جا عالم ۽ طريقت جا صاحب هئڻ سان گڏوگڏ فطري طور عالم ۽ ادب جا عاشق ۽ پروانا رهيا. شاعري، تصنيف، تاليف سندن اهم شغل رهيا. سندن اخلاق ۽ عمل فقيري ۽ گوشا نشينيءَ جو آئيني دار هو. سندن مجلس نشست و برخواست پنهنجي وقت جي اهم هستين جهڙوڪ علامہ دائود پوٽو، خواجہ هاشم جان سرهندي، ضياءَ الدين ايس بلبل، محمد بخش واصف، حڪيم احسن چنا، علي حيدر حيدري ۽ ٻين اهل دل، اهل علم ۽ ادب دوستن سان رهي آهي. ڪين عربي، فارسي، سنڌي اردو، سرائيڪي ۽ انگريزي زبانن تي عبور حاصل هيو. پاڻ پنهنجي ورثي ۾ تمام وڏو تصنيفات جو ذخيرو قلمي صورت ۾ ڇڏي ويا آهن جن مان شهاب ثاقب (اردو)، برڪات نقشبند (اردو)، فتاويٰ ملڪاني (عربي)، مشهور مسلمان فلسفي (سنڌي) تصوف ۽ اسلام (سنڌي) سانحۂ ڪربلا (سنڌي) سخن عارفانہ (مجازي ۽ صوفياڻي شاعري) شايع ٿي تمام گهڻي پذيرائي ماڻي چڪا آهن ۽ هيءَ عالمانہ ۽ فلسفيانہ جواهرن جو مجموعو "مادو، مذهب ۽ خدا" اوهان جي هٿن ۾ آهي.

خادم الفقراءَ

فقير الطاف ملڪائي

# ٻه اکر

هيءَ دنيا اڄ جڏهن قحط الرجاليءَ جو شڪار ٿيندي پئي وڃي ۽ دنيا مان صاحبِ علم، صاحبِ معرفت ۽ صاحبِ حقيقت و طريقت توڙي شريعت جا عالم، اولياءَ الله ۽ فلسفي توڙي ڏاها اڻ لڀ ٿيندا پيا وڃن ته اهڙي دؤر ۾ اسان لاءِ پنهنجي علم ۽ ايمان کي هميشه تازه رکڻ جو ذريعو پنهنجي وڏڙن جا ارشاد، واعظ، نصيحتون توڙي سندن قلم مان سرجيل اهي 'دُر ناياب آهن جن ذريعي اسان پنهنجي زنگ آلوده ذهنن ۽ مٽي چڙهيل قلبن کي روشن ۽ منور ڪري سگهون ٿا.

سلطان الاصفياءَ حضرت مرشدنا مخدوم احمد مجتبيٰ غالب جن جي شخصيت کان سنڌ جو هر اهلِ علم ۽ اهلِ قلم توڙي صاحبِ شريعت ۽ طريقت چڱيءَ طرح واقف آهي.

منا بابا سائين، هڪ پاسي صاحب ارشاد روحاني رهبر هئا ته ٻئي پاسي سندن قلم مان اُهي جو هر پارا تصنيفات جي صورت ظاهر ٿيا جن کي پڙهي، پرکي غزالي ۽ رومي ٿي ياد آيا. پاڻ ڪڏهن به ٻين پيرانِ طريقت وانگي عبا ۽ قبا جي خفي ۾ نه ڦاٿا هميشه فقيري پيرهن ۾ رهيا. دنيا جي چمڪ دمڪ ۽ دولت جي ڪشش ۽ ڇڪ بدران گوشهءِ نشيني کي ترجيح ڏنائون. اميرانِ وقت جي دربارن جا چڪر ڪاٽڻ بدران صحبت قلم ۽ ڪتاب کي اوليت ڏنائون. پاڻ پنهنجي ورثي ۾ دنياوي دولت جا جواهر ڇڏڻ بدران ضخيم علمي و ادبي، ديني ۽ دنياوي علم جا ناياب موتي تصنيفات جي صورت ۾ ڇڏي ويا آهن. جن تي اسان کي خوشي ۽ فخر آهي. هر پل اسان جي اها ڪوشش رهي ٿي ته سندن ڇڏيل علمي ۽ ادبي ورثي کي نه رڳو وڏائجي پر منظرِ عام تي آڻي خلق جي خدمت ۽ رهنمائي ڪجي. انهيءَ سلسلي ۾ اسان ڪوشش وٺي اڳ ۾ سنڌي ڪتاب "تصوف ۽ اسلام"، "مشهور مسلمان فلسفي" سخنِ عارفانه ۽ سانحهءِ ڪربلا شايع ڪرائي چڪا آهيون. جڏهن ته هيءَ ڪتاب "مادو، مذهب ۽ خدا" موسيٰ پبليڪيشن جي سهڪار سان منظرِ عام تي آندو ويو آهي. هيءَ ڪتاب هڪ اهڙي ناياب تصنيف آهي جنهن ۾ ماديت جي فلسفي، وجود باري تعاليٰ جي

حقانيت. مذهب جي اهميت ۽ ضرورت جهڙن اهم موضوعن تي بحث سان گڏ دنيا جي، لا مذهب فلسفين، غير مسلم مذهبن جي مفڪرن توڙي يونان جي ڏاهن ۽ مغرب جي دانشورن جي فڪر ۽ فلسفي جو سنجيدگيءَ سان جائزو ورتو ويو آهي.

هيءَ ڪتاب هڪ عام اهلِ علم کان وٺي يونيورسٽيءَ جي شاگرد تائين، هڪ مفڪر کان وٺي صوفي تائين توڙي مذهب جي فلسفي، الهيات ۾ دلچسپي رکندڙ هر هڪ پڙهندڙ لاءِ ناياب تحفو آهي.

اميد ته هن ڪتاب کي دلچسپيءَ سان پڙهندڙ شخص کي علم جا بي بها ناياب نقطا ۽ علم جا موتي نصيب ٿيندا.

دعائن جو طلبگار
مخدوم زاهد علي ملڪاڻي
موجوده سجاده نشين
درگاهه عاليه ملڪاڻي شريف
ميمڻ محله دادو سنڌ

# مؤلف طرفان ڪجهہ ڪتاب بابت

موجوده دور ۾ مادي ۽ خدا، مذهب ۽ فلسفي، سائنس ۽ روحانيت بابت تمام گهڻو بحث ٿي چڪو آهي. انهن موضوعن تي انيڪ ڪتاب مضمون ۽ مقالا شايع ٿي چڪا آهن ۽ هيءُ اُهي موضوع آهن جن سان روزانو ڪٿي نہ ڪٿي ڪنهن محفل ۾ واسطو پوي ٿو.

اهو ئي سبب آهي جو انهن موضوعن تي ڪٿي تہ عالمانہ ۽ مفڪرانہ بحث ٿئي ٿو تہ ڪٿي وري اڌ پڙهيل ۽ سطحي علم سان واسطو رکندڙ دانشورن سان ٽڪراءُ ٿئي ٿو جنهن جي نتيجي ۾ ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو پنهنجو عقيدو ۽ ايمان گم ڪري خدا جو انڪاري، روحانيت کان نفرت ڪندڙ جن، ملائڪن، شياطين، آسماني ڪتابن توڙي پيغمبرن ۽ اولياءَ الله جي وجود جو منڪر بنجي پوي ٿو.

انهيءَ جو سبب هيءَ آهي تہ سنڌيءَ ۾ اڄ تائين ڪو اهڙو عالمانہ ڪتاب اڻ لڀ آهي جنهن ۾ سائنس ۽ روحانيت، مادي ۽ خدا، مذهب ۽ فلسفي بابت مُدلل ۽ تفصيلي بحث ٿيل هجي. انهيءَ ڪري هن ڪتاب ۾ اها ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ مادي ۽ خدا، روحانيت ۽ سائنس، مذهب ۽ فلسفي سان گڏ ملائڪن، پيغمبرن، حيات بعد ممات ۽ ٻين انيڪ موضوعن تي مُدلل ۽ فڪر پريو بحث ڪجي ۽ نتيجو بہ پڙهندڙ تي ڇڏجي تہ هو هيءُ ڪتاب پڙهڻ کانپوءِ مذڪوره موضوعن تي ڇا ٿو سوچي ۽ سمجهي.

هن ڪتاب ۾ نہ رڳو مذهبي مفڪرن ۽ فلسفين ڪي ذڪر هيٺ آندو ويو آهي پر انهي سان گڏ ڪيترن غير مسلم توڙي دهريت پسند ۽ سائنس ڪي مڃيندڙ لامذهب مفڪرن جي خيالن جو بہ جائزو ورتو ويو آهي جن انهن موضوعن تي علمي ۽ عقلي بحث ڪيو آهي. هن ڪتاب مان آزاد ذهن، حق جا متلاشي ۽ غير تقليد پرست شاگرد توڙي عام اهل علم لاڀ حاصل ڪري سگهندا جيڪي کلئي دل ۽ کلئي ذهن سان هيءُ ڪتاب پڙهندا.

مؤلف ڪتاب

علامہ احمد مجتبيٰ غالب

درگاهہ عاليا ملڪاڻي شريف

دادو سنڌ

# باب پھريون

# ابتداءِ ڪتاب

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

## ذات باري تعاليٰ

اسلام جي تعليم آهي ته خداوند تعاليٰ هر شيءِ جو ذي شعور خالق آهي ۽ هو انهيءَ ڪري معبود آهي ته هن ساري ڪائنات کي نيست مان هست بنايو. اسلام ۾ باري تعاليٰ جو نالو الله آهي ۽ خدا ان جو فارسي ترجمو آهي. خدا ٻن لفظن سان مرڪب آهي. "خود آن" يعني جنهنجي ذات پنهنجي ذاتي تقاضا سان موجود هجي ۽ جنهنجو وجود پنهنجو ذاتي وجود هجي. اهو خدا آهي. خدا جو تصور هر ڪنهن جي دل ۾ موجود آهي. جيڪي ماڻهو خدا کي نٿا مڃين. اهي به خدا کي ڄاڻن ضرور ٿا:

**مانا نہیں جس نے تجھکو، جانا ہے ضرور، بھٹکے ہوئے دل میں ہے کھٹکا تیرا!**

اِهو هڪ اصول آهي ته جيستائين ڪا شيءِ موجود نه هوندي. نيستائين ان جو تصور دل ۾ اچڻ ناممڪن آهي. اِهو ڪهڙو راز آهي ته جڏهن کان دنيا وجود ۾ آئي آهي، تڏهن کان وٺي ڪو به زمانو اهڙو ڪونهي گذريو. جنهن ۾ دنيا جي ڪا به قوم خدا جي تصور کان بي نياز رهي هجي. اهو انهيءَ ڪري ته خدا جو تصور ۽ ان جي ذات کي مڃڻ انسان جي فطرت ۾ داخل آهي. ميڏي وڏي دنيا مان چند ماڻهو جيڪڏهن خدا جا منڪر به ڏنا وڃن ته فطري قانون جي حجت سان انهن لاءِ استثنيٰ جو حڪم آهي ۽ هي استثنا پاڻ هن قسم جي قانون کي مضبوط ۽ محڪم ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿي. مثلاً: هر ڪنهن انسان

کي پنهنجي جان پياري آهي. هن فطري جذبي تي هزارين قانون مبني آهن. زندگيءَ سان محبت هر زنده انسان جي فطرت ۾ داخل آهي. پر پوءِ بہ ڪيترا ماڻهو آپگهات ڪري ويهندا آهن. انهن جي اِها حرڪت متئين قانون يعني زندگيءَ سان فطري محبت جي نفي نٿي ڪري سگهي. ساڳيءَ طرح ماڻهو کائڻ پيئڻ کان سواءِ گهڻو وقت زندهہ رهي سگهي ٿو. پر انهيءَ سان اهو نہ چئي سگهبو تہ انسان ۾ کائڻ پيئڻ جي خواهش فطري نہ آهي. اهڙيءَ طرح هر ڪو ماڻهو ڪاڏو پنهنجي مزاج آهر کائي ٿو. پر پسنديءَ جي اختلاف سبب اهو چوڻ ناداني ٿيندي تہ ڪاڏي جي ضرورت فطري نہ آهي.

## مادو ۽ خدا

خدا جي منڪرين جو عقيدو آهي تہ جمادات، نباتات، حيوانات، انسان، فضا، خلا وغيره سڀني جو پيدا ڪندڙ (خالق) مادو آهي. جو پِهريان بي شمار ننڍڙن ناقابل تقسيم ذرڙن جو مجموعو هو. اُهي ذرا ازخود پاڻ ۾ گڏبا ويا ۽ انهن مان عناصر تيار ٿيا. ان کان پوءِ جمادات وجود ۾ آيا. جمادات کان پوءِ حيوانات جنم ورتو. حيوانات جي ارتقا جو خاتمو بن مانس يعني باندر تي ٿيو. صدين گذرڻ بعد آخر باندر مان حضرت انسان وجود ۾ آيو!

تاريخ 4 آگسٽ 1945ع ۾ جپان جي مشهور شهر هيروشيما تي آمريڪا جي هواباز هڪ قيامت خيز بم اُڇلايو هو. جنهن اک ڇنڀ ۾ سٺ هزار انسانن کي جلائي خاڪ ڪري ڇڏيو ۽ هڪ لک عورتون، مرد ۽ ننڍا ٻار سخت زخمي ٿي ڇيچلائي بتدريج موت جو شڪار بنجي ويا. چيو ٿو وڃي تہ اهو ايٽم بم هو. ايٽم جي معنيٰ آهي اڻ تقسيم ٿيندڙ ذرڙو.

يونان جي ڪن دانشورن ۽ هندن جي ڏاهن جو چوڻ هو تہ ذرو (پرمانور) ناقابلِ ورهاست آهي. پر آمريڪا جي سائنسدانن هن ذري کي بہ پاش پاش ڪري يوناني ۽ هندستاني ڏاهن جي فلسفي جون ڌڄيون اڏاري ڇڏيون. هن جوهر جي ٽوڙ ڦوڙ مان هڪ نئين قسم جو

خطرناڪ بم تيار ڪيو ويو آهي، جنهن جو نالو آهي هيڊروجن بم. اِهو ايٽم بم کان هزارين ڀاڱا وڌيڪ تباهه ڪندڙ آهي. ڇيو ٿو وڃي ته اهو بم پوزيٽو (مثبت) يا نيگيوٽو (منفي) برقي ذرڙن جو شاهڪار آهي ۽ انهن برق پارن يا شرارن کي جنهن شيءِ وجود ڏنو آهي ان جو نالو آهي نيبولا. يعني پهريون مادو يا ماده اوليٰ. جو هڪ بادل جي صورت ۾ موجود هو.

هيءَ نيبولا وري ايٿر جو ڪرشمو آهي. جا هڪ قسم جي گيس فضا ۽ خَلا ۾ پکڙيل رهي ٿي. روشني، حرارت، قوت ڦهربائي يا برقي ۽ قوت مقناطيسي وغيره سڀ انهيءَ گيس جو نتيجو آهن.

اُهي عقل جا پتلا ٻڌائين ٿا ته هنن سيني شين جي ابتدي مادي جي اثر جي يعني قوت هاربه مان ٿي آهي. جيڪا بي شعور، بي جان، بي ادراڪ ۽ بي اراده آهي.

غير مسلم مفڪر ۽ سائنسدان صرف ايتري تائين معلوم ڪري سگهيا آهن. سندن عقيدو آهي ته اسين ان شيءِ کي تسليم ڪنداسين. جنهن کي محسوس ڪري سگهون!

ٻئي طرف کان فضا ۽ عالم ۾ عجيب حسن آهي، ترتيب آهي، تنظيم آهي، تقدير آهي. ڏسبو ته دنيا جي هر ڪا شيءِ ڪنهن نه ڪنهن قانون اندر ڪم ڪندي رهي ٿي.

اُهي مفڪر تسليم ڪن ٿا ته هو ايٿر کي نٿا ڏسي سگهن. جيتوڻيڪ ايٿر جو گولو زمين جي گولي کان پندرهن ڪرب ڀاڱا وڏو آهي.

اِهو ايٿر، ڪاري نُور جي ڏهن ٻارهن قسمن جون لهرون آهن. انهن مان هڪڙو قسم يا لهر، جنهن کي ايڪسري ڇيو وڃي ٿو، لاشعاعي تصوير آهي. اُهي سڀ لهرون هڪ قسم جي قانون جون تابع آهن. جو پڻ بالڪل اونداهو ۽ بي حس آهي، جنهن ۾ نه ادراڪ آهي ۽ نه ڪنهن

قسم جو احساس، سڀ شيءِ کي پنهنجي قانون اندر هلڻ لاءِ خود قرآن مجيد پڻ فرمايو آهي:

"لَهُ أَسْلَمَ مَنْ فِي السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ"

يعني: "ڪائنات جي پلي ڪهڙي به شيءِ هجي سڀ شيون قانون جي تابع آهن".

هتي سوال ٿو اٿي ته اهو قانون ڪنهن جو پيدا ڪيل آهي. اڄڪلهه جي سائنس اها هڪ حيران ڪن ڳالهه سمجهائي چڪي آهي ته ايٿر جنهن مان برقي روشني پيدا ٿئي ٿي. خود تاريڪ ۽ اونداهو آهي، جنهن ۾ ڪا به شيءِ نٿي ڏسي سگهجي. ته پوءِ اهو نور ۽ برقي روشني ڪٿان آئي؟

قرآن مجيد هن ڳالهه جي عقيدو ڪشائي هينئين لفظن ۾ فرمائي آهي:

"اللّٰهُ نُورُ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ"

يعني: "انهن سينئي شين کي روشني عطا ڪرڻ وارو الله تعاليٰ آهي".

اسلام جي تعليم آهي ته هيءَ دنيا صفات خدا وندي جو پاڇو آهي. دنيا جو ظهور انهيءَ ڪري ٿيو ته الله تعاليٰ پنهنجي شان ۽ قدرت جو اظهار فرمائي. جڏهن دنيا ظاهر نه هئي تڏهن سڀ شيءِ خدا تعاليٰ جي ذات ۾ هئي. گويا ان وقت خدا تعاليٰ جي صفت باطن جلوي نما هئي. قرآن مجيد جي ارشاد "هُوَ الظَّاهِرِ. هُوَ البَاطِنِ" جو اصلي مفهوم پڻ اهو ئي آهي.

اهو مادو هجي يا نيبولا. ايٿر هجي يا ايٿر، جون سياهه لهرون. جن کي منڪرين خدا عظيم قوت سمجهي ويٺا آهن. سينئي جو خالق الله تعاليٰ آهي، جنهن هن ساري دنيا کي ارادي سان وجود ۾ آندو آهي.

ڪن مذهبن ۾ جيڪو عقيدو آهي ته ڪائنات کي ئي خدا ڪري مڃيندا آهن. مگر اِنهيءَ ۾ گناهن ۽ ثوابن، نيڪين ۽ بدين، جزا ۽ سزا

وغيره جا دفتر ڏوبي وڃن ٿا. دراصل هيءَ ڪائنات الله تعاليٰ جي پاڇي يا پرتوي مان وجود ۾ آئي آهي. ڪوئلو سج جي ذريعي پيدا ٿئي ٿو. مگر سج مان نڪري ڪونه ٿو. ڪوئلو ڪارو ڪيئن آهي ۽ سج روشنيءَ جو سرچشمو. ڳل ٽاريءَ مان اپري ٿو. مگر خود ٽاري ٽٽو بڻجي سگهي.

## تخليق عالم:

منڪرين خدا صرف ماده پرست ۽ اڪثر مارڪسي[1] نظريي جا پوئلڳ آهن. روس، رومانيه، بلغاريه، چين، پولينڊ، زيڪوسلاويه وغيره حڪومتون گهڻو ڪري هن نظريي جون حامي آهن.

دنيا جي پيدائش بنسبت سندن عقيدو آهي ته ناقابل تقسيم ذرا قوت جاذبه (فورس) سبب پاڻ ۾ گڏبا ويا. جن مان هڪ ٻرندڙ گولو ٺهي پيو. جيڪو اڄلهه "سج" چيو وڃي ٿو! اهو گولو پنهنجي محور جي چوڌاري ڦرڻ لڳو. هڪ پيدائشي قانون جي زير اثر اهو گولو وڏيڪ پڙڪي تيز گردش ڪندو رهيو. ان تيزيءَ سبب جيڪي شعلا هن مان جدا ٿيندا رهيا. انهن مان ستارا پيدا ٿيا. اهي پڻ پنهنجي محور جي چوڌاري گردش ڪندا رهيا. انهن مان چنڊ، عطارد، مريخ، زحل، مشتري، زهره ۽ اسان جي زمين پڻ آهي. هيءَ زمين پڻ خوب گردش ڪندي رهي. گهڻي زماني گذرڻ بعد آخر وئي ٿڌي ٿيندي، جنهن تي پوءِ پاڻي ڦر، فصل، وڻ، ٻوٽا، سبزيون، بري، بحري، هوائي حيوانات وغيره پيدا ٿيندا رهيا. نهايت دراز عرصي تائين انسان ذات کان هيءَ خالي رهي. آخر گهڻي زماني کانپوءِ حضرت انسان به زمين تي پيدا ٿيو.

انهن ڏاهن کي انهيءَ ڳالهه کان انڪار ڪونهي ته هيءَ سڀ جيڪي ڪجهه آهي سو مادي جي چُرپُر جو سبب يا اثر آهي. مادو

---

[1] ڪارل مارڪس جرمنيءَ جو هڪ يهودي فلاسفر هو، ڪجهه زمانو هو هڪ انقلابي اخبار جو ايڊيٽر رهيو، جنهن ۾ پنهنجي آزاد نظريه جو خوب پرچار ڪيائين ۽ مشهور ٿيو. سن 1883ع ۾ وفات ڪيائين.

"آءٌ شعور کي هڪ بنيادي حقيقت چوندس، آءٌ مادي ۽ شعور جي نتيجن جو چڱيءَ طرح ڄاڻو آهيان. اسين شعور کان اڳتي هرگز نٿا وڃي سگهون. اسين جنهن به شيءِ جو ذڪر ڪيون يا جنهن به شيءِ جو تصور ڪري سگهون، ان جي هستي شعور تي ئي مبني ٿي سگهي ٿي".

دنيا جو مايه ناز ڏاهو آئنسٽائن رقمطراز آهي:

"ڪائنات تي شعور جي حڪومت قائم آهي، جيتوڻيڪ اهو شعور ڪنهن رياضي دان ماهر جو سمجهيو وڃي يا ڪنهن شاعر ۽ اديب جو يا ڪنهن مصور جو".

سر جيمز جينز جا استدلال حسب ذيل آهن:

"مادو غير حقيقي شيءِ آهي، تنهن ڪري ڪائنات آخر رياضيات جي مجموعي کان سوا ٻي ڪا به شيءِ ثابت نه ٿي سگهندي. ڪائنات هڪ شعور جي تخليق آهي".

هيءَ صاحب پنهنجي ڪتاب پراسرار ڪائنات ۾ وڌيڪ لکي ٿو ته:

"هيءَ ڪائنات ڪلهه جي بجاءِ اڄ هڪ وڏي تصور جي صورت ۾ نظر اچي رهي آهي. اسان کي هن مادي دنيا جو خالق شعور کي ئي قرار ڏيڻ گهرجي."

پروفيسر جي ايس هالڊين لکي ٿو:

"اهي ڏاها جيڪي علم الحيات جو سنجيدگيءَ سان مطالعو ڪندڙ آهن. هاڻي هن ڳالهه جا قائل ٿيا آهن ته زندگي فقط مادي جي ڪنهن ڪيميائي ترڪيب جو نتيجو آهي.

جرمن جو ماهر حيات پروفيسر ڊريش رقمطراز آهي.

"ماحول جي خارجي ڪيفيت کان متاثر ٿيڻ سبب هڪڙي زنده حيوان کان جيڪي حرڪات صادر ٿين ٿا، اهي لوهه جي ڪنهن انجڻ

کان بلڪل مختلف آهن. اسين جيڪڏهن زنده جانور جي ڪنهن عضوي جو گوشت وڍي ڇڏيون ته ٿورن ڏينهن ۾ ان جي عوض ٻيو گوشت پيدا ٿي ان زخم جي تلافي ڪري سگهندو. مگر لوهہ جي انجڻ پنهنجي ڪنهن بہ بِگل پرزي کي خود بخود ٺيڪ ڪرڻ جي صلاحيت هرگز نٿي رکي سگهي“.

انهن سيني شاهدين مان ثابت ٿيندو تہ اڄڪلهہ جا غير مسلم ڏاها ۽ فلاسفر بہ مادي جي بجاءِ شعور جي حڪومت ۽ وجود کي ڪائنات جو سرچشمو مڃين ٿا. پر انهن لاءِ بہ اسان کي چوڻو آهي تہ طعام جي لذت طعام کائڻ واري کي معلوم ٿي سگهي ٿي يا خود طعام کي. يعني شعور دنيا جو خالق آهي يا خالقِ شعور دنيا جو خالق؟

اسان جو عقيدو آهي تہ ڪائنات جو خالق مادو نہ آهي. قانون نہ آهي. شعور نہ آهي پر اها ذي شعور هستي آهي، جا عليم خبير آهي، سميع بصير آهي، قادر آهي، خالق آهي ۽ ذي اراده آهي. اهو آهي خدا، جنهن شعور کي بہ عدم مان وجود ۾ آندو.

مٿين بيان مان معلوم ٿيندو تہ مادي پرست نظريي جا حامي بہ ايترو مڃين ٿا تہ هن دنيا جو هڪڙو ابتدا ڪندڙ يا شروع ڪرڻ وارو ڪو نہ ڪو ضرور آهي. پوءِ مادو هجي يا ڇُرپُر جو قانون عهد حاضره جا دانشور ۽ سائنسدان وري هن نظريي ۾ نرمي ۽ ترميم آڻي صاف چون ٿا تہ مادي جي بجاءِ دنيا جو خالق شعور آهي. ٻنهي ڌرين جي مقابلي ۾ اهي ماڻهو جن جو خداءِ برتر تي ايمان آهي. چون ٿا تہ دنيا جو خالق اهو آهي، جو ذي اراده ۽ خود شعور جو خالق آهي.

اوهين سمجهو تہ ڪنهن ريگستان جو سفر طئي ڪري رهيا آهيو. منزل جي طرف هلندي هوا جي گرم جهوٽن اوهان کي نهايت بي چين ڪري وڌو آهي. ايتري ۾ ڪنهن اهڙي جڳهہ تي پهچو ٿا، جاتي هڪ پڪي ۽ ٿڌي زبردست عمارت آهي. ان ۾ ڪرسيون قالين، پکا وغيره سڀ ڪجهہ موجود آهن. عمارت نهايت صاف سٿري آهي. اوهين ٿڪا، ٽُٽا ان ۾ آرام ڪيو ٿا. ٿڪ ڀڃو ٿا. کائو . پيو ٿا ۽ عيش

n-2025, 21:47

عشرت سان وقت گذاريو ٿا. ڇا! اُن باوجود اوهين ان عمارت جي مالڪ جو ڪوبہ شڪريو ادا نہ ڪري سگهندا؟ يا ان جي عدم موجودگيءَ ۾ ان کي هن دعا سان ياد نہ فرمائيندا تہ "خدا ان جو ڀلو ڪري". انهيءَ کانسواءِ ان عمارت کي ڏسي اوهان جو عقل ائين سوچيندو تہ هيءَ ايڏي عظيم عمارت هوا جي حرڪت ۽ ذرڙن جي اتفاقيہ ميلاپ سبب پاڻهين وجود ۾ آئي آهي؟ يا هن عمارت جي ايوان وارا وڻ پاڻهين ڦٽي پيا ۽ هن جا دروازا ٺهي پيا آهن. هي سڀ سامان جيڪي بہ عمارت سان لاڳاپيل آهن، سو پاڻهين سواءِ ڪنهن مالڪ، معمار ۽ مزدورن وغيره جي ڪنهن ارادي ۽ اختياري صناعي کان سواءِ ازخود وجود ۾ آيو آهي.

ممڪن آهي تہ اوهان کي اهو معلوم نہ ٿي سگهي تہ هن آرام گاهہ جو بنائيندڙ ڪير آهي، پر اهو ڪڏهن بہ نہ چئي سگهندا تہ هن جو بنائيندڙ ڪير بہ ڪونهي. ڇا؟ اوهان کي ڪنهن ڪارخاني، ڪنهن انجڻ يا ڪنهن جهاز جي نسبت ڪڏهن اهو خيال آيو آهي تہ هيءَ سڀ بي شعور ذرن جي ذاتي جوڙجڪ جو ڪرشمو آهي.

ڇا؟ ڪائنات جون جيڪي بہ شيون آهن هڪ جزي جي حيثيت نہ ٿيون رکن؟ ڇا! اوهين ٻڌائيندا تہ منطق جي اصول موجب جزو ڪل جو مغائر ٿي سگهي ٿو؟ جڏهن جزي جي نسبت اوهين نٿا چئي سگهو تہ هيءَ بي شعور ذرن جي اتفاقي ميلاپ جو نتيجو آهي. خالق ڪهڙي طرح ساري ڪائنات ۾ هيءَ ڦهليل فضا، هيءَ سرسبز زمين هيءَ بلند بالا آسمان ۽ ان جي ڇت ۾ سج، چنڊ، تارا ۽ نظام شمسي وغيره اوهين چوندا تہ ازخود آهن يا ازخدا آهن؟

حقيقت هيءَ آهي تہ هر هڪ شيءِ ۾ هڪ خاص شان آهي ۽ هڪ خاص وصف آهي، ڪائنات جون سڀ شيون هڪ ٻئي سان وابستہ آهن. گويا هڪڙي زنجير جون مسلسل ڪڙيون آهن. هڪڙي گهر جو سامان آهن. هنن سڀني شين جو هجڻ هڪ خاص مقصد لاءِ آهي. ڪائنات جي مشين جو هر هڪ پرزو ڪنهن خاص غرض لاءِ پنهنجي پنهنجي جڳهہ تي فٽ ڪيو ويو آهي.

چا اوهين پنهنجي جسم ڏي نٿا ڏسي سگهو ته اوهان جي بدن ۾ سنڌن ۽ جوڙن جا گهڻا قسم آهن. ڪي انجيسي آهن ته ڪي گول پيالي وانگر ته ڪي ٻئي قسم جا. دل، جگر، دماغ ۽ ٻين نرم عضون ڏي ڏسي اهو نه چئي سگهندا ته اهي سڀ نازڪ ترين شيون مضبوط هڏائين پڃري ۾ ڪنهن خاص حڪمت واري جوڙ رکيل آهن. اوهان پنهنجا هٿ پير بدن جي ڪل ۽ نازڪ تنتي سرشتو ڏسي ايترو نٿا محسوس ڪري سگهو ته هنن جي ٺاهڻ واري ڪاريگر ڪي اڳ ۾ ئي معلوم هو ته هن عاجز مخلوق کي ڪهڙيون ڪهڙيون بدني ۽ جسماني ضرورتون پيش اينديون.

ممڪن آهي ته اوهين ڪنهن خوب صورت عمارت کي ڏسي ان جي بڻائيندڙ معمار جي تعريف ۾ سرگرم رهو. مگر پنهنجي نازڪ ۽ حسين ترين جسم کي ڏسي اوهان جي دل ۽ زبان فقط هيترو نٿي چئي سگهي ته: "فَتَبَارَكَ اللهُ أَحْسَنُ الْخَالِقِينَ" چا ڪنهن خوبصورت نظاري به اوهان کي ڪڏهن هنن لفظن چوڻ تي مجبور ناهي ڪيو؟

انسان جيتوڻيڪ نهايت بلند بالاهستيءَ جو مالڪ آهي، پر پوءِ به هو، هوا، باهه، پاڻي، پوشاڪ، کاڌ خوراڪ ۽ گهر وغيره جو محتاج آهي. ڪيس گرمي، سردي، بک ۽ بيماري ستائي ٿي. ان ڪري هنن سڀني ڳالهين جو حل تلاش ڪندو رهي ٿو ته جيئن سندس زندگي آرام سان گذري. هو ڄاڻي ٿو ته اُهي سڀ اسباب کيس زمين مان ئي حاصل ٿي سگهن ٿا. سج نه هجي ته زمين بيڪار آهي. سج زمين کان نو ڪروڙ ستاويهه لک ميل پري آهي. زمين تي سندس روشني ڪم و بيش اٺن منٽن ۾ پهچي سگهي ٿي.

علم الاهيات جا ماهر ٻڌائين ٿا ته اتر قطب جي روشني زمين تائين پهچڻ ۾ ڏهه هزار ورهيه لڳن ٿا. هن اندازي مان معلوم ٿيندو ته زمين کان اهو ستارو ايترو ته پري آهي، جو ان جي ميلن جو اندازو ڳڻي نٿو سگهجي. عام حساب اهو لڳايو ويو آهي ته هي ستارو زمين کان

تقريبا 92700000x6590000000 ميل پري آهي. وڏيڪ معلوم نٿو ٿي سگهي.

سج جي جسامت (ڊيگهه ويڪر) زمين جي جسامت کان ٻارهن لک حصا وڏيڪ آهي. وري جيترو سج زمين جي ذرڙي کان وڏو آهي، اوترو ڪهڪشان جي ثوابت ۽ ستارن جو مجموعو سج کان وڏي جسامت رکي ٿو. ڪهڪشان ۾ اربين، ستارا ۽ سيارا موجود آهن.

هڪ طرف خدا جي قدرت جو اهو مثال آهي. ٻئي طرف سائنسدانن جي قول موجب ڏسندا ته سُئي جي نوڪ تي جيترو پاڻي جو قطرو چڙهي سگهي ٿو، ان ۾ به نهايت سنهڙا سنهڙا ايترا جيوڙا (ڪيڙا) موجود رهن ٿا. جيترا زمين تي ماڻهو آباد آهن. يعني ڪروڙين ۽ اربين! اهو قانون ڪنهنجو پيدا ڪيل آهي؟ ۽ ان تي تصرف پيدا ڪرڻ جي قدرت ڪير ٿو رکي؟

انهيءَ جو جواب قرآن مجيد ۾ ڏسو:

”فَتَبَارَكَ اللّٰهُ بِيَدِهِ الْمُلْكُ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ“

يعني: ”وڏي برڪت وارو اهو خدا آهي ۽ سڀ شيءِ جو مالڪ. جنهن جي قبضي ۽ تصرف ۾ هيءَ سڀ اختيارات آهن ۽ اهو ڪائنات جي سڀ شيءِ تي قادر آهي“.

قدرت جي نظارن کان انسان خود حيران آهي. خبر ڪانهيس ته پاڻ ڇا آهي ۽ ڪٿان آيو آهي! سندس اچڻ جي هت ضرورت ڪهڙي هئي؟ شاعر جي زبان ۾ ٻڌندا:

”تمنائوں میں الجھایا گیا ہوں

کھلونے دے کے بہلایا گیا ہوں

**ميرے آنے کا مقصد ان سے پوچھو**

**ميں خود آيا نہيں، لايا گيا ہوں۔**

يورپ جي مشهور انگريز فلسفي نيوٽن هڪ مفيد نڪتو لکيو آهي ته: هڪ ڪمزور ماڻهو جيڪو مڻ سوا جو بار ڏهن قدمن تائين کڻي هلڻ ۾ عاجز هجي. اهو هيءُ فيصلو ڇو ٿو ڪري ته اِهو بار ڪو ٻيو طاقتور ماڻهو به نه کڻي سگهندو. اهڙيءَ طرح اهو به ڪير نٿو چئي سگهي ته جيڪا ڳالهه پنهنجي عقل ۽ فهم آهر هو نٿو سمجهي سگهي ته ان ڳالهه کي ٻيو ڪو به انسان نه سمجهي سگهندو! ڪيترا نيڪ انسان ٿي گذريا آهن. جن تي غيب جي طرفان وقت به وقت وحي نازل ٿيندو رهيو ٿي. جيڪڏهن انهن دعويٰ سان ٻڌايو ته خدا آهي ته اسان کي ڇو انڪار ڪرڻ گهرجي ته خدا ڪونهي ۽ اُهي نيڪ انسان پنهنجي قول ۾ ڇا سچا نه آهن. ڪنهن حقيقت جي ڄاڻ نه هئڻ ان جي عدم وجود تي هرگز دلالت نٿو ڪري سگهي.

ڏاهي ارسطو[2] جي قول موجب ڪائنات جي تمام اجزاء ۾ ڪنهن نه ڪنهن قسم جي چُرپُر ضرور آهي. ڇو ته سڀ اجسام روزمره وڌجن گهٽجن پيا.

**سکون خالی ہے دنيا کے کارخانے ميں**

پراڻا اجزا فنا ٿيندا رهن ٿا ۽ انهن جا نوان نوان جزا پيدا ٿين ٿا. جزن جو هر وقت بدلجڻ ئي خاص قسم جو تحرڪ آهي. اهو لازمي آهي ته هن تحرڪ جو ڪو محرڪ هئڻ گهرجي. هن نظريه لاءِ ٻه صورتون آهن. هڪ ته هلندي هلندي اهو سلسلو آخر ختم ٿي وڃي ۽ پڇاڙيءَ جو هڪ اهڙو وجود ثابت ٿئي، جيڪو پاڻ سمورين شين جو محرڪ هجي. اهو خدا آهي. ٻيو ته

---

[2] ڏاهو ارسطو افلاطون جو شاگرد هو. سن 347 قبل مسيح، افلاطون جي وفات وقت ارسطو جي عمر 37 ورهيه هئي. سڪندر مقدوني جو استاد هو. سڪندر جي والد فلپ ارسطوء کي سڪندر جي خاص تعليم لاء پڻ وٽ گهرائي سڪندر جو استاد مقرر ڪيو. مؤلف

n-2025, 21:47

جيڪڏهن هي سلسلو ختم نٿي سگهيو ته ان صورت ۾ غير متناهي جو وجود لازم ٿيندو. جو هر حالت ۾ محال آهي.

"اين خيال است و محال است جنون"

فلسفي جي اصطلاح ۾ دنيا جي هر ڪا شيءِ يا جوهر آهي يا عرض. اها سڀيئي حقيقت آهي ته جوهر هجي يا عرض. پنهنجي حادث آهن عرض جو حادث هجڻ هت لازمي آهي. جيئن رنگ يا خوشبو. جوهر وري انهيءَ ڪري حادث آهي ته هو عرض کان خالي نٿو رهي سگهي. لازمي آهي ته هنن پنهنجي شين جو ڪو خالق هجي. اهو خدا آهي. جو فنائيت کان پاڪ آهي.

فلسفي جي اصطلاح ۾ علت ۽ معلول ٻه شيون آهن. جن جي سلسلي کان دنيا آزاد نه آهي. حضرت رومي جي قول موجب علت ۾ خصوصيت معلول کان وڌيڪ ٿئي ٿي. ورنه علت علت نه چئي سگهبي. دنيا ۾ ممڪنات جو سلسلو ظاهر آهي. اهو سلسلو معلول چئي سگهبو. هن لاءِ ڪانه ڪا علت هجڻ لازمي آهي. چو ته ممڪنات جي علت ممڪنات نٿي ٿي سگهي. ان لاءِ واجب الوجود جي ضرورت آهي. جو خدا آهي!

تخليق عالم يا تخليق ڪائنات هڪ اتفاقي حادثو آهي. يا هڪ منصوبو. هن موضوع تي ڊاڪٽر فرينڪ ايلن ايم. اي پي ايچ. ڊي پروفيسر طبعيات ميلني ٽوبا يونيورسٽي ڪينيڊا جا تاثرات اسان لاءِ نهايت مفيد ۽ مدلل ثابت ٿيندا.

هو فرمائي ٿو:

"هن ڳالهه کي ثابت ڪرڻ لاءِ جيتوڻيڪ ڪوڙ ڀيرا ڪوشش ڪئي وئي آهي ته هيءَ مادي دنيا پنهنجي وجود لاءِ ڪنهن خالق جي محتاج نه آهي. مگر جيئن ته هن جهان جو وجود بهرحال هڪ حيرت انگيز تخليقي واقعو ٿيو پيو پائنجي. جنهن لاءِ ڪو به انڪار نٿو ڪري سگهجي. ان ڪري لامحاله ڪائنات جي وجود جي ڪانه ڪا وضاحت ضرور ڪرڻي پوي ٿي. عام طور هن حقيقت جا چار نظريا پيش ڪيا ويا آهن "هڪ اهو ته هن دنيا جو وجود هڪ فريب نظر ۽ هڪ وهم آهي. جنهن جي اصل حقيقت ڪا به ڪانهي!"

ٻيو ته: "هيءَ ڪائنات ازخود عدم مان وجود ۾ آئي آهي".

ٽيون ته: "هي ازلي ابدي (فلسفي جي اصطلاح ۾) قديم آهي. جنهن جو آغاز ۽ اختتام ڪو به ڪونهي".

چوٿون نظريو هيءَ ته: "ڪائنات هڪ خالق جي تخليق جي ارادي جو شاهڪار آهي"

انهيءَ ڪان پوءِ فرينڪ ايلن پهرين ٻن نظرين کي نظر انداز ڪري انهن تي ڪو خاص بحث ڪونه ٿو ڪري. پر ٽئين نظريي لاءِ لکي ٿو:

"ڪائنات جي ازلي ابدي جي وصف گهٽ ۾ گهٽ نظريي تخليق سان ڪنهن پاسي ڪان رابطو ڪائي ٿي. مگر ڏسڻو آهي ته ڇا هي جامد مادو پنهنجي اندر موجود توانائي سان ازلي ۽ ابدي وجود رکي ٿو. يا سندس خالق جي ذات ازلي ۽ ابدي آهي. ڪنهن نه ڪنهن لحاظ سان هنن ٻنهي تصورن جا دليل به تقريباً هڪ جهڙا ٿي سگهن ٿا. مگر حرڪيات جي قانون مان اهو معلوم ٿي سگهي ٿو ته هيءَ ساري ڪائنات ڏينهون ڏينهن وچي ٿي زوال پذير ٿيندي. هڪڙو وقت اهو به اچڻو آهي. جنهن ۾ هي تمام موجودات پنهنجي حرارت بالڪل ختم ڪري ويهندا. توانائي ۽ قوت فنا ٿي ويندا. جنهن ڪري هر ذي حيات شيءِ جي زندگي ناممڪن ٿي پوندي.

هيءَ آسمانن جو بادشاهه سج. هيءَ چمڪندڙ تارا. هيءَ هنگامن سان ڀرپور زمين. وغيره هن ڳالهه جا جامع شاهد آهن ته هن ڪائنات جو ڪونه ڪو نقطهءِ آغاز ضرور آهي ۽ هڪ مقرر ۽ معين مدت اندر وجود ۾ آئي آهي. اها حقيقت هن ڳالهه جي رهنمائي ٿي ڪري ته هي دنيا ازخود ڪڏهن به وجود ۾ ڪانهي آئي. بلڪ ڪنهن قوت جي تخليق جو ڪرشمو آهي. هن قانون جي تسليم ڪرڻ کان سواءِ ڪوبه چارو ڪونهي ته علت اوليٰ جي حيثيت سان هڪ ازلي ۽ ابدي ذات ۽ هڪ قدير هستيءَ جو وجود لازمي هئڻ گهرجي. جنهن هن ڪائنات کي صورت جو وجود بخشيو ۽ خوبصورتي عطا فرمائي!

زندگيءَ جي قائم ۽ برقرار رکڻ لاءِ هن ڌرتيءَ تي اهڙا انتظامات ۽ آثار موجود آهن. جن کي ڏسي ڪنهن طرح به اهو باور نٿو ڪري سگهجي ته هيءَ سڀ ڪجهه جيڪي به آهي سو محض اتفاقي حادثي جو نتيجو آهي.

پهرين ڳالهه هيءَ ته هيءَ زمين هڪ گولي جي شڪل ۾ هوا ۾ ٽنگيل آهي ۽ پنهنجي قطبي محور تي اهڙيءَ طرح گردش ڪندي رهي ٿي جو ان جي سبب ڏينهن کان پوءِ رات ۽ رات کان پوءِ ڏينهن ظاهر ٿين ٿا. صرف ايترو نه پر سج جي چوطرف پڻ گردش ڪرڻ سان سال ۾ پنهنجو هڪ چڪر پورو ڪري ٿي. زمين جي اها ڇُرپُر ۽ ڦيرو سواءِ ڪنهن سهاري خلا ۾ قائم رهي ٿي. ان ڪانسواءِ قطبي محور تي پنهنجي مدار جي طرف سندس 23 درجي جهڪائو موسمن کي باقاعدي پيدا ڪري ٿو. جنهن جي نتيجي ۾ زمين جو وڏي ۾ وڏو حصو آباديءَ جي لائق رهي ٿو ۽ مختلف قسمن جا ڪئين فصل ۽ کيت رنگارنگي گل ۽ وڻ پيدا ٿي زمين جي رونق ۽ افاديت جو سبب بنجن ٿا. پر جيڪڏهن زمين ساڪن ۽ جامد هجي ها. ڇُرپُر نه ڪري ها ته زراعت ۽ نباتات ۾ ايترا قسمين قسمين آثار ۽ انواع ممڪن نه هئا. ٻيو ته ڪيترا اهڙا گيسز. جي بقاءِ حيات لاءِ ضروري آهن ۽ جي فضا ۾ زمين کان تقريبا پنج سو ميلن جي بلنديءَ تائين پکڙيل رهن ٿا انهن جو سنهڙو پردو زمين کي انهن شهاب ثاقب جي تباهه ڪن بارش کان

محفوظ ٿو رکي جي روز ٻن ڪروڙن جي تعداد ۾ ٽيهه ميل في سيڪنڊ جي رفتار سان زمين جي فضا ۾ داخل ٿين ٿا.

انهيءَ ڪانسواءِ هوائون، بادلن جي صورت ۾ سمنڊن جي تازي پاڻيءَ کي ٻاڦ جي صورت ۾ کڻي دور دراز ملڪن جي خشڪ ۽ بنجر زمين کي سيراب ڪن ٿيون. جيڪڏهن بارش نه پوي ته هوند ساري زمين بي آب و گياه ريگستان جي شڪل ۾ تبديل ٿي وڃي. مگر فطرت سمنڊن ۽ هوائن جي هم آهنگيءَ کي هن زمين جي بقاءَ ۽ زندگيءَ جو ذريعو بنائي پنهنجي طاقت جو ثبوت ڏنو آهي.

صرف سادي پاڻيءَ تي غور ۽ فڪر ڪريو ۽ طبع جي سنجيدگيءَ کان ڪم وٺو. پاڻيءَ ۾ چار اهم خصوصيتون موجود آهن.

هڪ ته پاڻي گهڻ ۾ گهڻ پنهنجي گرمي جي درجي ۾ آڪسيجن جي وڏ کان وڏ مقدار کي جذب ڪري ٿو.

ٻيو هيءَ ته سندس ڪثافت انتهائي درجي کي پهچي سگهي ٿي. ان ڪري سخت سرديءَ جي موسم ۾ به دريائن ۽ ڍنڍن جو پاڻي ڄمي برف نٿو ٿي سگهي.

ٽيون ته: صرف برف جي ڪثافت پاڻيءَ کان گهٽ ٿئي ٿي. تنهن ڪري برف پاڻيءَ جي سطح تي هوندي آهي.

چوٿون ته: جڏهن پاڻي ڄمي ٿو. تڏهن حرارت گهڻي مقدار ۾ خارج ڪندو رهي ٿو. انهيءَ خصوصيت سبب سخت سرديءَ جي ڏگهي موسم ۾ دريائن ۽ ڍنڍن جا بي شمار حيوان زنده رهي سگهن ٿا. نه ته سندن حياتي ناممڪن هئي.

هن کان پوءِ زمين جي جوڙجڪ ۽ مقدار کي معلوم ڪرڻ لاءِ اچو!

زمين جي جسامت جيڪڏهن موجوده ڊيگهه ويڪر کان گهٽ هجي ها ته ان ۾ بقاءِ زندگيءَ جو هجڻ محال هو.

زمين چنڊ کان وڏي آهي، پر جيڪڏهن چنڊ جيڏي هجي ها، يعني سندس قطر اصل جي بنسبت 1/4 هجي ها ته سندس ڪشش ثقل موجوده ڪشش ثقل جو 1/4 رهجي وڃي ها. جنهن ۾ پاڻي ۽ هوا جو وجود ناممڪن هو. اهڙيءَ حالت ۾ جيڪڏهن گرميءَ جو درجو چڙهي ها ته انتهائي حد تائين پهچي وڃي ها ۽ جي ڪِري ها ته به انتهائي حد تائين ڪري پوي ها!

انهيءَ جي ابتڙ جيڪڏهن زمين جو گولو موجوده گولي کان ٻيڻو هجي ها ته وري سندس سطح موجوده سطح کان چوڻي ٿي وڃي ها. انهيءَ ڪري ڪشش ثقل به موجوده حالت کان ٻيڻي هجي ها. ان ڪري هوا جي تهه جي جسامت خطرناڪ حد تائين گهٽجي وڃي ها ۽ هوا جي داٻ ۾ في چورس انچ جي حساب سان پندرهن کان ٽيهن پائونڊن تائين اضافو ٿي وڃي ها. جنهن جو ردِ عمل زندگيءَ لاءِ نهايت خطرناڪ هو. دنيا ۾ ٿورڙا ڪي ملڪ رهن ها. جن ۾ زندگي ۽ آبادي ممڪن هئي. هڪڙو ملڪ ٻئي ملڪ کان بالڪل ڪٽجي وڃي ها. هڪڙي علائقي کان ٻئي علائقي تائين آمدرفت مشڪل بلڪ ناممڪن هئي.

وري جيڪڏهن اسان جي زمين سج جيتري وڏي هجي ها ته سندس ڪشش ثقل موجوده حالت ۾ ڏيڍوڻي ٿي وڃي ها. هوا جي تهه جو دٻاءُ گهٽجي پنج سو ميلن جي بجاءِ صرف چار ميل رهي ها. پاڻيءَ جو ٻاڦ ۾ تبديل ٿيڻ ته صفا ناممڪن هو ۽ هوا جو داٻ في چورس انچ جي حساب سان هڪ ٽن جي وزن تائين وڃي پهچي ها. هڪ پائونڊ وزني جانور جو وزن وڌي ڏيڍ سئو پائونڊ ٿي وڃي ها. انسان جو جسم گهٽجي ڪوئي جيترو ڏسڻ ۾ اچي ها. اهڙيءَ حالت ۾ ڪنهن به ذي حيات شيءِ جي ذهني زندگي ۽ ان جي نشونما ٿيڻ بالڪل ناممڪن هئي. ٻئي طرف کان زمين جو موجوده مفاصلو سج کان جيڪڏهن وڌائي ٻيڻو ڪيو وڃي ها ته سج جي حرارت جو مقدار گهٽجي صرف چوٿون حصو وڃي رهي ها. گردش جي رفتار موجوده رفتار کان اڌ جيتري هجي ها. سياري جي موسم وڌي ٻيڻي ٿي وڃي ها. سخت سردي پوڻ ڪري زندگي برف ٿي فنا ٿي وڃي ها. پر جيڪڏهن زمين جو

مفاصلو موجوده مفاصلي کان گهٽائي اڌ تي آندو وڃي ها ته سج جي حرارت وڏي چوڻي ٿي وڃي ها. ان حالت ۾ زمين جي گردش جي رفتار پڻ ٻيڻي تيز ٿي وڃي ها. موسمن ۾ گهڻو ڪري تبديليءَ جو ته امڪان ئي ڪونه هو. پر جيڪڏهن سيارو اچي ها ته به لاچار موجوده مدت جو اڌ رهي سگهي ها زمين تي تپش ۽ گرمي اهڙي ته وڏي وڃي ها. جو ڪنهن به شيءِ جي زندگيءَ جو برقرار رهڻ ناممڪن هو. زمين جي موجوده جسامت سج کان موجوده مفاصلي ۽ گردش جي مقرر رفتار وغيره اهڙيون ڳالهيون آهن. جن جي توازن ۽ اعتدال سبب ئي زمين تي زندگي برقرار رهڻ ممڪن آهي.

ممڪنات زندگيءَ جا اهي سڀ لوازمات ۽ قانون ڪنهن جا پيدا ڪيل آهن ۽ ان لاءِ فرينڪ ايلن جي زبان ۾ صرف هڪ عقل ڪل ۽ هڪ بي حد و اعليٰ ذهن جو مالڪ يعني خدا آهي. اهو ئي سوچي سگهي ٿو ته زندگيءَ جي وڌڻ ويجهڻ لاءِ هن طرح جو نظام موزون ٿي سگهي ٿو.

رابرٽ مارس بيج (ايم. ايس. سي. ايس. ڊي. ايس. سي) ماهر طبيعات لکي ٿو ته: "اڪثر ماڻهن جو خيال آهي ته خدا هڪ روحاني وجود آهي. جو هن عالم طبيعي اندر محدود نٿو ٿي سگهي. بلڪ اقليم فطرت جي لاءِ محدود و معقول تي محيط آهي ۽ زمان و مڪان جي انهن سڀني بندشن کان آزاد آهي. جن تي اسين پنهنجي تجربات ۽ مشاهدات جو بنياد رکي سگهون ٿا. اسان کي اهو تسليم ڪرڻو پوندو ته هيءَ عالم طبيعي ۽ زمان و مڪان جا حدود و قيود. جن جي اندر اسين رهي چڪا آهيون. ڪائنات جا ڪُل نه آهن بلڪ هنن کي هڪ ننڍڙي جز جي حيثيت آهي.

هن دعويٰ (وجود خدا) جي تائيد ۾ اهڙو دليل. جنهن سان انسان جي دل خود به خود قائل ٿي وڃي. وجداني نوعيت جو معاملو آهي. جنهن جو انحصار سڀ ڪنهن ماڻهوءَ جي ذاتي واردات ۽ تجربات تي بدل ٿي سگهي ٿو.

ميرٽ ٽلني ڪان ڊان (پي. ايڇ. ڊي) رقمطراز آهي تہ: هيءَ (خدا جو وجود) هڪ مسئلو آهي. جنهن کي مذاق سمجهي هرگز نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. جو تہ نظام ڪائنات ۾ مادي ۽ ان جي قابو رکڻ لاءِ هڪ ڪارفرما روحاني ۽ مافوق الطبيعاتي قوت جو وجود نہ تسليم ڪيو ويندو تہ پوءِ سمجهبو تہ انساني ذهن ۽ ان جي قوت تخيل جي ماهيت تي ڪنهن ماڻهو سنجيدگيءَ سان سوچيو ئي ڪونهي. دنيا کي جيڪڏهن صرف مادي جي ارتقائي عمل جي ڪرشمن ۽ هڪ مادي کي جوهر ثابت ڪرڻ تي زور ڏنو وڃي تہ ان لاءِ اسان کي اهو مطالبو ڪرڻو پوندو تہ اها ڳالهہ تڏهن حق بجانب چئبي. جڏهن خيال يا ذهن جو ڪو مادي اصطلاحات ۾ هڪ خاڪو پيش ڪيو وڃي. مگر اهو ڪم اڄ تائين ڪنهن کان بہ نٿي سگهيو آهي. نہ وري آئنده ڪنهن جي وس جي ڳالهہ ٿي سگهي ٿي.

ڊيماڪريٽس بابز هجي يا دهريت پسندن جا ماده پرستانہ نظريا. يا برڪلي ۽ هيگل جا نظرياتي مفروضا اُهي سڀ اهي خيال آرائيون آهن. جن جو ڪوبہ اصلي بنياد ڪونهي ۽ نہ عملي طور ڪنهن تجربي سان انهن جي تصديق ٿي سگهي ٿي. هن تي متعدد مثال پيش ڪري سگهجن ٿا تہ سائنس ۽ طبعيات. حقائق مابعد الطبعيات جي وجود کي خارج الامڪان هرگز قرار نٿي ڏئي سگهي. البت اها هن موقف جي بہ نہ آهي تہ ان جي وجود جي مڪمل تصديق يا ترديد ڪري سگهي!

عقل ۽ شعور جي هن دنيا ۾ جتي هر شيءِ تي عقل ۽ حڪمت جي حڪمراني آهي ۽ اسان کي اهو مڃڻ ۾ هرگز تامل نہ هئڻ گهرجي تہ هن مادي دنيا کان ماورا عالم بالا ۾ پڻ شعور ۽ ادراڪ جي هڪ زبردست حڪمراني موجود آهي.

هيءَ ڪاربن ڊائي آڪسائيڊ جو نظام، هيءَ پاڻيءَ، هيءَ حيرت انگيز عمل، هيءَ زمين تي آفتابي حرارت جو انجذابي تاثر، جيڪو زندگيءَ کي برقرار رکڻ لاءِ ضروري آهي ۽ اهڙا ٻيا بي شمار انتظامات هن حقيقت جي رهنمائي ڪن ٿا تہ هنن سڀني ڳالهين جي پويان

ضرور ڪو اهڙو عقل ۽ دماغ ڪارفرما آهي، جو هنن سيني شين جي ضرورت کي پورو ڪري سگهي ٿو ۽ هيڏي ساري انتظام کي هلائي سگهي ٿو. آخر هن ڳالهہ تي ڪهڙو باور ڪري سگهبو تہ هيءَ سارو انتظام محض هڪ اتفاقي حادثي سان وجود ۾ آيو آهي، جنهن جي پويان ڪابہ حڪمت ۽ تدبير ڪارفرمائي نٿي ٿي سگهي. هيءَ بالڪل ناممڪن آهي تہ دنيا جي هڪ يڪسانيت ۽ عموميت ۽ فلسفي صناعيات ۽ هيءَ باهمي تعامل، بقاءَ، تحفظ توازن ۽ اعتدال جا فطري ضوابط هن قير گهير ڪائنات ۾ ڪروڙين ورهين کان وٺي برقرار هليا اچن. بلڪ انهن سيني ضابطن تي دنيا جي هرگوشي ۾ عمل ٿيندو رهي، سي ڪنهن ڪارفرما هستيءَ کان سواءِ هلي رهيا آهن.

هيءَ سڀ حڪمت انهيءَ هڪ حڪيم ۽ قدير خالق جي آهي، جو ڪائنات لاءِ پنهنجي تخليق ڪيل عناصر و عوامل کان ڪم وٺي دنيا جي نظم و نسق کي قائم دائم رکي هلائي سگهي ٿو.

جان ڪليوي ليند (پي. ايچ. ڊي) ماهر رياضي ۽ ڪيميا، پنهنجي هڪ بيان ۾ لکي ٿو تہ: "ڇا ڪوبہ باخبر ۽ استدلال وارو ذهن اهو باور ڪري سگهي ٿو تہ هڪ جامد ۽ بي شعور مادو ڪنهن حادثي سان ازخود وجود ۾ اچي ڪنهن ارادي ۽ ڪارفرما قوت ڪانسواءِ خود بخود هڪ وڏي انتظام ۾ لڳي ويو. انهيءَ صرف اتفاق سان هڪ تنظيم جي پابندي بہ شروع ڪري ڏني ۽ هن نظم و نسق جو اهڙيءَ طرح قائم رهڻ هڪ حسن اتفاق کان سواءِ ٻيو ڪجهہ ڪونهي؟ يقين آهي تہ هن جو جواب نهڪر ۾ ڏنو ويندو".

قاعدو آهي تہ ڪابہ توانائي جڏهن ڪنهن نئين مادي ۾ تبديل ٿئي ٿي تہ ان جي تغير جو عمل هڪ سوچيل سمجهيل ۽ متعين ضابطي جي مطابق ٿئي ٿو ۽ ان عمل کي وجود ۾ آڻڻ وارو نئون مادو بہ انهن قاعدن ۽ ضابطن جي پابنديءَ سان هلي ٿو، جي ان کان اڳئين مادي تي نافذ هئا.

علم الڪيميا ثابت ڪيو آهي ته مادو فنا پذير آهي. مادي جي ڪجهه قسمن جي فنا ٿيڻ جي رفتار انتهائي سست آهي ۽ ڪن جي انتهائي تيز. جنهن مان معلوم ڪري سگهجي ٿو ته مادو حقيقت ۾ ازلي ۽ ابدي ناهي.

جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ تسليم ڪرڻو پوندو ته مادي جي ڪائنات جا ضرور ابتدا هوندي. نه صرف علم ڪيميا، بلڪ ٻيا علوم عقلي پڻ هن طرف رهنمائي ڪن ٿا ته مادو ڪنهن طويل تدريجي عمل جي نتيجي سان وجود ۾ ناهي آيو. بلڪ هڪ لمحي ۾ اوچتو پيدا ٿيل آهي. ٻيا به ڪيترا اهڙا دليل آهن. جن سان ثابت ڪري سگهجي ٿو ته هيءَ بزم ڪائنات گهڙي ڪن ۾ سجائي وئي. جا ڪنهن دانا بينا هستيءَ جي قوت تخليق جو ڪرشمو آهي. ڪي به حادثات ۽ اتفاقات دنيا جي وجود ۽ رونق جو سرچشمو هرگز نٿا بڻجي سگهن!

# باب پهريون (باب ٻيو)

## مذهب ۽ خدا

مذهب انسان جي فطرت ۾ داخل آهي. مذهب جي خلاف ڪوبه دليل موجود ڪونهي. مذهب جو تعلق ذات باري تعاليٰ جي وجود سان رهي ٿو. مذهب جي خلاف دليل تلاش ڪرڻ وارن ڪي اڄ تائين ڪو به اهڙو اهم دليل دستياب نہ ٿيو آهي. جنهن سان وجود رباني ناممڪن ثابت ٿي سگهي.

مسٽر بريڊلا. جيڪو وجود باري تعاليٰ جي انڪار ۾ سڀ کان وڌيڪ سرگرم رهيو سو لکي ٿو تہ:

"منڪر خدا اهو نٿو چئي سگهي تہ خدا ڪونهي. بلڪ چوي ٿو تہ مان نٿو سمجهان تہ لفظ خدا مان اوهان جو مقصد ڇا آهي. منهنجي دماغ ۾ جيتوڻيڪ خدا جو ڪوبہ خيال موجود ڪونهي. ڇو تہ خدا جو لفظ مون وٽ هڪ اهڙو آواز آهي. جنهن جو ڪو صاف ۽ ممتاز مطلب نہ نڪري سگهندو آهي. ان هوندي بہ آئون خدا جو انڪاري ڪونہ آهيان. ڇو تہ جا شيءِ منهنجي تصور ۾ ئي ناهي ۽ جنهن جو تصور خود خدا جي مڃيندڙن جي دماغ ۾ بہ اهڙو نامڪمل آهي. جو ان جي ڪابہ واضح وصف نٿا ٻڌائي سگهن. آئون اهڙي شيءِ جو انڪار ڪيئن ڪري سگهندس.

انهيءَ کان پوءِ مسٽر وليم آگر جو هڪڙو قول نقل ٿو ڪري تہ:

"هڪ دائمي ۽ قديم، شخصي خدا جو تصور مون کي نهايت دشوار ٿو لڳي. مگر اهڙي مشخص خالق کانسواءِ دنيا جي پيدائش ۽ ترقيءَ جو تصور وري اهڙو دشوار تر آهي. جو ان جو ڪوبہ حل نٿو ملي سگهي".

مسٽر جان ايس مل، جيڪو آزاد خياليءَ سان گڏ علم ۽ عقل پسنديءَ ۾ ممتاز دانشور آهي، مذهب جي تحقيق بعد پنهنجي هڪ پيچيده تقرير ۾ هيءَ نتيجو ظاهر ٿو ڪري ته:

”مذهب جي ثبوت ۽ ايمان جي تسليم ڪرڻ بعد ان جي متعلق وحي ۽ الهام جي ثابتي لاءِ تحقيق ڪندي هيءَ نتيجو ٿو نڪري ته مذهب الهامي هجي يا فطري ٻنهي ۾ جيتري قدر مافوق العادات جو تعلق آهي. ان جي بنسبت هڪ ذي شعور قلب جو عقلي ميلان انڪار جي طرف ٿي سگهي ٿو. مگر اِهو انڪار جهڙو هڪ طرف خدا جي اقرار کان جدا هئڻ گهرجي. اهڙو ٻئي طرف وري خدا جي انڪار کان به علحده هجڻ ضروري آهي ۽ هي خدا جو انڪار، جنهن کان اسين پنهنجي انڪار کي جدا رکڻ گهرون ٿا. سو به سابي ۽ ايجابي ٻن قسمن جو آهي. يعني اسان کي هن خيال کان به علحده رهڻ گهرجي ته خدا ڪونهي ۽ هن کان به ته خدا جي ثبوت ۾ ڪو دليل ڪونهي ڇو ته عملاً هن آخري انڪار جو نتيجو اهو نڪرندو. جيڪو خدا جي وجود کي ناممڪن چوڻ سان نڪري سگهندو هجي. اسين پنهنجي گوشئه تحقيق ۾ جنهن نتيجي تي پهتا آهيون. جيڪڏهن صحيح آهي ته معلوم ٿيندو ته خدا جي وجود جي شاهدي موجود آهي. مگر ان جي ثابت ڪرڻ لاءِ ناڪافي ضرور آهي. البت هڪڙو خالي گمان ضرور غالب ٿي سگهي ٿو“.

انهيءَ زماني جو هڪ مشهور فلاسفر ڊاڪٽر اسپنسر ٿو لکي ته:

”جيتوڻيڪ ڪيترا اهڙا ماڻهو به آهن. جن مذهب ۾ قابل نفرت خيال ملائي مذهب جي اصل خوبيءَ کي، جا سيني مذهبن ۾ مشترڪ آهي. نابود ڪري ڇڏيو اٿن. وري هڪ اهڙو گروه به موجود آهي، جو پاڻ کي سائنسدان چوائي مذهبي عقيدن تي اهڙي نڪتي چيني جو مرتڪب ٿو رهي، جو ڪين نفس علم بابت سخت تعصب پيدا ٿي ويل ڏٺو ويندو. جيتوڻيڪ سندن هن نفرت لاءِ وٽن ڪو به معقول دليل موجود ڪونهي. هو صرف انهن ناشائستا صدمن (اعتراضن) مان واقف

آهن. جي سائنس کان عقيدن کي پهچايا آهن. ان ڪري گمان ڪري ويٺا آهن تہ شايد سائنس سندن سمورن مذهبي خيالن جو استحصال ڪري سگهندي. اهڙيءَ طرح هو هڪ مهلڪ خوف ۾ مبتلا ڏسي سگهجن ٿا.

## عقلي ترقي ۽ مذهب

منڪرين مذهب مان سرچارلس. بريڊ لا. مذهب کي فطري هجڻ جي بدران استدلالي فرمايو آهي. جيئن لکي ٿو تہ:

”انسان جهالت ۽ وحشت جي زماني ۾ اڪثر ڪيترين ئي شين کان خوف زده ۽ ڊنل رهندو هو. ڪڏهن ڪن شين کي ڏسي خوش ٿيندو هو ۽ ڪڏهن وري ڪن مصيبتن ۾ ڦاسي نااميديءَ جو شڪار بڻبو هو. پنهنجي اڻ ڄاڻائيءَ کان ڪنهن بہ شيءِ جي مادي سببن جي خبر ڪانہ ٿي پيس. قانون قدرت جي نہ ڄاڻڻ ۽ نيچر جي وسائل جي نہ سمجهڻ سبب دل کي ڪابہ تسڪين نٿي ڏئي سگهيو. ان ڪري حيرت سبب اهڙين شين کي ڪنهن مخفي ڪارڪن ۽ غير محسوس طاقت جي طرف منسوب ڪرڻ لڳو. روح، ديوتا، خدا، وغيره مبهم لفظن سان پنهنجي فڪر ۾ قدرت جي رازن معلوم ڪرڻ جي دعويٰ ڪندو رهيو. اهڙيءَ طرح اُهو خيال والدين کان اولاد تائين ورثي طور هليو آيو آهي. اهڙن مذهبي ماڻهن ۾ ڪيترا عقلمند انسان حاڪم يا مذهبي پيشوا عوام کي پنهنجي ذاتي مفاد حاصل ڪرڻ لاءِ هن خيال (عقيدي) کي وڏيڪ زور وٺرائيندا آيا ۽ پنهنجن معبودن جي عبادت ۽ پرستش جا قاعدا قانون بنائيندا رهيا. اهڙيءَ طرح ماڻهن جي غلط عقيدي ۽ بي جا خوف کان جهالت سبب لازمي نتيجو (مذهب) وجود ۾ آيو ۽ وڌندو رهيو“.

مسٽر بريڊلا جي فڪر ڪيڏو نہ ڏوڪو ڪاڏو آهي. چوندا آهن تہ اهو وڻ نہ آهي، جو واءُ نہ لوڏيو هجي. جيئن تہ هيءَ صاحب بہ هڪ غير مسلم فلسفي آهي. مگر ياد رهي تہ اڳيون زمانو جيئن تہ هينئر ختم ٿي چڪو آهي، عقل ۽ شعور پنهنجي عروج تي پهچي چڪا آهن. سائنس

جي اصولن اهي تہ انڪشافات عمل ۾ آندا آهن. جو خدا پناهہ ۾ رکي. جهالت واري زماني جي هر غلط شيءِ يا تہ آهستي آهستي فنا ٿيندي پئي وڃي يا تہ حرف غلط وانگي ميٽجي چڪي آهي. مذهب جيڪڏهن جهالت ۽ پهرين زماني جي بي جا خوف جو نتيجو آهي تہ موجوده عقل جي زماني ۾، جنهن ۾ انسان بندوق کان وٺي پنهنجي حفاظت لاءِ ڪيترن قسمن جي خطرناڪ بمن تيار ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهي ۽ زمين کان وٺي چنڊ تائين پرواز جي طاقت رکي ٿو. اهڙي سائنس جي دؤر ۾ مذهب فنا ٿيڻ عوض روزمره ترقي ڇو ٿو ڪندو رهي ۽ هيءَ سيلاب پوري دنيا کي ٻوڙيندو ڇو ٿو وڃي؟ مذهب ۾ اڄوڪي تهذيب ۽ تمدن جي ترقيءَ سان گڏ پاڻ وڌيڪ خلا ايندي رهي آهي ۽ قوانين قدرت ۽ نيچر جي بي انتها مسائل جي شناسائي هوندي بہ اعتقاد ۽ ايمان جو رستو اڃا وڌيڪ صاف ٿيندو رهيو آهي.

پهرين زماني جا انسان ڪو خوبصورت وڻ، پٿر يا جانور ڏسي ان کي خدا مڃي ويهندا هئا. اڳتي هلي جڏهن ڪثرت مشاهدات ۽ شعور جي ذريعي انهن جي خصوصيت معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، تڏهن ڏٺائون تہ اُهي سڀ شيون عدم مان وجود ۾ آيون آهن، جي ڪجهہ مدت بعد فنا ٿي وڃن ٿيون تہ انهن جي عوض ٻين شين کي، جي پهرين جي بنسبت جسمانيت کان مٿانهيون روحانيت واريون هيون، "هذا رَبي" چئي خدا طور مڃڻ لڳا. جيئن بارش جو ديوتا، هوا جو ديوتا وغيره. پر جڏهن هنن طاقتن کي بہ محڪوم ۽ هست و نيست جي زنجيرن ۾ پابند ڏٺائون تڏهن پنهنجي شاهدِ مقصود کي ابتدائي منزلن کان اڃا وڌيڪ زياده مجرد فضا ۾ تلاش ڪرڻ لڳا ۽ هن نتيجي تي پهتا تہ دنيا جون هيءَ سڀ طاقتون خدا جو مظهر ۽ جلوه گاهہ آهن. پر ڪجهہ زماني بعد جڏهن هنن قوتن جي بي وسي ۽ عجز جو يقين ٿيو، تڏهن چوڻ لڳا تہ اَحِبُ الآفِلين[3]. هن ڪائنات ۽ قدرت جي سمورن مظهرن کان منهن ڦيرائي ان هڪڙي احد هستي ڏي متوجہ ٿيا، جنهن جو شان

[3] زوال پذير شين سان محبت نٿي رکي سگهجي (قرآن)

آهي ته ”تَدَارَکَهُ الْاَبصار وَفَوْقَ کُلِ ذِی عِلْمٍ عَلِيمٌ لَيسَ کَمِثْلِهِ شَيْءٌ“[4]. يعني جنهن هستي کي نظر سان نٿو ڏسي سگهجي، ڪوبه علم ان تائين نٿو پهچي سگهي ۽ ڪوبه مثال ان کي واضح نٿو ڪري سگهي“.

## سائنس مذهب جي ڪهڙي خدمت ڪئي آهي؟

ڊاڪٽر هربرٽ سپنسر پنهنجي نڪتهءِ نظر سان هن مضمون کي نهايت سنجيدگيءَ سان ادا ڪيو آهي. جيئن رقمطراز آهي ته:

”مذهب جي اصل مدعا يعني هڪ نافهميده هستيءَ جي اعتقاد کي مذهب جي مختلف شاخن گهٽو ڪري پردو پئي وڌو آهي. هر ڪنهن مذهب، پنهنجي پنهنجي دائري ۾ ان کي ڪنهن نه ڪنهن نموني قابلِ فهميدي ئي سمجهيو آهي. مگر سائنس جو مذهب تي اهو وڏو احسان آهي ته سائنس ئي هن مسئلي کي صاف ڪندي هر هڪ محدود علت جي مٿان ان کي عام تر علت ثابت ڪندي آخر ان هڪ اعم الوام علت العاليٰ تائين پهچڻ جو رستو صاف ڪندي رهي آهي.

هن ڪان پوءِ مثال ٿو ڏئي ته:

”اڳئين زماني ۾ سج کي ديوتا جي گاڏي سمجهيو ويندو هو ۽ اُها سندس ڦيري جو سبب پڻ سمجهي وئي. جيئن عام طور دنيا ۾ مشهور آهي. ڪيترين صدين ڪانپوءِ ڪيپلر صاحب ثابت ڪيو ته اُهي تمام سيارا ۽ ستارا سج جي چوڦير گردش ڪندڙ آهن ۽ هر هڪ سياري جو پنهنجو خاص دائرو آهي. ان ڪان پوءِ اهو به چوڻ لڳو ته هر ڪنهن گرهه ۾ روح پڻ آهي، جيڪو ان کي چُرپُر ۾ آڻي ٿو. اهڙيءَ طرح ان وقت جي پهرين سائنسدان جنهن ان ڳالهه ذريعي چُرپُر کي اهڙي نموني ۾ ثابت ڪيو، جيڪو بت پرستن جي نڪتي نگاهه سان دوش بدوش هو، مگر ان کي لامحدود ۽ ڪجهه قدر گهٽ سمجهه ۾ اچڻ وارو سمجهيو ويو

---

4 جنهن کي اک نٿي ڏسي سگهي ۽ جو سڀ ڪان وڌيڪ علم وارو ۽ بي مثل آهي. (قرآن)

ٿي. هن ڪانپوءِ جي زماني ۾ وري ڇُرپُر ڪي ڪشش ثقل جو نتيجو مڃيو ويو ۽ ڪيپلر جي نظريي ارواح کي غلط قرار ڏنو ويو. هاڻي ڇا ٿيو جو خيال ۾ اچڻ واري علت بدران هڪ اها علت قائم ڪئي وئي. جا خيال کان ٻاهر هئي، ڇو ته ڪشش ثقل جيتوڻيڪ اسان جي ذهني گرفت جي اندر آهي، مگر ان هوندي به ڪيس خيال ۾ بالڪل مشخص ۽ معيتن ڪرڻ ممڪن نٿو ٿي سگهي. خود نيوٽن پڻ مڃيو آهي ته ڪشش ثقل ناقابل فهم چئي سگهجي ها. جي ايٿر جو واسطو وچ ۾ نه هجيس ها. مگر اسين ڏيکاري چڪا آهيون ته ايٿر جي واسطي بعد به هيءَ عقدو حل نٿو ٿي سگهي. يعني ڪشش ثقل جو اثر سمجهه ۾ نٿو اچي سگهي. مطلب ته جيتوڻيڪ سائنس جي ترقيءَ سان عام در عام ذريعا ۽ انصاب معلوم ٿيندا رهن ٿا، مگر اهي ذريعا ۽ علل به موجود آهن جي وڌ کان وڌ جي جسم ٿيندا رهن ٿا. ضروري آهي ته ان جي سمجهڻ جي قابليت به درجي بدرجي گهٽ ٿيندي وڃي“.

هن کان اڳتي هلي سپنسر وڏيڪ لکي ٿو ته:

”سائنس به پوريءَ طرح پنهنجو فرض ادا نه ڪري سگهي آهي، پهرين دم تي سائنس جڏهن هن لقائن جي باهمي مسلسل تعلق کي معلوم ڪيو ۽ مختلف روحن کي سواءِ ڪنهن ذريعي بنجڻ کان انڪار ڪيو. تڏهن ازخود اهڙا اسباب تسليم ڪندي رهي، جي پرسنل (مشخص) ته نه هئا. تاهم ڪانڪريٽ (محدود) ضرور هئا. اهڙيءَ طرح واقعات جي تشريح ڪرڻ جو اهڙو طريقو اختيار ڪيو ويو. جو جيتوڻيڪ موجوده مذاهب جي طور و طريق کان مختلف هو، مگر پوءِ به ان ۾ مختلف علل و اسباب کي بنيادي طور مڃيو ويو ۽ نامعلوم کي معلوم هجڻ جي دعوي ڪئي وئي. اهڙيءَ طرح سائنس ملڪوتي علل و اسباب کي ڇڏي برق، حرارت، ڪشش ثقل، اتصال وغيره مختلف علتن کي تسليم ڪيو. جيڪڏهن آزادانه طور ڏٺو ويندو ته سائنس جو اهو طريقو غير فلسفيانه آهي. جهڙيءَ طرح گهڻن مذهبن جو طريقو گهڻن ديوتائن کي مڃڻ وغيره مذهبي آهي. ڇو ته ٻئي ذريون غير وجود هستيءَ کي قابلِ فهم بڻائڻ جي ڪوشش ۾ مصروف

آهن. تاهم موجوده صورت ۾ سائنس جا اعليٰ ماهر گرمي، روشني، مقناطيسي قوت وغيره طاقتن کي ڇڏي (جن کي جدا جدا اسباب و علل طور تسليم ڪيو ٿي ويو) چوڻ لڳا آهن ته اُهي سڀ قوتون ڪنهن هڪ محيط ڪل طاقت جا مختلف مظهر آهن ۽ اهڙيءَ طرح هيءَ سائنسدان به ان طاقت (علت اوليٰ) کي قابل فهم چوڻ کان باز اچي چڪا آهن!" هن ڪانپوءِ هو رقم طراز آهي ته:

"سائنس جڏهن اهو مڃيندي ته سندس دعوائون بالڪل ويجهڙين شين ۽ صرف تعلقاتن تائين محدود آهن ۽ مذهب جڏهن اهو مڃيندو ته جنهن راز کي هو مڃي ٿو اهو انتهائي ۽ مطلق آهي، يعني سائنس جڏهن شين جي حقيقت کي ڄاڻڻ جي دعويٰ ڇڏي ڏيندي ۽ مذهب به خدا تعاليٰ جي وجود سمجهڻ جي دعويٰ ترڪ ڪري ڇڏيندو، تڏهن ٻئي گروهه سائنس خواه مذهب پاڻ ۾ متحد ٿي ويندا".[5]

اِها وَصف آهي ان فطري احساس جي جنهن کي منڪرين مذهب غلط استدلال تي مبني قرار ڏيندا رهيا آهن. پر ثابت آهي ته مذهب گهٽجڻ جي عوض سائنس ۽ فلسفي جي ٽڪراءَ سان اڃا وڌيڪ مضبوط ٿيندو رهيو آهي ۽ جيڪي ڳالهيون انساني استدلال مذهب ۾ ملائيندو رهيو آهي، جهڙوڪ خدا جو وڻ پٿر وغيره ۾ محدود مڃڻ يا ان کان پوءِ محسوسات ۾ ظاهر ٿيڻ وارين طاقتن ۾ منحصر سمجهڻ يا اڳتي هلي ان کان وڌيڪ مخفي قوتن کي پنهنجو معبود چوڻ وغيره، هنن سڀني شين تي عقل ۽ شعور، تهذيب ۽ تعليم جو وڏو اثر پيو. آخر تهذيب جي روشنيءَ جا ڪرڻا انهن اونداهن خيالن کي بتدريج روشن ڪندا ويا.

دراصل هجڻ به ائين کپندو هو، ڇو ته هيءَ ڳالهيون انسان جون پنهنجون پيدا ڪيل ۽ غلط استدلال تي مبني هيون. ان ڪري مسٽر بريڊلا جي تقرير ۾ باوجود پيچيدگيءَ جي جيڪڏهن ڪا ڳالهه آهي ته

---

5 فرسٽ پرنسپلز خلاصه باب پنجون.

اها ئي آهي. جيڪا مسٽر مل بيان ڪئي آهي ته جيستائين انساني زندگي تڪليفن سان ڀرپور هوندي تيستائين مذهب انسان لاءِ باعث تسڪين ٿي سگهي ٿو. مطلب ته جيستائين زماني ۾ انقلاب ۽ تغير موجود هوندو تيستائين انسان مذهب مان پنهنجي معبود جي طرف توجه ڏيڻ جو سامان حاصل ڪندو رهندو. جيئن ته هيءَ سامان (تڪليفات عالم) جڏهن خود نيچرل يعني نيچر جون پيدا ڪيل آهن. تڏهن مذهبي احساس کي فطري هجڻ ۾ ڪهڙو دليل مانع ٿي سگهي ٿو!

مذهب ڪنهن استدلال جي پيداوار ناهي ۽ نه مقتدايان مذهب جو پيدا ڪيل آهي.

مٿي ڏنل حوالي ۾ مسٽر بريڊلا ۽ ان جي هم خيالن جا نظريا لکي آيا آهيون ته هنن عجائبات عالم کي مذهب جي محرڪ چوڻ بعد مقتدايان مذهب جي تعليم ۽ تربيت جو بهانو پڻ تلاش ڪيو آهي. پر اُهي سندن خيال وهم کان وڌيڪ حيثيت نٿا رکن. ڇو ته جڏهن مقتدايان مذهب جا بنايل ديوتا ۽ سندن تمدني رسمون ۽ عبادات جا اصول جن تي پنهنجي پنهنجي وقت ۾ نهايت سختيءَ سان عمل به ٿيندو رهيو. صحيح تهذيب ۽ تعليم جي وجود ۾ اچڻ ڪانپوءِ اُهي شيون بتدريج فنا ٿينديون ويون. پر مقتدايان مذهب جو اثر انهيءَ ڳالهه ۾ رڪاوٽ نٿي سگهيو. بلڪ خود ترقيءَ جي دور انهن بزرگن ۽ سڀ کان وڌيڪ بادشاهن ۽ حڪمرانن جي بالادستيءَ ۽ خود مختاريءَ کي ماڻهن جي دلين تان هميشه لاءِ ختم ڪري ڇڏيو. ان جي بجاءِ صرف هڪ مشترڪ قدر يعني هڪ خدا جو تصور نه صرف نابود ٿيڻ کان محفوظ رهيو. بلڪ اجا وڌيڪ روشن ۽ ظاهر ٿيندو رهيو.

هن بيان مان نتيجو نڪرندو ته مذهب جيئن غلط استدلال سان وجود ۾ ناهي آيو تيئن مقتدايان مذهب جو به ان جي پيدا ڪرڻ ۾ ڪو هٿ ڪونهي.

جهڙيءَ طرح ڊاڪٽر سپنسر رقمطراز آهي

”شهادت ثابت ٿي ڪري ته مذهب کي انهن جي باني پيغمبرن جو ڦلهايل چوڻ غلط آهي. اهو خيال ته انسان ذات جي هڪ جڳهه تان ٻئي جاءِ تي پهچڻ کان اڳ ئي مذهبي خيالات مذهب جي بانيڪارن ڦهلائي ڇڏيا هئا. فلالوجي (علم اللسان) جي خلاف آهي. ڇو ته اهڙي نظريي مان ثابت ٿي سگهندو ته انسان مذهب جي گفتگو لائق زبان حاصل ڪرڻ کان پهريان ئي زمين تي ڦهلجي چڪو هو.

## دنيا جون ڪجهه قومون مذهب کان خالي ڇو آهن؟

هن موضوع تي مسٽر مل، مسٽر بريڊ لا ۽ مشهور فلاسفر ڊارون، چند وحشي قومن جو مثال پيش ڪري دعوي ٿا ڪن ته جيڪڏهن مذهب انساني فطرت ۾ داخل آهي ته اُهي قومون انسان ٿي ڪري مذهب کان خالي ڇو آهن؟ هن جي جواب ۾ هڪ ته مسٽر ٿيوڊر پارڪر لکيو آهي ته اهڙا سياح جي لامذهب قومن جو احوال ڏين ٿا، اڪثر غلطي ڪندا آهن. هو جن قومن جا حالات بيان ڪندا آهن، گهٽو ڪري انهن جي رسمن ۽ طور طريقن کان پوريءَ طرح واقفيت حاصل ڪانه هوندي اٿن. بلڪ سرسري معائني سان هڪ غلط اندازو قائم ڪري ويهندا آهن. ان کان سواءِ ڪين تعصب به گمراهه ڪري وجهندو آهي. اُهي باقاعدي عبادت، مذهبي اصول ۽ رسم و رواج مذهبي پيشوا، عبادت خانا ۽ مذهبي رسمون وغيره تلاش ڪندا آهن. جيتوڻيڪ مذهبي احساس جو هڪ درجو اهڙو به آهي، جنهن ۾ اُهي علامتون بالڪل نه ملي سگهنديون آهن. پر مذهب موجود هوندو آهي، فرض ڪري وٺو ته ڪو ماڻهو اهڙي ڪنهن قوم کي ڏسي، جنهن وٽ ڪاڏي پيتي جو ڪوبه سامان يا ڪابه علامت موجود نه هجي ته ڇا؟ انهيءَ ظاهري ثبوت سان اهو نتيجو ڪڍي سگهبو ته اهي ماڻهو صفا ڪائين پين ئي ڪونه ٿا. پيو ته اهڙي شاهدي مڃي اهڙي قوم جي وجود کي تسليم ڪرڻ کان پوءِ به اهو ڏسڻو آهي ته آيا! مذهب کانسواءِ پيو به ڪو اهڙو فطري عمل ته ڪونهي جنهن کان ڪا قوم خالي هجي. جيئن

عقل ۽ ترقي انسان جو فطري عمل آهي. اڄڪلھ دنيا جي اڪثر قومن غير معمولي ترقيءَ حاصل ڪئي آهي. ان جي مقابلي ۾ ڪي قومون وري ترقي جي ڪنهن نہ ڪنهن حد تائين پهچي منزل جي طرف گامزن آهن. انهيءَ ڪانسواءِ هن مختصر زمين جي آباد حصي ۾ اڪثر اهي قومون بہ ڏٺيون وينديون، جن حيوانيت کان هڪ انچ بہ مٿي ترقي ڪانہ ڪئي آهي، جهنگل جي ميون ۽ گلن تي گذر سفر ڪنديون رهن ٿيون ۽ صحرائي ڪڏن ۽ جبلن جي غارن ۾ بسيرو اٿن. ان ڪري اهڙين قومن جو نالو ئي رکيو اٿن بُستن مَين. يعني جهنگل ۾ رهڻ وارو انسان.[6]

مذهب انهيءَ ڪري جيڪڏهن فطري ناهي تہ اهڙين قومن ۾ سندس نشان نٿو ملي سگهي تہ ڇا؟ عقل ۽ انساني ترقي بہ فطرت ۾ داخل نہ آهن. جن کان اڄ تائين اُهي قومون خالي ڏٺيون وينديون.

عقل ۽ ترقيءَ کي غير فطري مڃڻ کان وري اهڙو گريز ڪيو ويو آهي، جو خود مسٽر ڊارون تي جڏهن اعتراض ٿيو تہ انسان ترقي ڪندڙ مخلوق آهي ۽ حيوان ترقيءَ کان محروم آهن، ان ڪري اها دعويٰ تہ انسان ۽ حيوان ٻئي هڪڙي نسل مان آهن، غلط آهي. تڏهن نهايت رَڪيڪ تا ويلات پيش ڪري ثابت ڪرڻ لڳو تہ حيوان بہ ترقي ڪري سگهن ٿا، ڇو تہ ترقي هر ذي حيات شيءِ جي فطرت ۾ داخل آهي.[7]

هن بيان مان معلوم ٿيندو تہ مسٽر ڊارون ۽ سندس هم سفر پنهنجي اصولي نظريي موجب بعض وحشي قومن ۾ عقل ۽ ترقي ۽ مذهب جي نشان نہ ملڻ سبب هنن وصفن کي فطرت انسانيءَ کان هرگز خارج نٿا ڪري سگهن!

---

6 ٽرن برن ۽ جبلن جون اهڙيون ڪيترين قومون ڏسي سگهندا.

7 ڊارون جو نظريو اهي تہ ڪتو جهنگلي جانورن گدڙ ۽ بگهڙ جي ترقي يافتہ نسل جو مثال اهي. (ڊي سنٽ آف مين، باب ٽيون)

ڊاڪٽر سپنسر جو فيصلو هن باري ۾ نهايت مناسب آهي ته ”ڪجهه قومن جو مذهب نه رکڻ مذهب کي فطرت جي خلاف هجڻ کي ثابت نٿو ڪري سگهي. ڇو ته هن لا مذهبيت جو هڪ خاص درجو گهربل آهي. جنهن کان پوءِ ئي مذهب ظاهر ٿي سگهي ٿو. مذهب يا ته براه راست خدا جو پيدا ڪيل آهي يا پين انساني وصفن وانگر خاص حالت انساني ۾ جنم وٺي ٿو بهرحال مذهب هر حالت ۾ هر طرح قابل تعظيم ضرور آهي“.

## ڪجهه ماڻهو لامذهب گذارڻ ڇو ٿا پسند ڪن؟

منڪرين خدا مذهب جي ترديد ۾ پنهنجو وجود دليل طور پيش ڪندا آهن ته دنيا ۾ لکين .ماڻهو لامذهب موجود آهن. جيڪڏهن مذهب فطري شيءِ هجي ها ته ايترا ماڻهو لامذهب ڇو هجن ها!

هن اعتراض جو جواب به ساڳو ٿي سگهي ٿو. جنهن سان مٿي ڏنل اعتراضات جو حل ڪڍيو ويو آهي. يعني فطرت جي پين مختلف خصوصيتن جو مطالعو.

مثال طور اسين ڏسون ٿا ته ڪنهن قوم تي گهڻي وقت تائين بيروني ۽ جابر حڪمران جي تسلط رهڻ ۽ گهڻي عرصي تائين دشمن جي خلاف جدوجهد ڪرڻ بعد ان قوم کي ناڪامي حاصل ٿيڻ ۽ دشمن جي مسلسل ظلمن برداشت ڪرڻ بعد ان حالت جو خوگر (عادتي) بنجي وڃڻ. جنهن سبب انهيءَ قوم جون ڪيتريون چڱيون وصفون. شرافت. صداقت وغيره تباهه ٿي ويندا هجن. ان جي عيوض ڪميڻپ. مڪر. فريب. دروغ گوئي ۽ پيا وصف طبيعت ثانيه بنجي ان قوم جي قوميت کي برباد ڪري ڇڏيندا هجن. يا ڪا قوم جيڪا ڪجهه عرصي تائين دولت ۽ اقبال کان بهرور هجي. حڪومت جي نشي ۾ سرشار رهڻ سبب يا بيروني دشمن جي جنگ ۽ مقابلن جي موقعن پيش نه اچڻ ڪري محنت ڪشي ۽ شجاعت جي جوهر کان تهي دست رهي بزدلي ۽ آرام طلبيءَ جي عادي بنجي ويندي هجي

يا ڪنهن تهذيب ۽ تربيت کان بي بهره رهڻ سبب عدالت ۽ رحم، بلڪ عقل ۽ ترقيءَ کان پڻ ناآشنا ٿي وڃي. ان جي عوض ظلم، ناخدا ترسي ۽ جهالت پنهجو شعار بنائي ڇڏيندي هجي. اهڙين حالتن ۾ اهي ماڻهو پنهنجي چڱين وصفن کان اهڙا ته بي بهره هوندا آهن. جو جڏهن خوش قسمتيءَ سان وري ڪي اسباب کين تنبيهه ڪرڻ لاءِ پيدا ٿين ٿا ۽ ڪي ماڻهو کين عقل ۽ شعور ۽ زندگيءَ جي بين ڪمالاتن جي طرف توجه ڏيارڻ لاءِ ڪجهه چون ٿا ته ابتدا ۾ بلڪ بعض اوقات نهايت دراز عرصي تائين پنهنجن انهن ناصحين ۽ رهنمائن کي دشمن ۽ انهن جي هدايات کي پنهنجي حق ۾ زهر قاتل سمجهي برسر پيڪار رهن ٿا. اهي ماڻهو جيتر هر طرح سان مجبور نٿا ٿين، يا وري ڪجهه عرصي تائين بين صاحب، ڪمال بزرگن جي افادات ۽ مثالن جو تجربو نٿا ڪن تيستائين پنهنجين خلاف فطرت عادتن ۽ خصلتن جو سدباب نٿا ڪري سگهن.

پر ڇا؟ تمدن ۽ تربيت جي هن قسم جا آثار ڏسي اهو نتيجو ڪيڍي سگهجي ٿو ته صداقت ۽ رحم، شجاعت ۽ عدل ۽ ان کان اڳتي عقل ۽ ترقي وغيره انساني فطرت ۾ داخل نه آهن يا اهي تربيت جي اثر سبب زائل نٿا ٿي سگهن.

## استثنا ۽ تربيت جو اثر قدرتي قانون آهي!

اهو ضروري آهي ته جاتي انسان ۾ بيون ڪيتريون ئي فطري خصوصيتون موجود ٿين ٿيون. اتي ڪنهن خاص صحبت جو اثر ۽ تربيت پذيري پڻ اهم آهي. گهڻن ماڻهن ۾ فطري خصوصيتون اڪثريت ۾ موجود هونديون آهن. پر ڪي وري ابتدا کان ئي هر ڳالهه کان محروم رهن ٿا. اهڙي قسم جو استثنا شخصي يا قومي هر طرح جي خاصيت ۾ موجود رهي ٿو. يا قوت گويائي وغيره فطري آهن. پر ڪيترا ماڻهو مادر زاد ٻوڙا ۽ ڪيترا گونگا پيدا ٿين ٿا. اهڙيءَ طرح مذهب ۽ علم وارين قومن ۾ ته سڀ جا سڀ ڪنهن خاص فطرت کان محروم هوندا آهن. ته ڪي وري قلبي احوال ۽ واردات کان بي بهره. اهڙيءَ طرح هن تربيت ۾ استثنا جو عام قانون سينبي

شين وانگر مذهب تي پڻ عائد رهي ٿو. ڪيترا اهي ماڻهو جي مذهب کان بي بهرور ڏسجن ٿا. اهي ائين آهن. جيئن ڪنهن غلط ماحول سبب ڪو ماڻهو پنهنجي قوت گويائي ۽ بيا قدر ختم ڪري ويهندو هجي. ان وانگر هيءَ ماڻهو بہ غلط صحبت ۽ تربيت سبب مذهب جو فطري احساس دل مان ختم ڪري ويهن ٿا!

مطلب تہ ڊارون ۽ ان جي هم خيالن وٽ عقل ۽ ترقيءَ جي زائل هجڻ تي ان جي داخل فطرت هجڻ سان ڪو بہ انڪار نٿو ٿئي. اهڙيءَ طرح مذهب جو استثنا شخصي يا قومي. مذهب ڪي پڻ فطرت کان خارج نٿو ڪري سگهجي. ڇو تہ عقل ۽ ترقي ۽ مذهب فطرت جي لحاظ سان هر حالت ۾ يڪسانيت جو حڪم رکن ٿا.

لامذهب بہ ڪنهن نہ ڪنهن طرح مذهب رکن ٿا ۽ مذهب جي وصف:

مذهب جي عام وصف مسٽر پارڪر ڪئي آهي تہ مذهب خدا جي انهن اندروني ۽ بيروني قانونن جي اطاعت جو نالو آهي جي خدا تعاليٰ اسان جي فطرت ۾ رکايا آهن. جيڪي مختلف طريقن سان عقل حيواني. عقل انساني. ضمير ۽ مذهبي جي وساطت سان ظاهر ٿي سگهن ٿا. هيءَ وصف اهڙي عام قسم جي آهي. جو گهڻو ڪري دنيا جو هر هڪ ڪم هن لحاظ سان مذهب ۾ داخل ٿي سگهي ٿو. هن کان وڌيڪ بيون بہ اجا ڪي خاص وصفون مذهب ڪي نمايان طور تعبير ڪرڻ لاءِ بيان ٿيل آهن. جهڙيءَ طرح مسٽر فچ جو قول آهي تہ "مذهب دنيا جي اخلاقي سلطنت تي اعتقاد رکڻ جو نالو آهي".

افلاطون ٿو فرمائي تہ: "مذهب پنهنجي سمجهہ موجب خدا سان نسبت پيدا ڪرڻ جو نالو آهي".

پروفيسر وليم جيمس ايل ايل ڊي پنهنجي هڪ ڪتاب ۾ لکيو آهي: "تہ مذهب جون جيڪڏهن ڪي اهڙيون خصوصيتون پڇيون وڃن. جيڪي سڀني انسانن ۾ ملي سگهنديون هجن تہ ان جو جواب هيءَ آهي تہ مذهب هڪ اڻ ڏٺل نظام جو يقين ڏياري ٿو ۽ انسان لاءِ

سڀ کان وڏي پلائي پاڻ سان هم آهنگ ڪرڻ جي خوش خبري ٻڌائي ٿو. دراصل اهو يقين ۽ اها هم آهنگي ئي آهي، جيڪا روح ۾ مذهبي عنصر جو حڪم رکي سگهي ٿي“.

مٿي ڏنل وصفن مان جنهن مذهب جي خبر پوي ٿي، ان کان ناآشنا ماڻهو دنيا ۾ نهايت ڪي ٿورڙا ملندا. هنن کان ته عقل ۽ ترقيءَ کان محروم ماڻهن جو تعداد گهٽ ڏسي سگهبو. ڇو ته اخلاقي سلطنت يا اڻ ڏٺل نظام جي يقين ۽ ان سان مناسبت پيدا ڪرڻ جي ڪوشش جي هڪڙي صورت ته اها ٿي سگهي ٿي ته ڪنهن خاص هستيءَ کي معبود مڃي، ان جي خوشنودي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ۽ ان حالت کي اعلانيه مذهب جي نالي سان ياد ڪيو وڃي. يا ته ڪنهن نموني خدا، معبود ۽ مذهب جي نالن کان ڇڙ ڪائي مذهب جي اقرار ڪندڙن جي طور و طريق کان جنهن کي عبادت وغيره چيو ٿو وڃي نفرت ڪرڻ گهرجي، ان جي بدلي ۾ پنهنجي ڪنهن خاص سوچ کي ڪنهن نه ڪنهن ٻئي نالي ۽ ٻئي طريقي سان اهڙي عظمت، شان ۽ اهتمام جو حقدار بنايو وڃي، جهڙو مذهب جا پابند پنهنجي معبود لاءِ قرار ڏين ٿا ۽ ان تائين پهچڻ ۽ ان جي اشاعت ۾ اهڙي ڪوشش ڪرڻ گهرجي، جهڙي مذهب وارا پنهنجي اعتقاد لاءِ ڪندڙ آهن!

جيڪڏهن ائين به ڪيو وڃي ته ان صورت ۾ ان ماوراءِ مذهب سوچ کي به اڻ ڏٺل نظام جي ڪشش چئي سگهبو جا ڪنهن خاص خيال سبب جڻ ٻي شڪل ۾ جلوه گر ٿي وجود ۾ آئي آهي. اهڙا ماڻهو جي مذڪوره بالا ٻنهي صورتن کان بي بهره هجن، نهايت ٿورا ملي سگهندا. اهي ماڻهو، جيڪي ٽيمپرينس سوسائٽي يا ويجي ٽرئين سوسائٽي (سبزي خورن) وغيره جي نالن سان پنهنجي هڪ خاص سوچ رکن ٿا ۽ ان کي سڀ کان وڌيڪ مفيد ۽ ضروري سمجهي رات ڏينهن ان جي خيال ۾ گم رهن ٿا. تر بر جهاڳي دور دراز ملڪن ۾ چڪر لڳائين ٿا. ان جي ساراهه ۾ ليڪچر ڏين ٿا ۽ الائي ڪهڙا ڪهڙا پڄن ڳائين ٿا.

جيتوڻيڪ هو پاڻ لا مذهب جو نالو گوارا نٿا ڪري سگهن. پر پوءِ به مذهب نہ تہ سوسائٽي ئي سهي. جيڪڏهن ڪنهن کي معبود نٿا مڃين تہ نصب العين ئي چون ٿا. بهرحال اها هڪ چاهت آهي. جا سندن دل کي بيقرار ڪري ٿي وجهي. هيءَ هڪ ڪشش آهي، جا سندن قلب کي پاڻ ڏي ڪنهن بہ طرح ڇڪي ضرور آڻي ٿي. جهڙيءَ طرح هڪڙي ماڻهوءَ ڪنهن قابل تعظيم هستيءَ جي تلاش ڪئي ۽ ڪنهن وڻ يا پٿر ۾ سندس جلوو ڏسي سجدي ۾ ڪري پيو ماڻهن چيس تہ مذهبي ديوانو آهي، ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ وري اجا وڏيڪ ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ترڪ[8] مسڪرات ۾ خوبي ڏٺائين. ان جي پوبان سرگردان رهيو. جيتوڻيڪ ان کي مذهبي ديوانو نہ چئبو بلڪ سوسائٽي جو دلداده ئي سمجهبو. پر انصاف سان ڏسندا تہ ٻنهي ۾ ڪو فرق ڪونهي!

هڪ تندرست ۽ هڪ بيمار ۾ ڪاڌي جي فطري خواهش ساڳي آهي، تندرست کي لذيذ غذا مطلوب رهي ٿي، مگر بيمار مِٽي کائڻ پسند ڪري ٿو. ساڳيو مثال هنن ماڻهن لاءِ پڻ آهي تہ ڪين هڪ فطري جذبو مطلوب جي طرف ضرور ڪشش ڪري ٿو مگر هي بيمار ان عيوض وڻ، پٿر يا ڪنهن وهم، خيال، سوسائٽي، نصب العين وغيره جي پوبان سرگردان رهن ٿا. انصاف سان ڏسبو تہ مٽي کائڻ وارو بيمار ۽ هي وهم ۽ خيال جي پرستش ڪرڻ وارا ماڻهو قابلِ رحم، ٻئي آهن، پر فطري جذبي کان محروم نہ آهن.

مذهب کان ناآشنا اڪثر اهي ماڻهو ڏسبا جن کي ابتدا زندگي کان وٺي مادي تعليم ۽ جسماني خيال ۾ گم رکيو ٿو وڃي، اهڙا ماڻهو مٿي ذڪر ڪيل استثنا جي عادت موجب اهڙي ماحول کان متاثر ٿيل آهن، جيئن مادر زاد نابين يا ديوانا پيدا ٿي سگهندا هجن. يا جاهل ۽ وحشي غلط سوسائٽيءَ ۾ پرورش پائڻ سبب ترقيءَ جي جذبي کان محروم رهجي ويندا هجن.

---

[8] ترڪ مسڪرات يعني نشه جو ترڪ ڪرڻ

هيءَ صورت ۾ دهريت پسند ۽ جديد خيال ماڻهن جي حالت ڏسي مذهبي احساس جو اهو هڪ معجزو معلوم ٿيندو ته جيڪي ماڻهو هن ڏس ۾ غور ۽ فڪر کان ڪم وٺن ٿا، اهي جيتوڻيڪ فطرت سليم جا مالڪ نه به هجن، پر ان هوندي به ڪنهن نه ڪنهن سوچ کي به طور معبود تسليم ڪرڻ تي مجبور ضرور رهن ٿا.

پروفيسر وليم جيمس لکي ٿو ته:

”ڪيترا اهڙا فرقا ڏسبا جي جيتوڻيڪ خدا کي نٿا مڃين، پر اخلاق جا حامي ضرور آهن ۽ اڄڪلهه اخلاقي سوسائٽين جي نالي سان سڄي دنيا ۾ پکڙيل آهن. ڏسبو ته انهن به هڪڙي خيالي امر کي پنهنجو معبود مقرر ڪيو آهي ۽ قانون اخلاق جي نالي سان ان اعليٰ مقصد کي فرض سمجهيو ٿو وڃي. ٻئي طرف وري سائنس به مذهب جي جڳهه وٺي چڏي آهي. اڄڪلهه سائنسدان فطري قانون کي پنهنجو معبود تسليم ڪري رهيا آهن.

مذهب کي خود ذات باري تعاليٰ فطرت جي نالي سان سڏيو آهي.

فَأَقِمْ وَجْهَكَ لِلدِّينِ حَنِيفًا ۚ فِطْرَتَ اللَّهِ الَّتِي فَطَرَ النَّاسَ عَلَيْهَا ۚ لَا تَبْدِيلَ لِخَلْقِ اللَّهِ ۚ ذَٰلِكَ الدِّينُ الْقَيِّمُ وَلَٰكِنَّ أَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُونَ

يعني: ”سڀني ڳالهين کان منهن ڦيرائي پاڻ لاءِ دين کي قائم رکو اها پڻ خدا جي فطرت آهي. جنهن تي خدا ماڻهن کي پيدا ڪيو آهي، خدا جي آفرنيش ۾ غير نٿو اچي سگهي. هيءَ (مذهب) جيتوڻيڪ سڌو رستو آهي، مگر اڪثر ماڻهو سمجهڻ کان قاصر آهن“.

# باب ٽيون

## انبياءِ ڪرام

مذهب ۽ عقل جيئن ته ٻئي فطري شيون آهن. هنن ٻنهي جو فطرت ۾ يڪسان داخل هجڻ هڪ ٻئي جي مشابها رهڻ جو اهو نتيجو ٿو نڪري ته ابتدا زماني ۾ سڀ انسان صرف فطري حالت ۾ هئا. ان ڪري سيني جي مذهبي ڪيفيت به هڪ جهڙي هئي. چو ته عقل جو هڪ جيترو هون. پر جڏهن خيال يعني خدا جي تلاش ۾ مصروف رهيا. تڏهن جيڪا ڪشش ڪين قدرت جي طرفان ڏني وئي هئي، ان ۾ پنهنجي خواهش کي ملائي ان جي متعلق مختلف رستا اختيار ڪندا رهيا. جيئن عقل يعني "فلاسافي" يا واقعيت کي ڪيترن غير وقوع خيالن سان گڏائي مختلف طريقا اختيار ڪيا وجن ٿا.

ان ڪان پوءِ مذهبي تجربيڪار وقت بوقت پيدا ٿيندا رهيا. جي حسبِ حال هڪ خاص تعليم ڏيڻ لڳا ۽ ماڻهن جي مختلف عقيدن جو فيصلو پڻ ڪندا رهيا. جيئن عقلي تجربيڪار پنهنجي پنهنجي وقت ۾ جديد فلسفيانه نڪتن جي تعليم ڏئي اختلافات عقلي جو فيصلو ڪندا آهن. جن ماڻهن ۾ صادق طلب ۽ حقانيت جو شوق موجود هو. اهي پنهنجن رهنمائن جي فيصلي تي ڪاربند ٿي پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿيندا رهيا. جيئن واقعيت ۽ فلسفي جا شائق عقلا جي رهنمائي سان علم ۽ فن جو لطف حاصل ڪري سگهن ٿا.

اهڙيءَ طرح هڪ طرف عقلي فرقا ۽ اسڪول قائم ٿيندا رهيا ۽ ٻئي طرف مذهبي گروه ۽ ان جون شاخون وجود ۾ اينديون ويون. هڪڙا

پنهنجن رهنمائن کي مؤجد چوڻ لڳا ۽ پين پنهنجن رهبرن کي نبي ۽ پيغمبر جي معزز خطاب سان ياد فرمايو. هڪ طرف ڊيوي[9]. جيمز. ايڊيسٽ. واٽسن. هر ٽر ۽ رانجن جهڙا رهنما بنجي عقلي فضا ۾ قابل تعظيم تسليم ڪيا ويا ته ٻئي طرف وري ڪرشن. زردشت. ٻڌ ڪنفيوشس. موسيٰ ۽ مسيح مذهبي دنيا ۾ لائق عقيده ۽ مدار ايمان قرار ڏنو ويو آهي ۽ سندن طبعي ميلان ۽ ذاتي ڪوشش ئي کين ڪنهن نه ڪنهن شيءِ جي ايجاد ڪرڻ ۾ ڪامياب بنائيندي آهي. تيئن انبياء ڪرام به پنهنجي ذاتي قابليت ۽ فطري استداد سبب اها نعمت حاصل ڪري سگهن ٿا يا سندن انڪشافات ۾ جنهن کي "وحي" ۽ الهام چيو ٿو وڃي. ڪنهن الهامي طاقت جو دخل ٿي سگهي ٿو.

جيڪي ماڻهو فلسفي جي بنياد تي مذهبي خوبين جو اعتراف ڪندڙ آهن. اهي عام طرح پهرين خيال جا حامي آهن. جيئن مسٽر سوٿي پارڪر پنهنجي هڪ مضمون ۾. به عنوان مذهب جو فطري نظام يا اسپريچوئلزم ۾ هيٺئين طرح رقم طراز آهي:

"جهڙيءَ طرح جسماني خواهش لاءِ فطرت انيڪ شيون مقرر ڪري ڇڏيون آهن. اهڙيءَ طرح روحاني خواهشات لاءِ پڻ ڪي اسباب مهيا ڪري ڇڏيا اٿس. جيئن روشني. اکر. آواز. ڪن. خوراڪ. ذائقو. سچائي. ذهن. حسن ۽ تخيل وغيره ۾ باهمي تعلق آهي. اهڙيءَ طرح خدا ۽ روح ۾ پڻ وڏو تعلق رهي ٿو. جيئن طبعي ميلان جي پيروي ۽ جسماني قوتن جي اطاعت ڪرڻ سان جسماني خواهشن لاءِ نيچر جي

---

9 ڊيوي بجليءَ جي بلب جو موجد، جينر علاج طور ٽڪي لڳائڻ جو موجد، ايڊيسن فوٽو گرافي جو موجد، واٽسن تار برقي جو موجد، هرٽز برقي لهرن کي ثابت ڪري بي تار تند پيغام رساني جي خيال پيدا ڪرڻ وارو ۽ رانجن ايڪسري فوٽو گرافي جو موجد، جنهن مان زنده انسان جي هڏين جو عڪس ورتو ويندو آهي.

طرفان اسباب مهيا آهن. جن سان صحت ۽ قوت حاصل ٿي سگهي ٿي ۽ جيئن قلبي قوانين جي پابندي ڪرڻ سان قلبي ضرورتن جي سامان جو پورائو ٿي سگهي ٿو ۽ دانائي يا قابليت. جيڪي قلبي صحت جا نتائج آهن حاصل ڪري سگهجن ٿا. ساڳيءَ طرح اسين جيڪڏهن بئي طرف طبعي ميلان جي پيروي ڪريون. جنهن ۾ اخلاقي ۽ مذهبي خصوصيت ملحوظ هجي ته ان جي ضرورتن لاءِ به گهڻوئي سامان مهيا ٿي سگهي ٿو. جنهن سان سڀ کان بهتر اخلاقي صحت يعني اخلاقي ۽ مذهبي سچائي. روحاني امن، شعور ۽ مسرت حاصل ڪري سگهجي ٿي. هن عقيدي اسپريچوئلزم جي وڏيڪ تعليم هيءَ آهي ته. خدا ۽ روح ۾ جيڪو قرب آهي، دنيا ۽ جسم جو قرب ان کان وڌيڪ ڪونهي، جو ته اسين خدا ۾ ئي زنده آهيون. خدا ۾ ئي هلون چلون ٿا ۽ ان ۾ ئي اسان کي، وجود حاصل آهي. جيئن مادي تي قبضي ڪرڻ لاءِ ۽ جسماني ضرورتن جي پورائيءَ لاءِ اسين جسماني حواس رکون ٿا، جن سان فطري طور سيني مادياتي شين کي، جي اسان لاءِ ضروري آهن حاصل ڪري سگهون ٿا. تيئن خدا تعاليٰ تائين پهچڻ لاءِ روحاني ضرورتن مهيا ڪرڻ لاءِ ائين روحاني شين کي، جي اسان لاءِ ضروري هجن. حاصل ڪري سگهون ٿا. جڏهن اسين جسماني ضرورتن جو لحاظ رکون ٿا، تڏهن فطرت کي پنهنجي پاسي ۾ ڏسون ٿا ۽ وري جڏهن روحاني قوانين جو خيال ڪيون ٿا، تڏهن خدا کي پنهنجي پر ۾ ڏسي سگهون ٿا. جيڪي ماڻهو هن حالت جي مدنظر سوچين ٿا. خدا انهن کي صداقت بخشي ٿو. اسين عقل، ضمير ۽ مذهبي جذبي جي مدد سان سندس بارگاهه ۾ پهچي سگهون ٿا. جيئن اکين، ڪنن ۽ هٿن جي وسيلي براه راست نيچر تائين پهچي سگهجي ٿو ان ڪري هن ڏس ۾ ڪشش ثقل جهڙي يقيني ۽ باترتيب هڪ عام قانون وانگر خاص انسان تي وحي نازل ڪري ٿو ۽ ڪيس سچائيءَ جي الهام تي فائز رکي ٿو. جيڪڏهن خدا هر هنڌ حاضر ناظر ۽ هميشه لاءِ فاعل آهي ته وحي

ڪا معجزي جهڙي ڳالهه ڪانهي. بلڪ ذي شعور روح تي خدا جي اثر جو هڪ باترتيب قاعدو آهي. جيئن ڪشش ثقل جو هڪ بي شعور مادي تي اثر ڪرڻ جو قانون آهي. وحي هر وقت منزل مِن الله نہ آهي. ڇو تہ اعتقاد ۽ عمل جو قانون واحد يعني ڪلمة الله انسان جي، نهايت قريب خود سندس دل ۾ ئي موجود آهي ۽ ان جي ذريعي انهن سيني دستاويزن يعني الهامي ڪتابن جو خواهہ ڪهڙا بہ هجن. علم رکي سگهي ٿو خدا جي حضور مطلق وانگر وحي صرف انهن چند صاحب ڪتب الهاميہ تي محدود نہ آهي. جن کي يهودي، عيسائي ۽ مسلمان مڃين ٿا. بلڪ ان جي وسعت ايتريقدر آهي. جيتريقدر نسل انساني وسيع آهي. خدا سموري فضا ۽ سمورن روحن ۾ موجود آهي. جيئن بي شعور مادي تي اثر انداز ٿي کين مجبور بنائي ٿو. تيئن هڪ آزاد ۽ ذي شعور انسان کي بہ وحي جي نعمت سان مالا مال فرمائي ٿو ۽ ان جو هر وقت مددگار رهي ٿو.

## روحاني حواس

مٿئين مضمون ۾ مسٽر پارڪر جنهن صفت کي مذهبي خاصو ۽ روحاني حواس فرمايو آهي. جنهن جي خوبين کي لحاظ ۾ رکڻ سان سندس اعتقاد ۾ ڪشف ۽ الهام پيدا ٿي سگهن ٿا ۽ ان کي پروفيسر جيمس (ايل. ايل. ڊي) انساني وجود جو نہ صرف مذهبي، بلڪ هڪ عام حواس ثابت ڪيو آهي.

جيئن لکي ٿو:

"انساني وجود ۾ ٻين حواسن کان علاوه سڀ کان وڏيڪ پرزور ۽ عام هڪڙو ٻيو اهڙو حواس موجود آهي. جيڪو سواءِ اکين ۽ ڪنن جي مدد جي ڪنهن بہ شيءِ جي حقيقت بابت خارجي وجود جو حڪم ٻڌائي سگهي ٿو. هيءَ اهڙو تصور آهي، جنهن جي بنياد تي انسان ايترو

چوڻ لاءِ بہ تيار آهي تہ هو ڏسوا هو شيءِ موجود آهي. جنهن جي بنسبت سائي ڪالوجي (علم النفس) جو فيصلو آهي تہ هر قسم جي واقعي جو يقين هن حواس سان پيدا ڪري سگهجي ٿو.

## وحيءَ جو نزول قانون قدرت جي خلاف نہ آهي

مذڪوره بالا اقتباس ۾ مسٽر پارڪر مذهبي خوبين ڪي فلسفي جي بنياد تي نهايت وضاحت سان بيان ڪيو آهي. پر حقيقت هيءَ آهي تہ انبياء ڪرام جي انڪشافات ۾، جنهن کي وحي ۽ الهام چيو وڃي ٿو، بالڪل ان بالائي طاقت جو هٿ آهي. انسان جي پنهنجي قابليت ۽ فطري استدلال جو هن ۾ ڪوبہ دخل ڪونهي.

مسٽر پارڪر "وحيءَ" جي نالي چيو آهي تہ. وحي ڪو معجزو ڪونهي. ائين برابر آهي تہ اڄڪلهہ ڪن ماڻهن وٽ معجزي جو لفظ نفرت ڏيارڻ لاءِ ڪافي سمجهيو ٿو وڃي. پر جيڪڏهن معجزو قانون قدرت جي خلاف آهي تہ پوءِ هڪ ادنيٰ شيءِ جو پنهنجي ڪوشش سان اعليٰ درجي تائين پهچڻ کي بہ معجزو چئي سگهجي ٿو. جيتوڻيڪ مسٽر پارڪر وحيءَ کي خلاف قانون تجربي جي چئي اڄڪلهہ جي فلاسفرن کان معجزه مڃائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر جيڪي ماڻهو خدا تعاليٰ جي فاعلانہ طاقت سان عجيب غريب جلوت جي نمودار ٿيڻ جا معترض آهن. اهي هر حال ۾ "لا آف نيچر" يعني فطرت جي تربيت جي موافق اعتقاد رکن ٿا!

جهڙيءَ طرح سرڪس جو گهوڙو خواه ڪهڙو بہ اصيل هجي، پر جيستر ان کي تعليم نہ ڏني وڃي، تيستائين مالڪ جي اشارن کي نٿو سمجهي سگهي، پر سکيا وٺڻ کان پوءِ مالڪ جي هٿ کڻڻ سان بيدم ٿي ليٽي پوي ٿو. اهڙيءَ طرح انسان ڪهڙو بہ ڪٽي نيڪ هجي مگر

جيتر ڪيس خدا تعاليٰ پنهنجي حضوري ۽ قرب عطا نٿو فرمائي، تيستائين صرف پنهنجي ڪوشش سان خدا تعاليٰ جي معرفت جي عين اليقين حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب نٿو ٿي سگهي ۽ نور الاهيءَ جي پاڇي سان پنهنجو روح هرگز منور نٿو ڪري سگهي!

اهو قاعدو آهي تہ مٽي ۽ هوا مان نباتات انهن جزن کي جذب ڪري ٿي جن ۾ نباتات پيدا ڪرڻ جي صلاحيت هجي. نباتات جي ڦرن ڦلن کي حيوان کائي ٿو. حيوان ۽ نباتات وري انسان جي استعمال ۾ اچن ٿا. يعني هر ڪا شيءِ پنهنجي قابليت ۽ صلاحيت پٽاندڙ درجي بدرجي استعمال ٿي سگهي ٿي.

اهڙيءَ طرح خداوند تعاليٰ پڻ پنهنجن انهن نيڪ بندن کي "وحيءَ" جي نعمت کان سرفراز فرمائي ٿو جن ۾ فطري طور هن ڳري وزن کڻڻ جي صلاحيت ۽ قابليت موجود آهي. ايترو جيتوڻيڪ ضرور آهي تہ هن منصب ۾ انسان جي پنهنجي استعداد ۽ صلاحيت کي وڏو دخل آهي. ان ڪري انبياءِ ڪرام کي ٻين عام ماڻهن کان وڌيڪ فائق ۽ افضل سمجهيو ويجي ٿو. مگر جيئن نباتات جي ڪشش کي خوراڪ جذب ڪرڻ ۾ حيوان جي خواهش کي نباتات کائڻ ۾ ۽ انسان جي ارادي کي هنن ٻنهي شين مان ڪم وٺڻ ۾ جيتري قدر دخل آهي. اوتري قدر خدا کي بہ انسان تي وحي ڪرڻ ۾ دخل هجڻ عقل جي موافق ٿي سگهي ٿو. يعني خدا جي طرفان فعل ۽ انسان جي طرفان انفعال. جيڪڏهن حيوان ۽ انسان جي فاعليت فطرت جي قانون ۾ ڪو مَعجزو نہ آهي تہ خداوند تعاليٰ جي هيءَ فاعليت روحي بہ ڪو خلاف فطرت معجزو نٿو چئي سگهجي!

## سيڪو ماڻهو نبي نٿو ٿي سگهي

مسٽر پارڪر يهودين، عيسائين ۽ مسلمانن تي هيءُ الزام هنيو آهي تہ هو الهامي ڪتابن کي چند صاحبن (انبياءِ ڪرام) تي محدود ٿا سمجهن ۽ ساڳي وقت مسٽر پارڪر خدا کي حاضر ناظر ۽ سرمدي فاعل هجڻ جو واسطو ڏئي دنيا جي سڀني انسانن کي وحيءُ جي شرف جو حقدار پڻ بنايو آهي. يهودين ۽ عيسائين جي خبر نہ آهي تہ مٿن اهو الزام ڪيتري قدر درست آهي[10] يا نہ. مگر مسلمان هن کان بلڪل بري ۽ آزاد آهن. اسلام ۾ تہ هر ڪنهن قوم ۾ رسول موڪلڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي.

وَإِنْ مِنْ أُمَّةٍ إِلَّا خَلَا فِيهَا نَذِيرٌ[11]

مگر هن موقعي تي اهو ئي عملي قانون پيش نظر رکڻ لازمي آهي، جيڪو هن باري ۾ نهايت بنيادي هجڻ جو مقصد رکي ٿو. مثلاً: ڪيترا ماڻهو جانور پالي انهن کي مختلف ڪرتب سيکاريندا آهن ۽ چاهيندا آهن تہ سندن اشاري تي هلن. مگر ڪين اهڙا چند ذهين جانور مشڪل سان ملي سگهندا آهن، جي مالڪ جي خواهش چڱيءَ طرح سان پورو ڪري سگهندا هجن.

اهڙيءَ طرح باريڪ ذرات واري جمادات ۽ سرسبز پنن وارا وڻ سڀئي آهن. مگر انهن مان اهي نهايت ٿورا آهن، جيڪي نباتات کي تازو ۽ جانورن کي صحتمند رکڻ جي خصوصيت رکندا هجن.

---

10 يهودي ۽ عيساني پڻ اهل ڪتاب آهن.
11 سوره فاطر.

مطلب ته هنن سيني حالتن ۾ ڪم وٺڻ وارن جي طرفان ڪو بخل ڪونهي، مگر ڪم اچڻ ۽ نه اچڻ وارن جي استعداد ۾ زمين آسمان جو فرق معلوم ٿيندو.

ساڳي ڪيفيت هن فعل جي به آهي، جو خدا جي طرفان روحاني صفائيءَ لاءِ ضرورت جي تقاضا رکي ٿو. عبده فياض جي طرفان بخل ڪونهي، مگر صلاحيت ۽ قابليت جو مادو نهايت ٿورڙن انسانن ۾ ملندو. جيڪي هن برڪت مان مستفيد ٿي سگهندا هجن. جهڙيءَ طرح سج جي روشني جا ستن رنگن جي مرڪب آهي. جڏهن ڪنهن شفاف شيشي تي پوي ٿي، تڏهن پنهنجو پورو جلوو ڏيکاري سگهي ٿي. مگر رنگين شيشو پنهنجي هم رنگ شعاعن کان سواءِ روشنيءَ جي باقي بين رنگن کي جذب ڪري ڇڏي ٿو. ان ڪري روشني شيشي جي هم رنگ ٿي وڃي ٿي. ڪارو رنگ جيئن ته حسب تحقيق جديد سيني رنگن کان محروم آهي. ان ڪري هو روشنيءَ جي سيني رنگن کي بالڪل جذب ڪري ڇڏي ٿو. اهوئي سبب آهي، جو روشن دان جي شيشي کي ڪاري رنگ لڳائڻ سان سارو ڪمرو اونداهو ٿي وڃي ٿو. پر اهڙيءَ طرح اونده ٿيل هجڻ سان يا مختلف رنگن جي روشني پيدا ٿيڻ سان سج تي ڪو به الزام عائد نٿو ٿي سگهي ۽ نه سندس فيض عام کان ڪنهن کي انڪار ٿي سگهي ٿو!

ساڳو مثال وحي ربانيءَ جو پڻ آهي. هو پنهنجي ڪمال اوصاف سان انبيءَ بااقبال شخص تي نازل ٿئي ٿي. جنهن جو قلب گناهن جي سمورين آلودگين کان پاڪ ۽ نور معرفت جي اخذ ڪرڻ جي قابل هجي. صنف انساني ۾ اهڙا پاڪ نفس نهايت ٿورا پيدا ٿي سگهيا آهن. بقول علامه اقبال:

شڪ ڪرڻ جو وڏو سبب موجود آهي. جيئن ته ڪيترا دانشور ۽ ڏاها ملائڪن ۽ فرشتن جي وجود کان انڪاري ٿي اهڙي اعتقاد کي جاهلانه ضعيف الاعتقادي کان وڌيڪ وقعت نٿا ڏئي سگهن. ڪيترا مذهب جا قائل دانشور پڻ پنهنجي عاقلانه نفرت سبب ملائڪن کي مڃڻ لاءِ تيار نه هوندا آهن. بلڪ پنهنجي استطاعت آهر انهن مذهبي، قول و اقوال جن ۾ فرشتن جو ذڪر آيل آهي، هڪ نه ٻيو تاويل ڪري محسوس مطلب ڪيڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.

مطلب ته اڄڪلهه جي دنيا جو هيءُ عام رجحان آهي ته فرشتن جي معني ٻي ڪا هجي ته ٿي سگهي ٿو مگر ڪا علحده اڻ محسوس مخلوقات هرگز ڪانهي!

جيئن مسٽر پارڪر، جنهن پنهنجي مضمونن جي ذريعي مسئلي وحي ۽ نبوت جي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ان ۾ اهڙي مخلوق جي غير ضروري هجڻ تي فخر ڪيو اٿس ۽ فرمايو اٿس ته خدا ۽ نبوت جي وچ ۾ ڪوبه واسطو يا فرشتو حائل نه آهي. بندو بذات خود ٻڌي سگهي ٿو. جيڪو ماڻهو ثالث جي ذريعي التجا ڪرڻ جي ضرورت نٿو رکي ان کي نوع انساني جي وڪالت ڪرڻ لاءِ ڪنهن وڪيل جي ضرورت ڪانهي.

مسٽر پارڪر جو اهو دليل ڪيترو به پلي پيچيده هجي، پر سندس دعوي تي هرگز لاڳو نٿو ٿي سگهي، ڇو ته وحي جيئن مٿي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿئون. انسان جي صرف پنهنجي ڪوشش جو نتيجو نه آهي. جنهن کي التجا يا عرض ڪرڻ سان تشبيهه ڏئي وڃي ٿي، بلڪ هو خدا جي طرفان هڪ فاعلانه ڏيان آهي. جنهن کان انسان پنهنجي صلاحيت آهر معمول ۽ متاثر رهي ٿو.

هن موقعي تي انسان کي اهو ڏسڻ گهرجي ته ڪا بالاتر لطيف ۽ قوي هستي ڪنهن ڪمتر ڪثيف ۽ ضعيف وجود تي پنهنجو فاعلانه اثر ڪهڙيءَ طرح وجهي سگهي ٿو. اهڙيءَ طرح عذر ڪرڻ سان قدرت جو جيڪو قانون معلوم ٿيندو اهو ئي قاعدو عقلي دائري ۾ محدود ٿي، خدا جي هن تاثر يعني وحيءَ لاءِ پڻ مڃڻ جي قابل لازم ٿيندو!

## روحاني مناظر

اهي روحاني مناظر، جيڪي قديم زماني کان وٺي اڄ تائين ڀوت، پريت، همزاد، روح خيال ۽ اهمي وغيره جي نالن سان مشهور هليا آيا آهن، انهن جي اصليت جيتوڻيڪ ڪهڙي به هجي، مگر انهن شين جو ماڻهن کي هر ملڪ ۽ هر زماني ۾ ڪڏهن نه ڪڏهن نظر اچڻ ۽ پنهنجي پنهنجي سمجهه موافق ان جو سبب قرار ڏيڻ ايترو ته ڪثرت سان مروي آهي، جو اهڙن واقعن کان انڪار نٿو ڪري سگهجي. هنن واقعن بنسبت غور ڪرڻ وارو ماڻهو سندن اصلي سبب معلوم ڪرڻ ۽ انهن مان سبق حاصل ڪرڻ ۾ نهايت ڪوشان ۽ سرگرم رهندا آيا آهن. جيئن ته انهن ملڪن کان علاوه، جتي اهڙين ڳالهين کي جنات ڄاڻي حاضرات وغيره جي عملن سان پنهنجي خيال مطابق علاج معالج جو ڪم ورتو ٿو وڃي. مهذب ملڪن ۾ پڻ مسيمرزم جا عالم ۽ ٿيوسافيڪل سوسائٽي ۽ سوسائٽي فار سائيڪيڪل ريسرچ وغيره ڪيترا گروهه پيدا ٿيندا رهيا آهن. جن هنن واقعن تي مفيد روشني وڌي آهي. جيتوڻيڪ هيءَ ڪم اڃا تڪميلَ تي نه پهچي سگهيو آهي. پر تلاش ۽ تحقيق ذريعي اهو يقيني نتيجو پيدا ٿيو آهي ته اهڙا واقعات غلط افواه ۽ بي بنياد نه آهن انهيءَ ڪانسواءِ انسان ذات ۾ ڪيترين ئي اهڙيون مخفي طاقتون موجود آهن، جيڪي ڪن خاص حالتن ۾ پنهنجو عجيب اثر ڏيکاري سگهن ٿيون.

n-2025, 21:47

مسٽر ليڊ بيٽر هڪ مشهور عالم لارڊ لٽن جي ڪتاب دي اسٽرينج اسٽوري جي حوالي سان لٽن صاحب جي زباني لکي ٿو ته:

"منهنجي هن ڪتاب پڙهڻ وارن مان ڪيترا اهڙا ماڻهو هوندا، جن پنهنجي عمر ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو اهڙو ڪو واقعو ضرور ڏٺو هوندو، جنهن کين حيران ڪري ڇڏيو هجي. اهڙا مناظر ايترا ته بي شمار آهن، جن جي ڳالهين کي بيان ڪرڻ کي اڪثر تماشو سمجهيو ويندو آهي، ڇو ته جيڪي ماڻهو اهڙا منظر ڏسن ٿا، انهن مان ٿورا ڪي اهڙا هوندا جيڪي اهڙين ڳالهين ڏي ڌيان ڏئي سگهندا هجن. حقيقت ۾ عام خيال اهڙن منظرن جي برخلاف ظلم جي حد تائين پهتل آهي. مگر جيڪو ماڻهو منهنجي هن ڪتاب کي تنهائي ۾ پنهنجي ڪمري ۾ پڙهندو، اهو غور ڪري پنهنجي حافظي ۾ ڳوليندو ته اهڙا هڪ ٻه واقعا کيس ڏنڌلي خواب وانگر دماغ جي ڪنهن نه ڪنهن ڪنڊ ۾ ضرور ملندا. جيڪي سندس نزديڪ وهم ۽ بي بنياد نه هوندا ۽ منهنجي هن بيان کي ضرور درست ثابت ڪندا".

هن ڪانپوءِ مسٽر ليڊبيٽر لکي ٿو ته:

"اسان جي هن زماني ۾ سائيڪيڪل ريسرچ جي بدولت هنن ڳالهين کي لارڊ لٽن جي وقت کان ٻه وڏيڪ ترين عقلي سمجهيو ويو آهي. اسين هنن ڳالهين بنسبت اڃا زياده علحدگي ۽ توجه سان بيان ڪري سگهون ٿا. پر لارڊ لٽن جيڪي ڪجهه پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو آهي، اهو ان جي زماني ۾ جيتري قدر هو اهو هاڻي تائين ٻه بالڪل موجود آهي.

ٻيو هڪ فلاسفر مسٽر ڪروڪس اهڙن واقعن کي وڏيڪ تعداد ۾ جمع ڪرڻ بعد پنهنجي ڪتاب جي آخر ۾ نتيجو ڪڍندي رقم طراز آهي ته:

"ماڻهن کي جيڪڏهن روح جي بنسبت هيٺرو خيال ڪرڻو پوي ته جسم کانسواءِ جدا به ڪو روحن جو تشخص آهي ته هوند آئنده زندگيءَ جي سمجهڻ جي بهتر قابليت پيدا ڪري سگهن. بلڪ اهو سمجهڻ به مشڪل نه ٿئي ته جيئن هو مادي دنيا سان تعلقات رکندڙ آهن. تيئن سندن وڏو تعلق روحاني عالم سان پڻ وابسته آهي. تنهن ڪري اهي عجيب صلاحيتون جيڪي بعض روحن جي طرفان ڪن خاص حالتن ۾ ظاهر ٿين ٿيون. بالڪل قرين عقل آهن. انهن خصوصيتن جي هڪ ڏيمي روشني روح ۾ موجود آهي. مگر جسماني تعلقات سبب عارضي طور پوشيده رهي ٿي".

عربي ڪتاب روضة الرياحين جي فاضل مصنف هن ڪتاب ۾ روحاني طاقت جو هڪ عجيب واقعو بيان فرمايو آهي .لکي ٿو ته:

"بصره جي هڪ مقام ۾ قبر کٽندي سامي واري پاسي کان هڪ ٻي پراڻي قبر جو پٽر ڪري پيو ۽ دري کلي پئي قبر کوٽڻ وارو شخص ڏسي ٿو ته ان پراڻي قبر ۾ هڪ نوجوان خوبصورت خوش پوشاڪ بزرگ ويٺو آهي ۽ نوراني اکرن سان لکيل قرآن مجيد اڳيان ڪيو ويٺو تلاوت فرمائي پيو. هيبت کان ان شخص جي هٿ مان لحد کوٽڻ وارو اوزار ڪري پيو ۽ عبرت وچان ويهي هن بزرگ ڏي ڏسڻ لڳو. ايتري ۾ اهو بزرگ هن شخص طرف متوجه ٿي فرمائڻ لڳس:

"يا شيخ اقامة القيامت" ادا قيامت آئي آهي ڇا"؟

ان شخص هيبت کان ڏڪندي جواب ۾ عرض ڪيس ته:

"لا يا سيدي ما قامة القيامت"

"نه سائين! قيامت اڃا ڪانهي آئي"!

آهي. ڪجهه موقعن تي راه راست جي عوض جڏهن ڪنهن واسطي ڪان ڪم ونندا آهن. تڏهن نابالغ ڇوڪرن يا عورتن کي معمول بنايو ويندو آهي ڇو ته انهن جا ارواح بنسبت عاقل بالغ مرد جي وڌيڪ لطيف ٿين ٿا.

هن مان معلوم ٿيندو ته روحاني عاملن کي هوش و حواس سالم رکڻ وقت روحاني ڪثافت رهي ٿي. جنهن سبب لطيف شيون کين معلوم نٿيون ٿي سگهن. تنهن ڪري وچ تي هڪ لطيف روح جو واسطو حائل ڪري ڪاميابي حاصل ڪري سگهن ٿا. مطلب ته ڪثيف کان لطيف شيءِ جي طرف جيڪڏهن وڃڻو آهي ته لطافت جو هڪ درجو وچ تي آڻڻ ضروري ٿيندو. ورنه براه راست لطيف تائين پهچڻ ناممڪن آهي.

## قدرتي طاقتن جو قاعدو

مٿيون قانون ته انساني روح لاءِ مقرر آهي. مگر قدرت جي ٻين شين کي ڏسڻ سان وڌيڪ معلوم ٿيندو ته حرارت ۽ روشني، ڪشش ثقل وغيره لطيف طاقتون جي سج ۽ ٻين سيارن کان هڪ ٻئي تائين پهچن ٿيون. انهن جو اثر پڻ سواءِ لطيف واسطي جي نٿو پهچي سگهي. ايٿر جيڪو فضا ۾ ڦهليو پيو آهي، اهوئي واسطوان جي ڇرپر کي ڇيووڃي ٿو.[14]

نيوٽن جو چوڻ آهي ته، هن ڪانسواءِ اهڙين طاقتن جو ٻي واسطي هڪ ٻئي تائين پهچڻ سمجهه ۾ نٿو اچي. ان جي جواب ۾ اعتراضا ڊاڪٽر سپنسر لکيو آهي ته، ايٿر خود هڪ متخليل شيءِ آهي. ان جي هڪ جزي کان ٻئي جزي تائين جيڪو مفاصلو آهي ان ۾ روشني وغيره جي حرڪت ڪيئن قائم ٿي سگهي ٿي. روشنيءَ جي حرڪت خلاف ڊاڪٽر سپنسر جي اعتراض جو دراصل رخ هيءَ آهي ته ايٿر

---

14 فرسٽ پرنسپلز باب 3

ڪري هيءَ ماٺهو جبرئيل عليه السلام کي بـ براه راست خدا کان نوراخذ ڪرڻ جي قابل نٿا ڇئي سگهن. بلڪ جبرئيل امين کان مٿي بہ لطافت جا پيا ڪجهہ درجا محسوس ڪري ڪيس ڪشف ۽ مشاهدي جي هڪ حد تائين محدود سمجهي سندس زبان مان چوائين ٿا:

*اگر یک سر موئی برتر برم*
*فروغ تجلی بسوزد پرم*

انساني روح البتہ خاص انهيءَ حالت ۾ جڏهن هو هڪ لمحي لاءِ جسم ۽ جسماني خيالات کان برتري حاصل ڪري بالڪل بي لوث ٿي وڃي ٿو. تڏهن ان جي صلاحيت موجب خدا تعاليٰ جي طرفان فيضان نور کان تامل نٿو ڪيو وڃي ۽ جڏهن تہ هو ان وقت باوجود جسماني قيد جي جسماني خيالات کان قطع تعلق ڪري بالڪل غير ملوث رهي ٿو. تنهن ڪري سندس صفائي نوري ملائڪن جي صفائيءَ کان پنهنجي غير معمولي ڪوشش سبب وڌي وڃي ٿي ۽ هن اعليٰ صفائي جي بدولت اجا وڌيڪ نور حاصل ڪرڻ جي قابل رهي براه راست "وحي" جي سعادت کان شرف ياب ٿئي ٿو.

انبياء ڪرام عليهم السلام جي باهمي اتصلانات مراتب ۽ هڪڙي ئي نبي جي مختلف روحاني انقلابات سبب "وحي" جون مختلف صورتون ظهو رپذير ٿين ٿيون. هُو ڪڏهن فرشتي جي صورت ۾ اچي ٿو. ڪڏهن ڪنهن قسم جي آواز سان وحي ظاهر ٿئي ٿو ۽ ڪڏهن بي ڪيف نور بيواسطي جلوه گر رهي ٿو. مگر ان وقت بہ نبي ۾ جيڪڏهن ڪجهہ قدر جسماني شعور موجود آهي تہ ڪيس "وحي" جو باهہ يا بجلي وغيره جي شڪل ۾ جلوه نظر اچي ٿو. جيئن تہ ان وقت فرشتي جي وچ ۾ واسطو نٿو رهي. تنهن ڪري اِن طرف کان انيٰ انا الله جي دعويٰ پڌرڻ ۾ اچي ٿي. پر جيڪڏهن جسماني احساس بالڪل فنا ٿي ٿو وڃي تہ ان وقت اهو نور حاصل ٿو ٿئي. جنهن کي اک نٿي ڏسي

سگهي. ڪن ننا ٻڌي سگهن. مگر قلب پنهنجي سبب ان جو اهو لطف حاصل ڪري ٿو جو انسان نٿو بيان ڪري سگهي. اهڙيءَ حالت کي اصطلاح ۾ "روحاني معراج" چيو ويو آهي.

## ارواح مجرده

ملائڪ جيتوڻيڪ جسم کان پاڪ هڪ نور محض سمجهيا ويا آهن. مگر انسان جو سائنٽيفڪ تجربو اڄ تائين ڪنهن به روح مجرد جي اثر کي ڏسي نه سگهيو آهي. جيتوڻيڪ هن عقيدي کان انڪار نٿو ڪري سگهجي. ڇو ته دنيا جي نظام ۾ ڪثافت ۽ لطافت جو قانون هن مسئلي تي ڪافي روشني وجهندڙ آهي. انهيءَ ڪانسواءِ جن ماڻهن مظاهر روحاني جو اونهو مطالعو ڪيو آهي. اهي ارواح مجرده کي ثابت شده جيتوڻيڪ نه. تڏهن به ممڪن مڃڻ تي ضرور مجبور ٿيا آهن.

جهڙيءَ طرح مسٽر فريڊڪ ڊبليو ايچ مائرس. جيڪو هڪ وڏو عالم ۽ مشهور سوسائٽي فارسائيڪيڪل ريسرچ جو ميمبر به آهي. پنهنجي ڪتاب هيومن پرنسلٽيءَ ۾ لکي ٿو ته:

"جيئن زنده انسان جو روح پنهنجي بدن تي حڪومت ڪري ٿو. تيئن اڳتي هلي اهڙا دلائل به ملي سگهن ٿا. جن مان نتيجو اخذ ڪري سگهجي ٿو ته جسم کان آزاد روح به هڪ قسم جي قبضي سان زنده انسان جي بدن تي حڪومت ڪري سگهن ٿا. براه راست دماغ تي سندن بيخوديءَ جي حالت ۾ اثر ٿي سگهي ٿو. تنهن ڪري مون وٽ اهو خيال خلاف قياس نه آهي ته اهڙيءَ طرح روحاني ڪارڪن هڪ قسم جي طاقت جي مدد سان جيترو زنده انسان تي اثرانداز ٿي سگهن ٿا. اوتري قدر غير زنده مادي تي پڻ پنهنجو اثر قائم ڪري سگهن ٿا. مان يقين ٿو ڪريان ته سر وليم ڪروڪب مرحوم ڊاڪٽر سپنسر

وغيره ماڻهن جا اهڙا تاثر بطور هڪ قابل اعتماد واقعن جي لکيا آهن ۽ بيان ڪيا آهن.

مٿئين بيان ۾ مسٽر مائرس پنهنجي معومات جي بنياد تي ارواح مجرده جو صرف امڪان تسليم ڪيو آهي. پر هڪ فرينچ فلاسفر مسٽر سيوئي فگتي هڪ لطيف استدلال سان اهڙن روحن جو وجود ثابت ڪيو آهي:

جيئن لکي ٿو:

"انسان جي چوڏاري زنده مخلوقات ۾ نباتات کان وٺي انسان تائين هميشه هيٺ کان وٺي مٿي هلڻ وارو سلسلو موجود آهي، جو بتدريج ڪمال حاصل ڪري رهيو آهي. پاڻيءَ تي سينور ۽ ٻيون بحري روئيدگيون، جي نباتاتي دنيا جي نظام جون ابتدائي حالتون چئي سگهجن ٿيون. زندگيءَ جو ابتدائي نڪتو قرار ڏئي اسين نباتاتي دنيا جي تمام ڪمال حاصل ڪرڻ واري سلسلي کان وٺي، ابتدائي حيوانات يعني گهونگهي ۽ ٻين نباتات نما حيوانن جي بي انتها درجن کي طئي ڪندي انساني قالب ۾ اچون ٿا. ڏاڪڻ جو هر هڪ ڏاڪو گهٽ ڪري غير محسوس آهي ۽ هن تغيرات ۽ درجات جي ترتيب اهڙي ته عمده آهي. جو ان وچولي هستين جي هڪ غير محدود سلسلي تي محيط ڏئي پئي وڃي، جنهن جو هڪ ڪنارو ڪائي (ابتدائي مخلوق) آهي ۽ ٻيو ڪنارو اسان جي انسان ذات. باوجود انهيءَ جي اسين جيڪڏهن ممڪن سمجهون ته اڳتي انسان ۽ خدا ۾ ڪنهن ٻي درمياني هستيءَ جو ڪوبه واسطو حائل نٿو ٿي سگهي ۽ تدريجي ترقيءَ جي سلسلي ۾ انسان ۽ خدا جي وچ ۾ هڪ وڏو خلا رهيل آهي. پر سموري نيچر ۾ ننڍي ننڍي نباتات[17] کان وٺي نوع انساني تائين تدريجي ۽ بي شمار

---

17 غير مسلم سائنسدانن جو عقيدو آهي ته دنيا ۾ زندگي پاڻي کان شروع ٿي. پاڻي تي سائي رنگ جو جارو يا سينور پيدا ٿيو، ان مان سنهڙا جيت جنتيا پيدا ٿي وڌندا ترقي ڪندا

درجات جي ترتيب بہ قائم آهي. پوءِ بہ انسان ۽ خدا جي وچ ۾ هڪ اڻ ڪٽ سلسلو موجود سمجهڻ جو شبهو ناممڪن ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن ڪنهن مذهب يا فلسفي ڪڏهن اهڙي غلطي جي حمايت ڪئي هجي تہ ان جو سبب صرف قدرت جي مظاهرات کان غير واقفي چئبي. هن ۾ صرف شڪ ڪرڻ بہ ناممڪن آهي تہ جيئن نباتات ۽ حيوانات جي وچ ۽ حيوانات ۽ انسان جي وچ ۾ تدريجي سلسلو قائم آهي. اهڙيءَ طرح انسان ۽ خدا جي وچ ۾ پڻ وچولي مخلوقات جو هڪ وڏو تعداد موجود آهي. جنهن جي وسيلي سان انسان خدا تائين پهچي سگهي ٿو". [18]

مطلب تہ يقين ڪرڻو ٿو پوي تہ اهڙي وچولي مخلوقات، جا انسان کان اڳتي لطافت جا تدريجي مراحل صاف ڪندي خدا تائين پهچي ٿي. جيتوڻيڪ اسان کي نظر نٿي اچي، پر ائين اسين صحيح نہ چئباسين تہ جيڪي شيون اسان کي نظر نٿيون اچن، ان جو اسان انڪار ڪنداسون.

مسٽر فگئي وڌيڪ لکي ٿو تہ:

مثلاً هڪڙو سائنسدان ڪنهن جاهل ماڻهوءَ کي چوي تہ پاڻيءَ جي هڪ قطري ۾ هزارين جاندار (جيوڙا) موجود رهن ٿا تہ هو هن ڳالهہ تي بالڪل اعتبار نہ ڪندو، پر جڏهن خوردبين جي ذريعي ڪيس اکئين ڏيکاريا، تڏهن اک ڪلنديس. اهڙيءَ طرح جتي اسين ڪجهہ نٿا ڏسي سگهون، اتي زنده مخلوقات جو هڪ وڏو تعداد موجود آهي. سائنس اهڙي قسم جا ڪيترا انڪشافات ڪيا آهن. اسان کي گهرجي تہ اسين بہ هڪ سائنسدان وانگر هجون. بيءَ صورت ۾ انسان ۽

---

باندر جي شڪل تائين پهتا ۽ باندر يا بن مانس مان ترقي ڪندا انسان جي شڪل اختيار ڪيائون. هي ڊارون جو عقيدو آهي.

18 ڪتاب دي. ڊي. انٽرڊٽ، باب ڇهون.

خدا جي وچ ۾ تعلق جاهلن ۽ انڌي فلسفيءَ کي ڪابه خبر ڪانه ٿي پوي. البته هو جسماني اکين جي بجاءِ جيڪڏهن روحاني اکيون ڪم آڻين يعني عقل قياس، مساوات ۽ تعليم استعمال ڪن ته جيڪر کين اها پراسرار مخلوق جهٽ پٽ نظر اچي وڃي.

مسٽر سئيوئي نگئي جي مٿين بيان مان معلوم ٿيندو ته سندس مذهب موجب، هڪڙي ئي قسم جو ارواح پنهنجي هستيءَ کي نباتات جي ابتدائي درجن کان شروع ڪن ٿا ۽ مختلف جُوڻ مٽائيندا، يعني نباتات ۽ حيوانات جا تمام مراتب طئي ڪندا انساني قالب تائين پهچن ٿا. سئيوئي فگئي هن موقعي تي نباتات ۽ حيواني ترتيب جو ذڪر انهيءَ ڪري ڪيو آهي، جو سندس خيال جي اظهار لاءِ موزون هو. جيتوڻيڪ سندس مذهب ڪهڙو به هجي ۽ ارواح تناسخ طور بتدريج ڪمال حاصل ڪندا هجن يا هن موقعي تي ڊارون جو خيال پيش نظر رکي سندس ڪو هم خيال چوندو هجي ته اسين ذي حيات آهيون. جيڪي مختلف حيوانن جون شڪليون مٽائيندا انساني صورت ۾ آيا آهيون.[19]

پر هنن سيني اختلافن کان يڪسو ٿيڻ بعد سر دست مطلب هن ڳالهه جو آهي ته صرف نباتات، بلڪ خاڪ جي هڪ ذري کان وٺي انسان تائين جيتري قدر معدنيات، نباتات ۽ حيوانات جا قسم موجود آهن، سيني ۾ هڪ قسم جي ترتيب رکيل آهي ۽ هه سلسلي جو هر هڪ درجو پنهنجي پهرين درجي جي بنسبت ڪنهن نه ڪنهن نقص کان پاڪ ۽ ڪنهن نه ڪنهن ڪمال سان متصف ۽ مڪمل رهي ٿو. تان جو سڀ کان پوءِ انسان پنهنجي هستيءَ جي اسٽيج تي رونق افروز

---

19 مولانا ابراهيم جان سرهندي اهڙن ماڻهن کي باندر پوتا ۽ لنگور پوتا سڏيو آهي. ڏسو صاحب موصوف جو ڪتاب سنڌ سونهاري، ص 25

رهي، سڀ کان اشرف ۽ اڪمل هجڻ جي دعويٰ ڪري ٿو. جيتوڻيڪ سندس اها دعويٰ ڪيتري به بجا ۽ درست هجي. پر هر طرح ڪامل هن مخلوق کي به نٿو چئي سگهجي، ڇو ته اڃا تائين منجهس ڪيترا نقائص ڪثافتون ۽ انساني ضرورتون موجود آهن. تنهن ڪري هيءَ دنيا هر طرح سان خدا جي هڪ لطيف ۽ ڪامل مخلوق جي نهايت ناانصافيءَ کان ڪم وٺڻو پوندو. يعني قادر مطلق جيڪي لطافت ۽ ڪمال جي طرف وڃڻ وارو سلسلو شروع فرمايو هو. اهو محض انساني ذات تي آڻي ختم ڪيو ويو. جيتوڻيڪ انسان کان مٿي لطافت جا پيا بي انتها مراتب پڻ خيال ۾ اچي سگهن ٿا. وقوع جي لحاظ کان البت انسان کان وڌيڪ ٻيو لطيف نٿو ڏسي سگهجي. گويا بقول سيوئي فگئي بلنديءَ جي طرف هڪ رستو بنايو ويو آهي، جنهن کي ڏسي گمان ٿو ڪجي ته هيءَ ضرور وڃي انتهائي حد کي پهچندو. مگر ٿورو پري هلڻ بعد هڪ اهڙي عميق اونداهي خندق سامهون اچي ٿي جيڪا هن بلنديءَ جي نالي نشان کي ئي گم ڪيو ڇڏي. مگر جيئن ته ڪنهن سلسلي کي ڪمال جي طرف وٺي وڃڻ بعد ان کي وچ تي نامڪمل ۽ اڌورو ڇڏڻ قدرت ڪامل جي شان کان بعيد آهي. تنهن ڪري لا محاله عقل سليم ان جو ٻيو نتيجو اهو ئي ڪڍي سگهي ٿو ته جنهن کي مذهبي ماڻهو پنهنجي روحاني مشاهدات جي بناءَ تي واقع امر قرار ڏيندا آيا آهن.[20] يعني انسان کان مٿي مخلوقات جا بي شمار درجا ٻڌايا اٿن. جن ۾ انسان وانگر ڪثافت ۽ ڪنهن به قسم جو نقص موجود ڪونهي ۽ پنهنجي پنهنجي حيثيت موجب هر درجو گوناگون

---

[20] دنيا جي سڀني مذهبن مان اسلام ۾ هن سلسلي کي ڪمال جي طرف وٺي وڃڻ جي دعوي عقيده الحيات بعد الممات ۾ صاف طرح ڪئي وئي آهي. موت ڪانپوء جيئڻ ته ابدي حياتي ۽ غير ڪثافتي ڪمال سان لطيف زندگي گذارڻ هن سلسلي کي ڪمال جي طرف وٺي وڃڻ جو آخري ثبوت آهي. الحيات بعد الممات جو ذڪر قرآن مجيد ۾ يَوْمَ يَحْشُرُ انه وغيره لفظن ۾ موجود آهي. مولف

يعني، ”شيطان پنهنجن دوستن (انسانن) تي وحي ڪن ٿا ته هو اوهان (مومنن) سان جهيڙو ڪن. مگر اوهين (مومن) انهن جي اطاعت ڪندا ته مشرڪ ٿيندا.“

يُنَزِّلُ الْمَلَائِكَةَ بِالرُّوحِ مِنْ أَمْرِهِ عَلَىٰ مَنْ يَشَاءُ مِنْ عِبَادِهِ أَنْ أَنْذِرُوا أَنَّهُ لَا إِلَٰهَ إِلَّا أَنَا فَاتَّقُونِ.

يعني، ”خدا پنهنجن بندن تي، جنهن کي گهري پنهنجي وحيءَ جي حڪم سان ملائڪن کي نازل فرمائي ٿو، ته هو (انبياء ڪرام) ٻڌائين ته سواءِ خدا جي ٻيو ڪوبه عبادت جي لائق ڪونهي. اوهان کي مون (خدا) کان ڊڄڻ گهرجي.“

ڪيترا ماڻهو اهي به آهن. جيڪي جنن ۽ شيطانن جو انڪار ڪري آيت قرآني ”وَمَا خَلَقْتُ الْجِنَّ وَالْإِنْسَ إِلَّا لِيَعْبُدُونِ“ جو غلط تاويل ڪيندا آهن ۽ جنن يا شيطانن کي ڪانوري يا ناري لطيف مخلوق مڃڻ کان انڪار هوندو اٿن. اهڙن ماڻهن جي اها جهالت آهي. تاريخ شاهد آهي ته جن ۽ شيطان ڪن موقعن تي ماڻهن سان ملاقي ٿيندا رهيا آهن. جنن پنهنجي ظاهري صورت ۾ انسانن سان ڳالهايو ٻولهايو آهي ۽ ڪچهريون ڪيون آهن.

جاهلي عربن جي تواريخ پڙهي ڏسندا ته جنن ۽ شيطانن بابت عربن جا بهتر اشعار ۽ حوالا درج ٿيل آهن. عرب، جنن ۽ شيطانن کي هڪ ٻوئي قسم ڪري ڄاڻندا هئا. مگر اختلاف صورت ۽ اشتقال جي زاويه نگاهه سان جدا جدا نالا پئجي ويا هئن. جيڪي جن جهنگلن ۽ ميدانن ۾ رهندا هئا ۽ پنهنجي شڪل ۽ لباس بدلائڻ سان مسافرن کي ڌوڪو ڏيندا هئا. انهن جو نالو ”غول“ هوندو هو. اُهي مذڪر به هوندا هئا ۽ مونث به ٿيندا هئا. عرب جو مشهور شاعر ”عبيد ايوب الغيري“ ٿو فرمائي:

[illegible]

یعنی "بیابان [illegible] [illegible]

عرب 'غول' سے مادہ کی 'سعلات' سے [illegible]

شاعر تو کہتا ہے

أزلّ وسعلاة وغول بقفرة [illegible]

یعنی "بیابان [illegible] سعلات [illegible]

عرب میں ایک مشہور شخص "عمرو بن یربوع" سعلات (جن زادیا) سے شادی [illegible] اولاد [illegible] شاعر [illegible] یہ شعر کہتا ہے

یا قاتل اللہ بنی السعلات

"خدا تعالیٰ بنی سعلات میں سے [illegible]"

[illegible] حضرت سلیمان [illegible]

[illegible]

[illegible]

يعني "ڪيترين اونداهين راتين کي مون قطع ڪيو جنهن ۾ الاهوبجي جنات جو مٽي (گانگو) اسان گوني ڪاري رهيو هو."

اهي غول صحرا نشين بدوين جي صحبت ۾ شريڪ ٿيندا هئا سياري جي موسم ۾ جڏهن هو باهه ٻاري ويهندا هئا تڏهن غول به مردن کان اچي باهه جو پاسو وٺندا هئا. بدوي کين کاڌي جي صلاح ڪندا هئا ته جڏهن جيئندا هئا ته اسين انسان وانگر کاڌو نٿا کائي سگهون.

لاحز ثم لو ماني

أتوا ناري فقلت منون أنتم

فقالوا الجن قلت عموا ظلاما

يعني "اهي لوڪ رات جو مون وٽ آئي مون انهن کان پڇيو ته ڪير آهيو؟ جواب ڏنائون ته اسين جن آهيون مون چيو ته هن اونداهي رات ۾ خوش رهو."

اهي جن جاتي گهڻا هوندا هئا اهي جايون بدا، بغال ۽ عبقر جي نالن سان مشهور هيون.

شاعر فرمايو آهي

جن البدا رواسيا اقدامها

"بدا جا جن ڏئير جن جا قدم خوب مضبوط جميل هئا"

تحت السنور جنيت البغار

"زرهن جي اندران گويا بغال جا جن معلوم ٿي رهيا هئا"

عليهم فتيان[22] كجنة عبقر

"انهن تي شهسوار جوان عبقر جا جن معلوم ٿيا ٿي".

جيڪي جن انسانن سان ميل ميلاپ رکند اهئا. انهن کي "عامر" چيو ويندو هو. جيڪي ننڍڙن ٻارن کي ستائيندا هئا. انهن جو نالو "روح" هو. جيڪي اجا وڌيڪ شرير هئا. انهن کي شيطان ڪوٺيو ويندو هو ۽ جيڪي هنن کان به وڌيڪ حرڪتي ۽ نقصان ڪار هوندا هئا، انهن کي عفريت سڏيندا هئا. هيءَ عفريت (جن) گهٽو ڪري ننڍن ٻارن بلڪ ڪن موقعن تي مردن کي به کٽي ويندا هئا. حضرت علي عليہ السلام جي ڀاءُ "طالب[23]" کي کٽي ويا هئا. جنهن جو وري پتو نه پيو. عمر بن عدي جيڪو عرب جو بادشاه هو، ان کي به جن اغوا ڪري کٽي ويا هئا. مگر ڪجهه ڏينهن کان پوءِ جديمة الابرش وٽ وٽ جيڪو هڪ مقام مو ڇڏي ويس!

اهڙيءَ طرح خرافہ جو قصو مشهور آهي، ان کي به جن کٽي ويا هئا، ڪجهه عرصي بعد جڏهن واپس آيو تڏهن عجيب غريب ڳالهيون ڪرڻ لڳو. اڄ تائين ڪن واهيات ڳالهين کي خرافات چيو ويندو آهي!

هنن جنن يا شيطان سان جن ماڻهن جا وڌيڪ تعلقات هوندا هئا، انهن مان ابو البلادٽوي مشهور آهي. طهوي هڪ ڀيري ڪنهن جن کي قتل ڪيو هو جنهن جا واقعا هينين نظم ۾ لکيا اٿس:

لقيت العول سري في ظلام

فضلت و انتحيت اهابوضب

---

22 فتي لفظ جو جمع فتيان.

23 هن طالب جي نالي تي حضرت ابي طالب جو ڪنيت ابي طالب پيو. حضرت ابي طالب جو اصل نالو عبدالمناف يا عمران هو. مؤلف

حسام غير مؤتشب يمان

فقد سو اتها والبرد منها

فخرت لليدين و الجران

يعني، ”آءٌ غول يا ٻاني سان مليس، جيڪي رات جي انڌاري ۾ هلندڙ آهن. ”انهيءَ مون کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي، تنهن ڪري آءٌ يمن جي اصل تلوار ڪڍي ان ڏي وڌيس. تلوار جي ڌڪ سندس ذره کي وڍي وڌو ۽ جن ڄنبا ڪوڙي هٿن ۽ سيني پر زمين تي ڪري پيو!“

جاهلي زماني جي عربن جا ڪي قبيلا هنن جنن جي پرستش به ڪندا هئا. جڏهن ڪي مسافر سفر جي حالت ۾ ڪنهن اوپري جاءِ تي منزل انداز ٿيندا هئا ته هو اتان جي جنات جي نالي کي پو ڪاريندا هئا. ڪي اهي جايون به مقرر هو نديون هيون. جاتي خاص طرح جنن جي نالي جون قربانيون ڪيون ويندڀون هيون. انهن مان هڪ مشهور مقام ”دراهم“ نالي هو، جنهن جي رهندڙ جنن ”شڪان الدراهم“ تي جانور ذبح ڪيا ويندا هئا. چو ته قرباني ڪرڻ سان جنن جي شرارت کان محفوظ رهي سگهبو.[24]

قبيله خاعه جي شاخ بنو مليح وارا خاص طرح جنن جي پوڄا پاٺ ۾ مشهور هئا. امام ڪلبي فرمايو آهي ته بنو مليح وارن جي هن پرستش متعلق قرآن مجيد جي هيءَ آيت نازل ٿي:

إِنَّ الَّذِينَ تَدْعُونَ مِنْ دُونِ اللَّهِ عِبَادٌ أَمْثَالُكُمْ

يعني، ”خدا کي ڇڏي جن کي اوهين ماٺهو سڏيو ٿا. اهي (جن) به اوهان وانگر بندا ۽ محتاج آهن“.

---

[24] ڏسو ڪتاب لسان العرب لفظ سکن.

ٻئي هنڌ ارشاد آهي:

وَجَعَلُوا لِلّٰهِ شُرَكَاءَ الْجِنَّ وَخَلَقَهُمْ

"۽ جنن کي انهن ماڻهن خدا جو شريڪ بنايو آهي، حالانڪ (جن) پڻ انهن ماڻهن وانگر خدا جي هڪ مخلوق آهن".

## معراج جسماني ۽ روح جو جسم تي اثر

ظاهري حواسن کان سواءِ ڪنهن بہ شيءِ جا حالات معلوم ڪرڻ هڪ روحاني فعل آهي، مگر ان سان گڏ اهو روح جو تاثر ايترو تہ وسيع آهي، جو هن ظاهري جسم تي پڻ اثر انداز ٿي سگهي ٿو. يعني پنهنجي يا ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ جي خيال جو اثر روح تائين پهچي ٿو ۽ روح جو تاثر جسم تائين ڪم ڪري ٿو هيءَ روحاني تاثرات گهڻو ڪري ٽن قسمن جا آهن:

(1) روحاني اثر سان جسمن ۾ تغير پيدا ڪرڻ.
(2) ٻئي ماڻهوءَ جي جسم کي ارادي سان حرڪت ڏيڻ.
(3) جسمن جو بي اراده تحرڪ ۾ اچڻ.

جسم ۾ تغير پيدا ڪرڻ لاءِ روحاني طاقت سان معمول ۾ ڏيان جي حالت پيدا ڪئي ويندي آهي. اهڙي ڪيفيت ۾ ڪيترين بيمارين جو علاج ٿي سگهي ٿو. ان وقت عامل جو معمول تي ايترو قدر اثر ڏسبو آهي، جو ڪيس جيڪڏهن چيو ٿو وڃي تہ توکي بخار آهي تہ هڪدم سندس بدن گرم ٿي ٿو وڃي، نبض تيز هلڻ شروع ٿي ڪري جيڪڏهن ٿرماميٽر هڻي ڏسجي ٿو تہ بالڪل بخار معلوم ٿو ٿئي. وري جيڪڏهن عامل چوي ٿو تہ بخار ڪونهي تہ هڪدم بخار لهيو وڃي.

آمريڪا ۾ دل جي علاج جو هڪ نئون طريقو جنهن کي "مائني ڪيور" چيو ٿو وڃي، عنقريب معلوم ڪيو ويو آهي. جنهن لاءِ پروفيسر وليم جيمس ٿو لکي ته ڪيترا امراض، جيڪي جسماني علاج سان دفع نٿي ٿي سگهيا، هن روحاني عمل سان بالڪل ختم ڪري سگهجن ٿا.

انهيءَ ڪانسواءِ بزرگن جي تبرڪات، يعني ڦيٽي چندي وغيره سان علاج، سپرٽزم، يعني ارواح مجرده جي تاثرات سان بيمارين تي ڪنٽرول ڪرڻ يا مسمريزم جي ذريعي مرض کان تشفي حاصل ڪرڻ وغيره. هن سڀني ڳالهين ۾ هڪ روحاني اثر مشترڪ امر آهي، جيڪو ڪنهن نه ڪنهن عقيدي تي قائم ٿيل انساني جسم تائين پهچايو وڃي ٿو، بلڪ جسماني علاج ۾ ڏنو ويندو ته جنهن علاج معالج ۾ مريض جو پنهنجو وڌيڪ اعتماد هوندو آهي، اهو ئي علاج وڌيڪ ڪارگر ثابت ٿيندو آهي، پلي ڪٽي خاڪ جي چپٽي هجي. انهيءَ جي ابتڙ ڪنهن تندرست ماڻهوءَ کي روحاني تاثرات سان مريض پڻ بنائي سائينٽيفڪ معمول اهڙو ته بي حس ڪري سگهجي ٿو، جو عامل جيڪڏهن پنهنجي اثر کي ٿورو وقت وڌيڪ قائم رکي ته جيڪر مريض دم بخود ٿي وڃي، هنن واقعن جي ثبوت ۾ مسٽر هڊسن جهڙي عالم پنهنجي ڪتاب[25] ۾ هڪ باب لکيو آهي.

جسم تي روحاني تاثر جي هي صورت اها آهي ته انسان جيتوڻيڪ پنهنجي ارادي سان ڇرپر ڪندو معلوم ٿئي ٿو، پر سندس ڇرپر ۾ عامل جي روحاني تاثر جو فعل موجود آهي. هن طريقي جي تجربن بنسبت مسٽر اين ڊبليو ايچ مائرس، جنهن ڊاڪٽر اي ٽي.

---

25 لا اف سائيڪڪ فينامنا، باب 21

مائرس جي رفاقت ۾ اُهي تجربا خود ڪري ڏٺا آهن. پنهنجي ڪتاب هيومن پرنسلٽي ضميمہ باب پنجين ۾ نهايت تفصيل سان لکيو آهي.

ٽئين صورت هيءَ آهي تہ ڪنهن بہ شيءِ جو جسم بي ارادي خود بخود حرڪت ڪندو هجي. اهڙا ڪئين تجربا مسٽر هڊسن ۽ مسٽر مائرس پنهنجن ڪتابن ۾ قلمبند ڪيا آهن.

مثلاً ميز تي رکيل شيشي يا پٿر جي پيپر ويٽ کي حرڪت ۾ آڻڻ ۽ پينسل جو خودبخود تحرڪ ۾ اچڻ يا خود تمام وزني ميز جو فٽ اڌ فٽ جنبش ۾ اچي پنهنجي جڳهہ تان سري وڃڻ، وغيره.

جهڙيءَ طرح سن 1871ع ۾ لنڊن جي ڊائيڪيٽل سوسائٽيءَ جي سب ڪاميٽيءَ جو هن تاثرات بنسبت تجربو آهي تہ سنڌس ڪمري جي هڪ وزني ميز سواءِ ڪنهن وسيلي جي هڪ منٽ ۾ چار ڀيرا حرڪت ڪندي رهي. پهرين ڀيري پنج انچ، ٻئي ڀيري يارهن انچ، ٽئين ڀيري چار انچ ۽ چوٿين ڀيري ڇهہ انچ پنهنجي جڳهہ کان پوئتي هٽي وئي.26

انهيءَ ڪانسواءِ هڪ وڏي عالم مسٽر آف لينڊ هڪ مشهور عامل مسٽر ڊي. ڊي هوم جي هن خاڪي جسم سان اڏامڻ جو اکين ڏٺو واقعو پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو آهي تہ هڪ ڀيري مسٽر هوم تي وجد جي اهڙي ڪيفيت طاري ٿي، جو هو جڳهہ جي ڪمري جي هڪ دريءَ مان جنهن جي طول و عرض صرف ارڙهن اٺويهہ انچن جي قريب هئي ۽ سطح زمين کان ستر فٽ بلند هئي، پرواز ڪري ٻاهر فضا ۾ اڌ ڪلاڪ کن ترندو رهيو. ان کان پوءِ موٽي ساڳيءَ دري مان اندر ڪمري ۾ داخل ٿيو. دريءَ مان لنگهڻ وقت سنڌس پير اڳتي هئا ۽ منڍي پوئتي!

---

26 سنڊيز ان سائڪيڪل ريسرچ صفحہ 49

مسٽر آف ليڊ جو بيان آهي ته ان وقت منهنجو هڪ دوست لارڊ آڊيئر جيڪو ان جڳهه ۾ مون سان ويٺو ملاقات ڪري رهيو هو ان جڏهن مسٽر هوم جي اها روحاني طاقت ڏٺي ۽ وري دريءَ جو طول و عرض مختصر ڏسي عجب مان چوڻ لڳو ته هوم صاحب! ايتري سوڙهي دريءَ مان اوهين ڪيئن پرواز ڪري سگهيا؟ تڏهن مسٽر هوم جو اچا وجد جي ڪيفيت ۾ هو چوڻ لڳو ته ڪهڙي وڏي ڳالهه آهي. ڏسو ته مان وري ٿو انهيءَ دريءَ مان پرواز ڪري وڃان! ايترو چئي هڪدم پوئتي هٽيو ۽ اهڙو ته زور مان جهپ هنيائين جو گولي وانگر دريءَ مان ٻاهر نڪري ويو ۽ وري به اڌ ڪلاڪ کن هوا ۾ پرواز ڪندو رهيو.[27]

## روحاني طاقتون مهاتما ٻڌ جي زماني ۾

اڳيئين زماني ۾ جيتوڻيڪ انسان جون دماغي قوتون اجا ايتري عروج تي نه هيون تنهن ڪري گهڻو ڪجهه روحاني طاقتن تي مدار رکيو ويندو هو. مگر ان وقت به ڪي فلسفيانه خيال جا بزرگ قدرت جي مظاهرات کي ڏسي پنهنجي سمجهه آهر انهن جا حقيقي اسباب طئي ڪندا هئا. جهڙيءَ طرح مهاتما ٻڌ کي پڙهندا ته هن مها پرش روحاني قوتن جو ذڪر ڪندي چا فرمايو آهي:

فرمائي ٿو ته:

"انسان جو جسم جيئن ته عناصر جو مرڪب ۽ والدين جي اجتماع جو نتيجو آهي. انسان غذا جي وسيلي پرورش پائي ٿو ۽ جهٽ ۾ فنا ٿيو وڃي. پر سندس هن چندر روزه جسم ۾ ذهانت غير محدود آهي ساڌو (فقير) پاڻ کي دنيا جي بندڻن ۾ قيد سمجهي، ان کان ڪجهه قدر آزاد لباس پيدا ڪرڻ گهري ٿو. هو پنهنجي خيال ۾ هڪڙي بئي

---

27 سنڊيزان سائيڪل ريسرچ باب 3 سن 1871

جسم جو نقشو ڇمائي ٿو. جو پڻ هن مادي جسم جي پيداوار آهي ۽ جيڪو شڪل اعضاء ۽ نظام جسماني رکي ٿو. هن جسم جو مادي جسم سان اهڙو تعلق آهي جهڙو تلوار جو مياڻ سان يا ڪنهن سپ جو جوڳيءَ جي ٽوڪريءَ سان. جنهن ۾ هو بند رهي ٿو. ساڌو اهڙيءَ طرح صاف ۽ ڪامل ٿي جڏهن پنهنجين مافوق العادة طاقتن جو استعمال شروع ڪري ٿو تڏهن پاڻ کي مادي رڪاوٽن. ديوارن ۽ احاطن ۾ جذب ٿي هلڻ جي قابل سمجهي ٿو. هو پنهنجي پاڇي نما جسم کي هڪڙي ئي وقت ڪيترن مختلف هنڌن تي ظاهر ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو. هو پاڻيءَ جي سطح تي هلي سگهي ٿو پر ٻڏي نٿو سگهي. هو وڏن وڏن پرن واري عقاب وانگر هوا ۾ پرواز ڪري ٿو. هو دنيا کي ڇڏي برهما (خدا) جي آسمانن تي وڃي سگهي ٿو. ان وقت نهايت وضاحت سان ناديده جهان جي آوازن ٻڌڻ جي طاقت رکي ٿو.[28] هو پنهنجي طاقت سان ٻين جي ڪيترن ئي پوشيده رازن کي معلوم ڪرڻ ۽ انهن جي خاصيتن ۽ عادتن جي پڌري ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو هو ٻڌائي سگهي ٿو تہ فلاڻي شخص جي نيت چڱي آهي ۽ فلاڻو شخص هيءَ آرزو رکي ٿو وغيره. جيئن ننڍڙو ٻار پنهنجن ڪنن جي والين جو عڪس پاڻيءَ ۾ ڏسي چوي تہ هيءَ واليون منهنجيون آهن. اهڙيءَ طرح هڪ صاف باطن ساڌو صداقت کي سڃاڻي ٿو. ان وقت ڪيس خدا جي ديدار جي صلاحيت حاصل ٿئي ٿي.[29] ٻيا انسان جيڪي ڪجهہ زمين

---

[28] علامه برزنجي رحمة الله عليه ڪتاب المولود ۾ اندو اهي تہ حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم معراج واري رات آسمانن تان پرواز فرمائي انهيءَ جاء تي پهتا، جتي قلم جي هلڻ جو چوڙاٽ (آواز) ڪين ٻڌڻ ۾ اچي رهيو هو، جنهن سان قضا جا امر لکيا وڃن ٿا. جهڙيءَ طرح لکي ٿو:
''الي ان سمع ضريف الاقلام بالا مور القضية'' (مولف)

[29] معراج واري رات پاڻ ڪريمن خدا جو ديدار پنهنجي هنن جسماني اکين سان ڪيو، جيئن علامه برزنجي رحمةالله عليه ڪتاب المولود ۾ ٿو لکي:
''و اماط له عجب الانوار الجلالية اواراه بعيني راسه من حضرت الربوبية ما اراه فتقوبه الله تعالي ودناه''

تي ڪندا رهن ٿا. انهن کي هو ڏسي ٿو. يا مرڻ کان پوءِ يا پيهر پيدا ٿيڻ بعد جيڪي ڪجهه انهن کان ٿيندو سڀ ڪجهه هو ڏسي سگهي ٿو. هو دنيا جي سيني رازن کي معلوم ڪري ٿو ۽ فڪر ٿو ڪري ته هيءَ ماڻهو مصيبت زده ڇو آهن؟ هيءَ ڪهڙيءَ طرح هن حالت مان نجات حاصل ڪري سگهندا. وغيره وغيره.[30]

مطلب ته مهاتما ٻڌ پنهنجي طرز ادا سان بلڪل اهي ئي واقعات بيان ڪيا آهن. جيڪي ريگستاني عرب جي هڪ اُمي پيغمبر صلي الله عليه وآله وسلم جن جي ذات گراميءَ کي معراج وقت پيش آيا[31].
پوءِ اهو خواه روح هجي، جو اهڙيون حيرت انگيز طاقتون رکندو هجي. خواه هن جسم ۾ ٻيو ڪو لطيف جسم هجي يا خواه محض هن گوشت پوست جو نالو انسان هجي ۽ ان جي وجود ۾ ڪا مقناطيسي ڪشش يا ايڪسريز جهڙي قوت مظهر هجي هن امر جي تحقيق ڪرڻ وارن کي مبارڪ هجي. البته جيڪا ڳالهه واقع آهي اها هيءَ آهي ته هن ساڍن پنجن فوٽن واري قد واري مخلوق کي وڏي قدرت عطا ڪئي وئي آهي.

انسان جڏهن انهيءَ نور مطلق جي طرف همه تن توجهه ڏيڻ ۾ مصروف ٿو رهي ۽ جڏهن ڪيس جسم ۽ جسمانيت کان بي توجهي (استغراق) ۾

---

يعني، پاڪ ڪريمن لاءِ الله تعاليٰ معراج واري رات جلال ۽ بزرگيءَ جا پردا پري ڪري ڇڏيا ۽ بارگاهه ربوبيت کي جيڪي ڪين ڏيکارڻ جو حق هو سو سڀ ڪين جسماني اکين سان ڏيکاريو ويو ۽ پنهنجو مقرب بنايو ويو. (مولف)

30 پاپولر لائف آف ٻڌها. مصنف مسٽر ارٿرالي.

31 هن بيان جي صداقت ۾ قرآن مجيد ۾ ارشاد آهي، يَاأَيُّهَا النَّبِيُّ إِنَّا أَرْسَلْنَاكَ شَاهِدًا وَمُبَشِّرًا وَنَذِيرًا "نبي توکي موڪليو ويو آهي امت جي اعمال تي شاهد ڪري". الخ....

شاهد شرعي خواه قانوني لحاظ کان ان شخص کي قبول ڪيو وڃي ٿو، جيڪو ڪنهن واقعي کي اکين سان ڏسي ان جو صحيح بيان ڏني، ٻي صورت ۾ ان کي قبول نٿو ڪري سگهجي.

ڪمال حاصل ٿو ٿئي، جنهن ڪي دنيا وارن پڻ روحاني اثر لاءِ هڪ شرط تسليم ڪيو آهي، تڏهن سندس وجود ۾ اهي طاقتون پوري قوت سان جلوه نما ٿين ٿيون، جن جي بدولت هو پنهنجي استعداد موجب ڪڏهن ڪن مخفي رازن جي پرده ڪشائي ڪري ٿو ته ڪڏهن هن کان غير معمولي جسماني تاثر ظهور پذير ٿين ٿا. هو هڪ لامحدود فضا ۾ سير ڪندي ارواح مجرده ۽ گذشته انسانن سان ملاقي رهي ٿو. دوزخ ۽ بهشت جا حالات، جيڪي بعد الممات پيش اچڻ وارا آهن، مشاهدو ڪري ٿو ۽ پنهنجي انهيءَ انتهائي ڪمال جي نقطي تي پهچي ٿو جنهن کي معراج چيو ويو آهي ۽ انهن رازن جي اپٽار ڪري ٿو جن تي عمل ڪرڻ سان انسان کي نور معرفت حاصل ٿيندو هجي ۽ واصل رباني جي نعمت عظميٰ کان مالا مال ٿي سگهندو هجي!

مطلب ته اهي روحاني آثار جيڪي وقت بوقت ڪجهه انسانن کان بي ارادہ صادر ٿيندا آهن، يا جيڪي ڪن خاص قاعدن تي عمل ڪرڻ سان انسان پنهنجي ارادي سان ظاهر ڪندو رهيو آهي. انهن جي گهري مطالعي ڪرڻ سان ثابت ٿو ٿئي ته جسماني معراج مڃڻ ۾، جنهن جا اڪثر اهل اسلام قائل آهن، اصولاً ڪا به غلطي ڪانهي. فرق صرف هيءَ آهي ته دنيا جي مخفي رازن کي معلوم ڪرڻ ۽ جسمانيت کي عمل ڪرڻ جي ٿوري گهڻي طاقت، جيڪا عموماً هر انسان ۾ موجود رهي ٿي، اها اعليٰ پيماني تي ڪنهن خاص انسانن لاءِ تسليم ڪئي وئي آهي.

# باب چوٿون
## تخليق ڪائنات تي آخري نظر
## مختلف مذهبن جا نظريا

اڄڪلهه تائين دنيا عالمانه اپياس ۽ ڪجهه استدلالي طريقن سان زمين ۽ آسمان کي حادث مڃيندي. انهيءَ "بادل" تائين پهتي آهي. جنهن مان تمام اجزاءَ سماوي پيدا ٿيل آهن!

ڊاڪٽر مسيمونيوڪوم (ايل. ايل. ڊي) جنهن جي بنسبت سر رابرٽ پال ايل. ايل. ڊي لکي ٿو ته. سيميو نيوڪوم صرف آمريڪا، نه بلڪ پوري دنيا جي عالمن ۾ هئيت ۽ ٻين علمن جي لحاظ کان مقدم آهي. فرمائي ٿو ته:

نيبولا جي عقيدي مڃڻ سان هڪ ٻيو سوال پيدا ٿو ٿئي ته: نيبولا يعني دونهين جو بادل ڪيئن پيدا ٿيو ۽ ان جي شروعات ڪهڙيءَ طرح ٿي. اسين البت اهڙي حد تائين پهتا آهيون، جاتي سائنس سوال ته پيدا ڪري ٿي، پر ان جو جواب نٿي ڏئي سگهي. مطلب ته عقل تحقيق جي حد تائين پهچي پوري تسڪين حاصل نٿو ڪري سگهي. عام عقل ته بجاءِ خود، پر سائنس پڻ اهو سوال پيدا ٿي ڪري جنهن جو بنيادي جواب وٽس موجود نه آهي، دراصل ٿيڻ به ائين کپندو هو، چو ته فرض ڪري وٺو، جيڪڏهن ڪنهن به زماني ۾ سائنس هن بادل (نيبولا) کي ڪٽي چيري به ڏسي ۽ سندس ساخت جو پتو معلوم به ڪري سگهي، پر پوءِ به ٻي جيڪا شڪل ڏسڻ ۾ ايندي، ان لاءِ پڻ ساڳيو سوال اٿي سگهندو، اهڙيءَ طرح مٿي هلڻ سان آخرڪار هڪ ڏينهن سائنس کي اعتراف ڪرڻو پوندو ته ڪين ڪجهه معلوم نٿو ٿي سگهي. بس! هيءَ اهائي حد آهي جتان مذهب جي حڪومت شروع ٿئي ٿي، دنيا ۾ مذهب جي ضرورت جو اهو هڪ واضح دليل آهي ته جاتي سائنس هڪ سوال پيدا ٿي ڪري، پر ان جو جواب نٿي ڏئي سگهي. گويا هن

حد تائين هو خود عقل جي رهنما هئي. پر هاڻي هڪ هنڌ بيهي پري کان مذهب جي طرف آڱر جو اشارو ڪري رهي آهي ۽ عقل کي مذهب جي پويان ڊوڙائي پاڻ غير واسطيدار بيوس نگاهن سان نهاريندي خاموش رهي ٿي.

ڊاڪٽر سپنسر ٿو لکي:

"حقيقي علم سمورن خيالن تي حاوي نٿو ٿي سگهي. انڪشاف ڪيترائي پري تائين وڃي سگهندا هجن. پوءِ به سوال باقي رهجي ٿو وڃي ته هن کان پوءِ ڪهڙي شيءِ آهي سائنس جيتري قدر واڌارو ڪندي ٿي رهي. اوتري قدر اهڙين نامعلوم حالتن جي قريب ڪندي ٿي وڃي. تنهن ڪري علم سموري واقفيت جو اجاره دار نٿو بنجي سگهي ۽ جڏهن ته دماغ لاءِ هميشه ممڪن رهندو ته موجوده علم کان بالاتر معلومات سان تعلق پيدا ڪندو رهي. هن حالت ۾ ائين ڪڏهن به نه ٿي سگهندو ته مذهب لاءِ ڪو به موقعو نه رهي. مذهب جيئن ته پنهنجي تمام شڪل ۾ بين شين کان ڌار ۽ ممتاز آهي. تنهن ڪري سندس موضوع پڻ تجربي جي حد کان بالاتر ٿي سگهي ٿو".[32]

## دنيا جي تخليق بنسبت پڊ ڌرم جو نظريو

مطلب ته اڄ تائين توڙي سائنس دونهين جي بادل (نيبولا) تائين پهتي آهي. پر هن کان اڳتي جيستائين تجربي جي ترقيءَ جو احتمال آهي ته اهو ملڪ پڻ جيتوڻيڪ سائنس جي موجوده قبضي ۾ نه هجي پر زير اقتدار ضرور آهي. جنهن جي حدن تائين مذهب جي حڪومت کي تسليم نٿو ڪيو وڃي. مذهبي خيالات ان جڳهه کان شروع ٿيڻ گهرجن. جتان مادي جي ابتدائي حالت مڃي وئي هجي. پوءِ اها شڪل خواهه دونهين جي بادل جي هجي يا ڪنهن بي شيءِ جي. هن تي سوال اٿندو ته آيا اها ابتدائي شيءِ خود بخود موجود آهي ۽ خود بخود عمل ڪندي رهي ٿي يا ان تي ڪا بي مخفي طاقت حڪومت ڪري رهي

[32] فرسٽ پرنسيلز ، باب پهريون

آهي. اهوئي هڪ سوال آهي، جنهن جو جواب مذهب جي طرفان ڏنو وڃي ٿو. مگر بد قسمتيءَ سبب مختلف مذهبن هن جواب ۾ پنهنجا مختلف نظريا پيش ڪيا آهن.

اهو سوال جيئن ته مادي جي ابتدائي شڪل متعلق آهي. تنهن ڪري پهريون اختلاف خود مادي جي وجود بنسبت آهي. مهاتما ٻڌ جا پيروڪار ٿا چون ته، روح ۽ خدا بجاءِ خود مادو به موجود ڪونهي. دنيا ۾ صرف، هيءَ تغيرات ئي آهن. جيڪي پاڻيءَ جي لهرن وانگر بدلبا رهن ٿا. هڪ ڏينهن هنن لهرن. يعني تغيرات ۽ انقلابات جو بند ٿي وڃڻ ئي دنيا لاءِ آخري نجات جو سبب آهي. هيءَ تغيرات جيڪي ڏسجن ٿا. انهن جي وصفن جو وجود ڪافي آهي. تنهن ڪري اوصاف سان ذات کي به مڃڻ هڪڙي مسبب لاءِ ٻن مسببن جو يقين ڪرڻو پوندو جو غير منطقيانه ۽ فضول اعتقاد آهي.[33]

ٻڌ جي پوئلڳن هن عقيدي کي جيتوڻيڪ ڪيترو ئي شاندار لفظن ۾ ظاهر ڪيو هجي، پر بالعموم عقل جي تسليم ڪرڻ لاءِ ناڪافي آهي، اسان جي نظر جيتوڻيڪ پلي صرف تغيرات يا ان کان اڳتي ان جي اوصاف تائين محدود هجي، مگر هيءَ جسماني نظر آهي. عقل جي اک سان ڏسبو ته تغيرات جا اوصاف عارضي آهن. جيڪي هميشه قائم نٿا رهي سگهن. جيستر سندن پويان ڪا ذات سهاري ڏيڻ واري نه هجي!

ٻين شين جي تغيرات کي ته ڇڏيو رڳو انسان پنهنجي روح ۽ جسم ڏي ڏسي ته هنن ۾ هزارين قسمن جا تغيرات موجود آهن، جي سندس رنگ روپ، قد و قامت ۽ ٻين سيني وصفن کي ڪاڏي جو ڪاڏي بدلائي ٿا ڇڏين، مگر انسان ته اهو ئي انسان رهي ٿو جيڪو تمام مختلف حالاتن ۾ قائم آهي، هڪ جوان مرد پوڙهو ٿي ۽ هڪ تندرست بيمار ٿي اهو يقين رکي ٿو ته هو اهو ئي ساڳو زيد آهي،

[33] گيان يوگ، مصنف سوامي ويڪانند.

جيڪو پهريان هو پر جيڪڏهن صرف تغيرات ۽ اوصاف موجود هجن ته انهن جي منجهڻ تي هڪ انسان فنا ٿي وڃي ۽ ٻيو پيدا ٿي پوي. اهڙيءَ طرح ٻاراڻي عمر کان ٻڍاپڻ تائين هر تغير ۽ هر لمحي لاءِ نئون نئون ماڻهو پيدا ٿيڻ لازم ٿيو پوي ۽ هن سلسلي موجب هزارين ماڻهو پيدا ٿيندا ۽ فنا ٿيندا رهن ها ته اهو هڪڙو زيد موجود رهي ها. جيڪو پهريان هو.

سوامي وويڪانند ٻي هن عقيدي تي اعتراضاً مسٽر هڊسن ۽ مسٽر سپنسر پنهنجا انڪشافات ظاهر ڪيا آهن.[34]

مسٽر سپنسر پنهنجي بحث ۾ لکي ٿو ته:

"تغيرات جي اندر هڪ اهڙي شيءِ موجود آهي، جنهن کي غير متغير چئي سگهجي ٿو".

مسٽر هڊسن ٿو لکي:

"اسين صرف تغيرات ڏسي رهيا آهيون، مگر غير متغير جي اسان کي ڄاڻ ڪونهي ۽ نه ان جو پورو علم حاصل ڪري سگهجي ٿو".

مسٽر سپنسر وڌيڪ لکي ٿو:

"آءٌ ڪاڏو ڪاوان ٿو پيان ٿو هلان ٿو ويهان ٿو، اُهي سڀ ڪم بدلبا رهن ٿا. پر آئون ته اهو ئي موجود آهيان. پوءِ اهو (آئون) تغيرات جي برداشت ڪرڻ وارو مادو آهي، ٻيو ته جيڪي به تغيرات پيش اچن ٿا، انهن کي آئون ياد ڪريان ٿو. اهو ياد ڪرڻ وارو روح آهي".[35]

ياد رهي ته اُهي ٻئي ڊاڪٽر تغيرات جي عقيدي خلاف مادي جي عقيدي کي مڃيندڙ آهن.

---

34 گيان يوگ، سوامي وويڪانند.
35 گيان يوگ، سوامي وويڪانند.

سوامي وويڪانند ڊاڪٽر سپنسر جي هن دليل جا ”گيان يوگ“ ۾ ڪجهه جواب لکيل آهن. مگر انهن ۾ صرف شرم پرچايو اٿس. گهٽيون ئي ڪوششون ڪيون اٿس. مگر سپنسر جي اعتراضن کي توڙي نہ سگهيو آهي.

## ايٿئيسٽ يا دهريت

مطلب تہ تغيرات جي وجود ۾ هجڻ جو امڪان، جيڪو ٻڌ ڌرم جو مذهبي ارشاد سمجهيو ٿو وڃي، هڪ معلول کي مڃيندڙ آهي. پر ان جي فاعلي يا مادي علت کي نظرانداز ڪيو اٿس. اهو ظاهر آهي تہ معلول سواءِ علت جي مڃڻ انساني عقل ۽ اصول جي بالڪل خلاف آهي.[36] تنهن ڪري هن نظريي کي ڇڏي اچو تہ تغير جي هڪ ٻئي نظريي تي اچون، جنهن ۾ چيو وڃي ٿو تہ تغيرات جي اندر مادو آهي، هن مادي جا اجزاء خود بخود حرڪت ڪرڻ لڳا. قوت جاذبہ جي ذريعي اُهي جزا پاڻ ۾ ملندا ويا، جنهن مان سج، چنڊ، سيارا وغيره موجودات وجود ۾ آئي. اهو عقيدو جيتوڻيڪ هڪ فرقي جي طرف منسوب ڪيو ٿو وڃي، جنهن جو نالو ايٿي ايسٽ يا دهريت پسندي آهي، مگر هيءَ نظريو بہ عقل جي خلاف آهي، ڇو تہ دنيا جي مادي جي ابتدائي شڪل کان موجوده صورت تائين ڪيترو بہ طويل زمانو گذريو هجي، پر پوءِ بہ ان زماني کي محدود چئي سگهجي ٿو. خواه اسين ان زماني جي سالن ۽ صدين جي ٻڌائڻ ۾ طاقت آهر انگن جون سموريون رقمون ضرب ڪريون، پر ان هوندي بہ ان زماني کان پهريان مادي کي پنهنجي سادي حالت ۾ موجود رهڻ جو زمانو لامحدود ۽ باقي رهندو. ايتري عرصي

36 هيءَ نظريو جيتوڻيڪ مهاتما ٻڌ جي طرف منسوب ٿيل آهي، مگر انصاف سان ڏسبو تہ جيئن عيسائين انجيل ۾ تحريف ڪري عيسي عليہ السلام جي اصل دين جي صورت مسخ ڪري ڇڏي اهڙيءَ طرح ٻڌ جي مريدن پڻ ٻڌ ڌرم جي اصلي عقيدن ۾ گهڻي تحريف ڪري ڇڏي آهي. ورنہ مهاتما ٻڌ جا ڪيترائي اصول ڏسبا، جن ۾ هن مها پرش خدا جي توحيد جو اقرار ڪيو آهي. اسين مٿي معراج جسماني جي موضوع ۾ ٻڌ جو هڪ واضح بيان لکي آيا آهيون، جنهن مان هي بالڪل ثابت آهي تہ مهاتما ٻڌ في نفسہ تغريات جي عقيدي جو، جهڙي طرح ويڪانند ۽ ٻيا سندس مريد ٿا چون، بلڪل قائل نہ آهي. مهاتما ٻڌ ڏسندا تہ روحانيت جو مدح سرا معلوم ٿيندو، مگر تغيرات جي عقيدي ۾ روحانيت جو انڪار آهي. (مولف)

تائين مادي جو بي حس و حرڪت ۽ سواءِ اجتماع موجود رهڻ ۽ آخر ۾ هڪڙي وقت سندس تڪوين عالم جو سلسلو شروع ڪري ڏيڻ اهڙو فعل آهي، جنهن جي ڪا به علت تسليم نٿي ڪري سگهجي. ڪنهن مسبب جو سواءِ سبب موجود هجڻ عقلمنديءَ جو عقيدو نه آهي.

## ڪاسمو ٽي ازم يا وحدة الوجود

مادي کي موجود تسليم ڪري ڪنهن وقت سندس اتفاق سان پيدا ٿي خود بخود عمل شروع ڪرڻ کي نامعقول سمجهي هڪڙو ٻيو امڪان پيدا ڪيو ويو آهي، جنهن کي وحدت وجود مادي يا "ڪاسمو ٽي ازم" پسندي الوهيت عالم جي نالي سان سڏيو ويو آهي.[37]

هن عقيدي ۾ مادي کي قديم مڃيو ٿو وڃي ۽ سلسلي تڪوين کي اتفاقيءَ جي بجاءِ مادي جي مقرره قانون جو اثر تسليم ڪيو ٿو وڃي، هن عقيدي ۾ آهي ته مادو هميشه چُرپُر ڪندو رهي ٿو گويا موجودات عالم ڪان پهريان به هن جون هزارين شڪليون ٺهنديون ۽ ڀڄنديون رهيون آهن. اهڙيءَ طرح هميشه ٿيندو رهيو آهي ۽ ٿيندو رهندو.

هن امڪان ۾ اهو تسليم ڪيو ٿو وڃي ته مادو هڪڙي شڪل وٺي، مثلاً: سج، چنڊ، سيارا، زمين، آسمان وغيره، وري ان کي خود بخود ختم ڪيو ڇڏي ۽ واپس وري ٻيءَ شڪل ۾ ظاهر ٿيو پوي. اهڙيءَ طرح ڪڏهن ٺهندو ڪڏهن ڀڄندو ٿو رهي.

پر اسين ته موجودات جي صرف هن حالت کي ڏسي رهيا آهيون. اسين مادي جي انهن طاقتن جو يقين ڪري سگهون ٿا جيڪي دنيا ۾ مشاهدي اندر اچي سگهنديون هجن. هن دنيا جي ڪنهن به شيءِ ۾ به پيرا بگڙڻ ۽ بنجڻ جي طاقت جو ڪو تجربو موجود ڪونهي، بلڪ ان جي خلاف مادي ۾ هڪ طاقت ثابت ڪئي وئي آهي، جنهن کي

---

[37] هي عقيدو يونان جي چند ڏاهن جي طرف منسوب آهي، جهڙوڪ حڪيم قسطريطو ۽ حڪيم ديمقراطيس وغيره. ملاحظه هجي ڪتاب اي ڊسڪورس آف ميٽرز.

”ارشيا“ جي نالي سان سڏيو ٿو وڃي. اها جيڪڏهن متحرڪ آهي ته ان جو سڪون ناممڪن رهي ٿو. پر جيڪڏهن ساڪن آهي ته ان جو تحرڪ ناممڪن ٿيو پوي. دنيا جون جيڪي به سڪون پذير شيون متحرڪ ٿينديون آهن. انهن تي بيروني قوتون عمل پيرا ٿي سندن هيئت بدلائين ٿيون. مثلاً هڪ وڻ پنهنجي اجزاء جي اجتماع ۽ تڪميل کان پوءِ کهنو ٿي سُڪڻ ۽ سڙڻ لڳي ٿو. سندس اجزاء ٽاريون، پن وغيره خراب ٿي وڃن ٿا. يا ڪو جوان انسان پيرسن ٿي موت جو شڪار بنجي ٿو ته هن انقلاب ۾ زمين ۽ آسمان جي هزارين بيروني قوتن جي ڪارفرمائي عمل ۾ اچي ٿي. جنهن جي ئي اثر سبب بنجڻ وارو جسم بنجي وجود وٺي ٿو ۽ انهن جي ئي اثر سبب وري زوال پذير ٿيو وڃي.

انهيءَ ڪانسواءِ مادي جي طور و طريق ڏسڻ سان منجهس بگڙي وري بنجڻ جي ٻئي طاقت جو ڪو ثبوت ڪونه ٿو ملي. بلڪ هڪ خاص وضع ڏسبو جنهن جي طرف هلي رهيو آهي. عالمانه تجربا، جنهن حد تائين پهچي چڪا آهن. انهن جو فيصلو آهي ته هن سلسلي جي ابتدا دونهين جي بادل (نيبولا) ڪان ٿي آهي. آئنده لاءِ اهي منتشر اجزاء گڏ ٿيندا رهن ٿا. آخر اهو وقت اچڻو آهي، جنهن ۾ هيءَ ساري ڪائنات جمي برف جو هڪ ڍير بنجي ويندي!!

جيئن جان اسٽورٽ مل رقمطراز آهي:

”جن ماڻهن موجوده روشنيءَ ۾ تڪوينِ عالم جو گهرو مطالعو ڪيو آهي، اهي يقين ٿا رکن ته نظام شمسي دونهين جي هڪ بادل کان شروع ٿيل آهي، پر ان جو عمل اهڙو پيو ڏسجي، جو ڪنهن وقت اهو سڀ ڪجهه هڪ ٺوس مادي جو ڍير بنجي ويندو. جيڪا برودت (سردي) ڪيس منجمد ڪري وجهندي اها اُتر قطب جي سرديءَ کان زياده هوندي.[38]

[38] ايسي 3، حصو ٻيو.

اجتمالات مذهبي جي تحقيق لاءِ جيئن تہ دنيا جي نظام کان ابتڙ ڪي بہ شهادتون هرگز تسليم نٿيون ڪري سگهجن. تنهن ڪري دنيا جي موجوده رفتار ڪي ڏسي چوڻو پوي ٿو تہ جڏهن هن سموري سفر ۾ مادي جي رفتار صرف انجماد (ڄمڻ) جي طرف آهي ۽ جڏهن اُهي سڀ موجودات برف وانگر منجمند ٿي وينديون، تڏهن ان کان پوءِ جي زماني لاءِ ڪهڙو ثبوت آهي تہ مادو پنهنجي ميلان کي ڇڏي خود بخود پوئتي موٽڻ شروع ڪندو ۽ پنهنجن جزن کي منتشر ڪندي وري دونهين جي ساڳي شڪل اختيار ڪندو. هن کان پوءِ جيڪڏهن ڪائنات ۾ صرف مادي کي مڃيو وڃي ۽ ان جي مٿان ٻي ڪابہ ڪارفرما طاقت تسليم نہ ڪئي وڃي تہ ان ۾ عقل جو لازمي نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو تہ انجماد ٿي مادي جي ڪارروائي ختم ٿي ويندي ۽ اجزاء ۾ مانار اچي وڃڻ بعد تخليق ۽ تڪوين جو سلسلو هميشہ لاءِ بند ٿي ويندو. پر اهڙو افسوسناڪ انجام عقل جي خلاف ۽ ناممڪن آهي.

## هڪ کان وڌيڪ شين جو قديم هجڻ

هيتري تائين جن بہ عقيدن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، اهي انهن ماڻهن جي دماغ جو اختراع آهن، جيڪي هن دنيا کي ڏسي اُن جي دل چسپين ۾ اهڙا تہ غلطان رهيا، جو سندن خيال مادي دنيا کان ٻاهر پرواز نہ ڪري سگهيو. تنهن ڪري سندن نظرين ۾ هڪ اڻ ڏٺل هستيءَ جو اعتراف موجود ڪونهي، پر هن کان ڪجھ بعض اهي امڪان پڻ موجود آهن، جن ۾ بہ اختلاف مدارج هڪ غير معمولي هستيءَ جو اعتراف ڪيل آهي، انهن مان هڪڙي عقيدي ۾ خدا ۽ مخلوق ٻنهي کي قديم مڃي خدا کي هن مملڪت تي قابض تسليم ڪيو پيو وڃي. اهڙيءَ طرح ڪڏهن خدا ۽ شيطان ۽ ڪڏهن خدا مادي ۽ روح ٽنهي کي غير مخلوق هجڻ جي عزت بخشي وئي آهي.[39]

---

[39] خدا ۽ مادي جي قدامت افلاطون جي طرف منسوب آهي. خدا ۽ شيطان جي قدامت جو عقيدو ايران جي مشهور فلسفي ماني جو آهي، ۽ ٽن قديم شين خدا مادو ۽ روح کي هندي فلسفي سوامي رامانوج مڃيو آهي. ملاحظه هجي ته ايسي اف مل صفحي 114

هنن عقيدن ۾ جينوٽيڪ ڪائنات کي هڪ بالاتر هستيءَ سان وابستہ ڪيو ويو آهي. پر موجودات عالم جي عظمت کي پڻ دل ۾ جاگزين رکيو ويو آهي.

هربرٽ سپنسر ٿو لکي:

”جيڪڏهن گهڻا (خدا مادو ۽ روح) سڀ قديم هجن تہ انهن ۾ جيڪا سڀ کان قديمي هجڻ واري شيءِ هوندي، اهوئي مشترڪ عنصر قديم چئبو نہ اهي گهڻا مجيل قديم چئبا، پيو تہ گهڻا هڪ ٻئي سان محدود رهندا. لامحدود نہ چئبا، ڇو تہ هڪ ٻئي سان سندن تعلق رهي ٿو.“

بهرحال اُهي مٿيون نظريا پڻ حقيقت کان خالي صرف دماغي اختراع جو نتيجو آهن، جن ۾ صداقت جو ڪوبہ عنصر موجود ڪونهي.[40]

## وحدت وجود روحاني

هنن عقيدن کان پوءِ ان امڪان جو درجو آهي، جنهن کي وحدت وجود روحاني چيو ٿو وڃي. هن ۾ مادي جي وجود کان بالڪل انڪار ڪيو ويو آهي، محض هڪ غير محدود مطلق هستيءَ کي موجود مڃيو ٿو وڃي. دنيا جي مختلف قومن ۾ هن عقيدي جي مڃڻ وارا تمام گهڻا آهن. جيئن شرح سُلم العلوم باب بحث علم باري تعاليٰ ۾ علامہ حسن رقمطراز آهي تہ هن عالم موجودات ۾ صرف هڪ بسيط ذات موجود آهي. جا نہ ڪُلي آهي نہ جزئي. يعني نٿو چئي سگهجي تہ هو درحقيقت ڪثرت کي قبول ڪري سگهي ٿي ۽ نہ اهو چئي سگهجي ٿو

---

۽ ليڪچر دادا پاني نوروز جي. رامانوج ٽن شين کي قديم هجڻ جو نظريو ويد مان ورتو آهي.

[40] اسلام خدا تعاليٰ جي اوصاف ۾ چيو اهي: لا معدود لا محدود لا في زمان و لا في مكان و لا في جهة حيّ قاد مُريدٌ لا ضدٌ له و لاندٌ له واجدٌ صمدٌ موجُودٌ في ذاتِه و صفاتِه. (مجتبيٰ احمد)

تہ هرگز قبول نٿي ڪري سگهي. بلڪ ان ذات کان بي شمار مختلف ۽ واقعي شان ظاهر ٿيندڙ آهن ۽ سندس هر شان تي مختلف آثار ۽ احڪام مرتب ٿيندڙ آهن. مطلب تہ اها ذات موجود آهي، جا ذات موجود آهي، اها واجب الوجود پڻ ضروري آهي ۽ اهو خدا آهي.

هن بحث ۾ مسٽر پارڪر ٿو لکي:

"وحدت وجود روحاني روح جي هستيءَ کي مڃڻ وارو نظريو آهي ۽ علانيۃً ڪفايۃً مادي جي وجود جو انڪاري هن عقيدي کي سمجهي ٿو تہ اهو روح خدا آهي، جيڪو هميشہ هڪ جهڙو هلي نيون نيون صورتون متائيندو رهي ٿو. اهڙيءَ طرح خدا اها هڪ مطلق هستي آهي، جنهن ۾ بہ صفتون موجود آهن. علم ۽ وسعت. خدا کان سواءِ ٻيو جيڪي ڪجهہ تسليم ڪيو وڃي اهو وجود رکڻ کان محروم آهي، جو وجود رکڻ کان محروم آهي، اهو موجود هرگز نٿو چئي سگهجي، اهو صرف نظر ۾ اچي ٿو سگهي، مگر ان جي هستي صرف ان جي نظر اچڻ تائين محدود رهي سگهي ٿي.[41]

گيان يوگ باب سترهين ۾ سوامي وويڪانند ٿو فرمائي:

"سوامي شنڪر آچاريہ جي عقيدي ۾ خدا مادو بہ آهي ۽ فاعل بہ، ظاهر ۾ اهو صاف ٿو ڏسجي، پر هيءَ دنيا خدا نہ آهي، خدا هن جو بنياد آهي."

مٿين بيانن ۾ جيتوڻيڪ لفظ ۽ طرز ادا هر هڪ فلسفيءَ جي مختلف آهي. پر مقصد سڀني جو اهو آهي تہ هڪ مطلق هستي مختلف صورتن ۾ اهڙيءَ طرح ظاهر ڏسجي ٿي، جهڙيءَ طرح دريا پنهنجي رواني‌ءَ ۾ مختلف لهرن جي شڪل ۾ ڏسبو آهي، لهرن جي پيدا ٿيڻ تي ڪين جدا نالو ڏنو وڃي ٿو. جيتوڻيڪ لهرون درياهہ کان جدا ڳانہ هستي نہ آهن. بلڪ اهو ئي دريا آهي، جو لهرن جي شڪل ۾

41 اي ڊسڪورس آف ميٽرز پرٽيننگ ٽو رليجين، باب پنجون.

نمودار ٿو ڏسجي. ساڳيءَ طرح ان مطلق هستيءَ جي مختلف مظهرن
کي آسمان. زمين. انسان ۽ حيوان وغيره جي جدا جدا تشخص ۽ نالن
سان سڏيو ٿو وڃي. ورنہ حقيقت ۾ هنن سيني شين جي ڪابہ جدا گانہ
هستي ڪانهي! هيءَ سيئي ان هڪ ذات واحد جا مختلف مظهر چئي
سگهجن ٿا. خدا جي ذات جيئن تہ شڪل ۽ صورت کان پاڪ آهي،
تنهن ڪري هنن شڪل دار شين کي غير چئجي ٿو. مگر هيءَ
شڪليون صرف اعراض (عارضي) آهن. ان ڪري هنن جو وجود هڪ
اعتباري وجود آهي. حقيقي ۽ ذاتي وجود وري بہ اهو هڪڙو ئي رهندو.

# باب پنجون

دنيا جي ڪن عظيم فلسفين جا مختلف خيالات ۽ نظريا

## حڪيم سقراط

اُلهندي جي ڏاهن ۾ سقراط جو نالو سرفهرست ڏنو ويندو. هيءَ افلاطون جو استاد هو. قبل مسيح جي پنجين صديءَ جو مشهور فلسفي ۽ ڏاهو ٿي گذريو آهي. سقراط هميشہ انسان کان بالاتر هستيءَ ڪنهن الوهي عقل جي تلاش ۾ سرگردان نہ رهيو. بلڪ سندس سدا سدا چند سوالات هوندا هئا. هو چوندو هو تہ ”مان صرف هڪڙي ڳالهہ ڄاڻان ٿو تہ مان ڪجهہ ڪونہ ٿو ڄاڻان“. هن کان پوءِ ثابت ڪندو هو تہ جيئن هو ڪجهہ ڪونہ ٿو ڄاڻي. تيئن ٻيا بہ ڪونہ ٿا ڄاڻن. هيءَ اهو ساده گو، ساده لباس، ٿلهي نڪ، ٿلهن چپن ۽ ٻي ڊول جسم وارو ولي صفت سقراط هو. جو پنهنجي ملڪوتي خيالات جا موتي ”ايٿنز“ جي رستن تي پکيڙيندو رهندو هو.

هو چوندو هو تہ ”پاڪيزگي ڪهڙي شيءِ آهي. جمهوريت ڪهڙي شيءِ جو نالو آهي. ديانت داري ڇا کي ٿو چئجي. جرئت، ايمانداري، انصاف ۽ صداقت ڇا آهن؟ دنيا ۾ انسان تي ڪجهہ فرائض بہ آهن يا نہ؟ جي آهن تہ اوهان انهن جي ڪيتري قدر بجا آوري ڪئي آهي ۽ پنهنجي علم ۽ ڏاهپ سان انهن ۾ ڪهڙو اضافو آندو اٿو. ڇا؟ اوهين سياستدان آهيو؟ جي هائو تہ اوهان حڪومت جون ڪهڙيون ڳالهيون سکيا آهيو؟ ڇا اوهين وڪيل آهيو؟ جي ها تہ انساني فعلن جو مقصد ڇا هوندو آهي؟ ڇا، اوهين استاد آهيو. جي هائو تہ ٻين جي جهالت تي

حملي ڪرڻ ڪان پهريان پنهنجي جهالت تي ڪيتري قدر فتحيابي حاصل فرمائي اٿو؟

هيءَ هئا ابتدائي چند سوالات. جيڪي سقراط هر هڪ کان پڇندو هو.

سقراط جي فلسفي جو گهڻو ڪري اهو انداز فڪر هو. جيڪو انسانن کي خود آگاهه بنائڻ ۾ مدد ڪري سگهي. يعني خود آگاهي ۽ خدا شناسي سقراط جو فلسفو هو.

ڏٺو ويندو ته انسان جڏهن پاڻ مان پورو واقف ٿئي ٿو. تڏهن کيس صرف نااميدي ۽ ياس و حسرت حاصل ٿي سگهن ٿا. سقراط جڏهن ايٿنز وارن جي اڳيان خود پرستيءَ جو آئينو هٽائي صداقت جو شيشو سامهون رکيو. تڏهن انهن کي پنهنجون تصويرون انسانن جي بجاءِ درندن جون ڏسڻ ۾ آيون. انهيءَ تي کين نهايت صدمو پهتو ۽ جانورن وانگر سقراط جي ايذائڻ ۾ هر تن مصروف رهيا. آخر کيس حڪومت جي طرفان قيد ۾ زهر جو پيالو پياري قتل ڪرائي ڇڏيائون!

موت جي وقت سيني شاگردن کي چوڻ لڳو ته ”عزيزو! مون کي اڄ انهيءَ ملڪ تي ويڇو آهي. جاتي ڪنهن کي به پنهنجي خيالن جي ظاهر ڪرڻ جي ڏوهه ۾ موت جي سزا نٿي ڏني وڃي! تنهن ڪري اوهان کي منهنجي موت تي غم جي عيوض خوشي ڪرڻ گهرجي. جڏهن مون کي قبر ۾ لاهيو تڏهن اهو سوچيو ته اوهين سقراط جي صرف جسم کي دفن ڪري رهيا آهيو ۽ نه اصل سقراط کي!“

## افلاطون

ايٿنز جو وينل ۽ سقراط جو شاگرد هو. افلاطون پنهنجي نظريي ۾ عدل ۽ مساوات تي گهڻو زور ڏنو آهي. سندس خيال ۾ واپار هڪ ذليل پيشو هو. چوندو هو ته هڪ واپاري ڪامياب هجڻ سان گڏ ديانت دار هرگز نٿو ٿي

سگهي. ڏوهاري ماڻهن کي قابل رحم سمجهندو هو. افلاطون جو خيال هو ته مجرم کي سزا ڏيڻ بدران کيس گناهه ڪرڻ کان بچائڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. گناهه نادانيءَ جو نتيجو آهي. جنهن ماڻهوءَ کي گناهه ڪندي ڏسو سمجهو ته تعليم ناقص اٿس. هو رحم جو مستحق سمجهڻ گهرجي. ڇو ته نه پنهنجي ڀلائي ٿو سوچي ۽ نه ٻين جي. احمق گهوڙو مار جي بدران قرب جو هٿ ڦيرائڻ سان راه راست تي اچي سگهي ٿو. هڪ ڏوهاري ماڻهو سزا سان هرگز مهذب نٿو بنجي سگهي. مجرم اگر پاڳل آهي ته ان جو علاج ڪرڻ گهرجي پر جيڪڏهن جاهل ۽ نادان آهي ته ان کي تعليم ڏيڻ ضروري آهي. عقلمنديءَ سان ئي گناهه جو سدباب ڪري سگهجي ٿو. مجرم کي سزا ڏئي گناهه جي بدلي وٺڻ سان ڪوبه خاطرخواهه نتيجو حاصل نٿي سگهندو.

هُو چوندو هو ته اخلاقي بيماريون به جسماني بيمارين وانگر نادانيءَ سبب پيدا ٿي سگهن ٿيون. مناسب تعليم گهٽ حد تائين اخلاقي مرضن جو خاتمو آڻي ٿي. جيڪڏهن مرض لا علاج هجي ته مريض کي آسانيءَ سان ختم ڪري ڇڏجي. عذابن جي زندگي گذارڻ کان جلديءَ جو موت بهتر آهي.

افلاطون جي جمهوريت ۾ وڪيلن جو وجود هڪ بي سبب برائي آهي. جاٺي علم آهي، اتي مقدمي بازي جي ڪا ضرورت ڪانهي. ماڻهن ۾ نظم ۽ ضبط پيدا ڪرڻ وارا قانون تعداد ۾ مختصر ۽ سمجهڻ ۾ آسان هجن. ملڪ جا حاڪم هن ڳالهه کان واقف آهن. ته هر نئون قانون هڪ نئين قانون شڪن جماعت کي وجود ۾ آڻي ٿو. حڪمرانن کي گهرجي ته هو شهرين لاءِ اهڙي تعليم جو اهتمام فرمائين، جنهن جي ذريعي هو پاڻ پنهنجي مٿان حڪمراني ڪرڻ سگهن. رعايا کي پوليس جي نهايت گهٽ ضرورت پيش نه اچي.

هن جمهوريہ ۾ حڪومت جو اهم فرض آهي، تہ پنهنجي ذمہ داري محسوس ڪندي ماڻهن ۾ فرست، تندرستي، اطمينان ۽ فراغت جا اسباب پيدا ڪري.

افلاطوني فلسفي جي پوءِ لڳ ايمرسن جو چوڻ آهي تہ مون کي جيڪڏهن صحت ۽ فراغت جو هڪ ڏينهن بہ ملي پوي تہ مان جيڪر شهنشاهن جي شان شوڪت کي مضحڪ خيز بنائي ڇڏيان!

افلاطون وٽ، صحت، اطمينان ۽ فراغت ئي انساني مسرت جو خلاصو آهي، هڪ حسين زندگي، هڪ انصاف پسند زندگي، هڪ محبت ڀري زندگي افلاطوني فلسفو آهي. حسن عدل ۽ محبت ٽيئي مترادف لفظ آهن. نيڪي مسرت جو ڪارڻ آهي، جيئن هڪ انسان نيڪ آهي تيئن مسرور بہ آهي، هڪ مڪمل انسان جي مڪمل ڪردار جي هم آهنگي معاشرتي اتحاد جي تندن مان دلڪش نغمو پيدا ڪري ٿي.

افلاطون جي هن مثالي رياست جو مثالي انسان حسن جي تخليق لاءِ وقف آهي، هو زندہ نسلن ۾ فن يا ڪنهن اعليٰ ڪردار جي سرانجام ڏيڻ ذريعي حسن جي تخليق ڪري ٿو. حُسن حيات جاوداني جي ڪنجي آهي. حسن جي تخليق ڪري اسان موت تي فتح حاصل ڪري سگهون ٿا.

اُهي هئا افلاطون جا فلسفيانہ خيال. جنهن تي افلاطوني فلسفي جو بنياد قائم آهي.

## ڏاهو ارسطو

هيءَ افلاطون جو شاگرد ۽ ناليرو فلسفي ٿي گذريو آهي. سن 284 قبل مسيح کان سن 322 قبل مسيح جي زماني تائين موجود رهيو مقدونيہ جي هڪ ننڍي ڳوٺ استاجرا جو وينل هو ۽ ايٿنز ۾ افلاطون

وٽ، اچي تعليم حاصل ڪئي هئائين. ارسطوءَ جو پيءُ مقدونيه جي شهنشاهه سڪندر اعظم جي والد شاهه اتناس فلپ جو درباري هو. ارسطو هڪ خوبصورت نوجوان خوش خُلق، خوش پوش، شيرين زبان، حليم الطبع شائستا ڪردار ۽ مجسمءِ لطافت هو. افلاطون کي هن جي شاگرديءَ جي زماني ۾ هميشه شڪايت رهندي هئي ته ارسطو خلوص جي باوجود تعليم کان وڌيڪ پنهنجي لباس ڏي توجه ڏيندڙ آهي، پر ارسطو پنهنجي ذهن جي حيرت انگيز همه گيريءَ جو اهڙو اظهار ڪري ڏيکاريو، جو انسان جو عقل حيران آهي ته سندس دماغ علم جي ايتري قدر گوناگون قسمن جو احاطو ڪيئن ڪري سگهيو؟!

سياست، ڊرامو، شاعري، طبيعات، طب، نفسيات، تواريخ، منطق، رياضي، خطابت، حياتيات وغيره. دسترخوانِ علم جي قسمن جا اهي طعام هئا، جن کي اشتهاءِ علم جي حريصن هضم ڪرڻ تي گهريو. افلاطون هڪ ڏينهن شاگردن کي چوڻ لڳو ته سندس اڪيڊمي ٻن حصن ۾ تقسيم ٿيل آهي. هڪ حصو سندس سيني طالبن جو جسم ۽ ٻيو حصو ارسطوءَ جو دماغ! سن 327 قبل مسيح ۾ افلاطون جي وفات وقت ارسطوءَ جي عمر 37 ورهيه هئي.

ارسطوءَ کي شاهه فلپ سڪندر جي تعليم لاءِ سندس اُستاد مقرر ڪيو. پر سڪندر جنگ جو ذهنيت وارو شهزادو هو. تعليم ڇڏي پنهنجي پيءُ جي خوابن کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ جنگ جي ميدان تي لهي آيو.

ارسطوءَ جي فلسفي ۾ ڪائنات جو خالق خدا نه آهي، بلڪ خدا ڪائنات جي چُرپُر جو سبب آهي. خالق لاءِ لازمي آهي ته هو تخليق کان پهريان خلقت جو تصور ڪري تصور پرست ذات غير مطمئن ٿئي ٿي. ان جو روح ڪنهن اهڙي شيءِ جي خواهش ڪري ٿو جنهن جو وجود نه آهي. يعني هڪ غير مسرور ذات، مسرت جي تلاش ڪري ٿي. مختصرا هيءَ ته گويا خدا هڪ نامڪمل شيءِ آهي. جا تڪميل تائين

پهچڻ گهري ٿي. مگر ذات خداوندي مڪمل هجڻ جي صورت ۾ غير مطمئن يا غير مسرور نہ چئي سگهبي. تنهن ڪري خدا خالق نہ آهي، بلڪ ڪائنات جي ڇُرپُر جو سبب يا هڪ محرڪ چئي سگهبو. پر ڪهڙي قسم جو محرڪ؟ ها! هو غير متحرڪ محرڪ آهي. دنيا جي ہي سموري ڇُرپُر جيتوڻيڪ اها انساني هجي يا اشياء متفرقہ جي يا خيالات وغيره جي. ارسطوءَ جي فلسفي ۾ متحرڪ محرڪ آهي. هاري جو هر زمين کي حرڪت ۾ آڻي ٿو. دماغ هٿ کي حرڪت ڏئي ٿو. خواهشن اشتها کي حرڪت ۾ آڻي ٿي. ہين لفظن ۾ هر ڪنهن ڇُرپُر جي علت يا سبب ڪا ہي قُوت ٿئي ٿي. هر ڪو آقا ڪنهن ہئي جو غلام ٿئي ٿو. پر خداوند تعاليٰ ڪنهن عمل جو نتيجو نہ آهي، هو ڪنهن آقا جو معاذ الله غلام نٿو ٿي سگهي. هو سمورن ڪمن جو منبع آهي، سيني آقائن جو آقا ۽ سمورن فڪرن جي ترغيب ڏيڻ وارو غير متحرڪ محرڪ آهي!!

انهيءَ ڪانسواءِ خدا جي دنيا سان ڪا نسبت ڪانهي، پر دنيا جي ساڻس گهڻي نسبت رهي ٿي. دنيا سان انسيت جي معنيٰ آهي جذبات جو تابع ٿيڻ. دعا ۽ بددعا کان متاثر رهڻ. ہين جي افعال، خواهشات يا انڪار سان پنهنجي ذهن کي متغير ڪرڻ. جيتوڻيڪ خدا تعاليٰ جذباتن کان پاڪ غير متغير ۽ مڪمل آهي. هو دنيا کي اهڙيءَ طرح متحرڪ ڪندڙ آهي. جيئن هڪ محبوب پنهنجي عاشق جي دل کي تحرڪ ۾ آڻي!

جهڙيءَ طرح هڪ حسين عورت رستي تان لنگهي رهي هجي، پر پنهنجي انداز ۾ اهڙي محو هجي، جو سندس نگاهون هيٺ زمين جي طرف جهُڪيل هجن. هو ڪنهن ڏي بہ نہ ڏسندي هجي، مگر دنيا جون نظرون ڪيس شوق سان ڏسي رهيون هجن. سندس حسن دنيا جي هر نگاهہ کي پاڻ ڏي متوجہ ڪري وڌو هجي. هر دل ۾ ڌڙڪن پيدا هجي ۽هر دماغ سندس لاءِ سوچي رهيو هجي. بس! خداوندي حسن جي

فطرت پڻ ساڳي آهي. هو سواءِ چُرپُر ڪرڻ جي پنهنجي محبت سبب اسان سيني ۾ چُرپُر پيدا ڪندڙ آهي!

هيءَ ارسطا طاليسي خدا، جنهن سان سڀ ماڻهو ته محبت رکن ٿا، پر هو ڪنهن جي به پرواهه نٿو ڪري. اهڙي بي حس غير شخصي ذات موجوده مذهبي نڪتهءِ نظر سان قطعاً اطمينان بخش نٿو ٿي سگهي. اهڙو خدا سائنسدانن جي ابتدائي توانائي سان مشابهت ته رکي سگهي ٿو، پر هڪ شاعر جو محبوب هرگز نٿو بنجي سگهي. ڪائنات کان اهڙي غير متعلق خدا جو تصور هڪ اهڙو انسان ڪري سگهي ٿو جيڪو تمام جذبات کان مبرا هجي. هڪ دردمند ۽ ڏکويل دل ته اهڙي خدا جي تمنا رکي ٿي، جو هڪ محبوب دوست وانگر هر ڏک سُک ۾ ڪم ايندو هجي. نه اهڙو ناآشناءِ محبت خدا، جنهن جو قياس يوناني فلاسفر مابعد الطبعيات جي ذريعي ڪيو آهي. هيءَ انسان جي دل آهي، صرف دماغ نه آهي، جو هن ڪائنات جي خشڪ ڳنڍين کي انوکي طريقي سان سلجهائيندو رهي، خدا سان تعلق دل جو آهي نه دماغ جو!

جيتري قدر غير متحرڪ محرڪ يا سموري چُرپُر جي غير مولود علت جي نسبت ارسطا طاليسي تصور جي علمي صحت جو تعلق آهي. اوتريقدر ارسطوءَ جي نڪتهءِ نظر سان ڪمزوريءَ جو خلاصو ان ننڍڙي ٻار جي لا ن ۾ پيش ڪري سگهجي ٿو جنهن معلوم ڪرڻ گهريو ٿي ته:

"پر اَمِي! خدا کي ڪنهن پيدا ڪيو؟"

ارسطو آسماني ڳالهيون ڪري جڏهن زمين تي اچي ٿو، تڏهن انسان بنسبت فرمائي ٿو ته نيڪ ڪردار اهو انسان آهي، جو نه فوق طبعي کان ڪم وٺندو هجي نه تحت طبعي کان، بلڪ مناسب طبيعت جو مالڪ هجي. اهڙو ماڻهو مناسب وقت ۾ مناسب اسبابن سان

مناسب ماڻهن لاءِ مناسب مقصد کي مدنظر رکي مناسب ڪردار ادا ڪري ٿو. يعني هر وقت ۽ هر حالت ۾ اعتدلال خير الامور مسرتن جي منزل تائين پهچڻ لاءِ هڪ عظيم رستي جي مثال آهي.

## ابن رُشد

اسلامي ڏاهن ۾ ابن رُشد اهو واحد فلسفي آهي، جنهن موجودات عالم کي خالصا فلسفيانه نڪتهءِ نظر سان ڏٺو. هيءَ ڏاهو تقريباً چار سو ورهين تائين وحشي يورپ جي دل ۽ دماغ تي ڇانيل رهيو. علم الرجال جي سمورين تصانيف ۾ ڪوبه اهڙو تذڪرو نه ملندو، جنهن ۾ ابن رُشد جو نالو بطور هڪ فقيهه يا طبيب جي ضمنا نه آيو هجي ۽ اهي علوم به وٽس ثانوي علوم جو درجو رکندڙ هئا.

هيءَ زمانو مُوحدين جي حڪومت جو دؤر هو موحدين جو پهريون فرمانروا عبدالمؤمن ۽ ان جو پٽ يوسف علم ۽ حڪمت جا قدردان هئا. هن ٻارهين صدي عيسوي مطابق ڇهين صدي هجريءَ جا مشهور فلسفي ۽ ڏاها ، جهڙوڪ ابن زهرا، ابن باجه، ابن طفيل، ابن رُشد هنن بادشاهن جي اثر هيٺ درٻارين مان شمار ڪيا وڃن ٿا. يوسف جي حڪم ۽ ابن طفيل جي اشاره سان علامه ابن رُشد ارسطوءَ جي ڪتابن تي شرحن لکڻ جو ڪم شروع ڪيو. سلطان يوسف سن 580 هجري ۾ وفات ڪري ويو ان کانپوءِ سندس فرزند يعقوب الملقب به منصور بالله تخت نشين ٿيو. منصور هڪ اولوالعزم بادشاهه ٿي گذريو آهي. موحدين جي سلطنت هن جي زماني ۾ اوج ڪمال تي پهتي. منصور جي زماني ۾ علامه ابن رشد جو اثر رسوخ نهايت وڌي ويو. ايتري قدر جو دوران گفتگو ۾ بادشاهه کي يا اخي (ڀاءُ) جي لفظن سان خطاب ڪندو هو. درٻار ۾ اچڻ وقت بادشاه جي نزديڪ ويهڻ جي ڪيس آڇ ڪئي ويندي هئي. پر هن تقرب شاهيءَ جو آخر ۾ نتيجو خراب نڪتو. آخري عمر ۾ ابن رشد جي سخت مخالفت ڪئي وئي ۽ منصور ڪيس نهايت تڪليفون ڏنيون.

ابن رشد تي هن شاهي عتاب جي باري ۾ مورخين جا جدا جدا نظريا آهن. مگر سيني جو ماحصل هيءَ آهي تہ ابن رشد فلسفي ۾ ارسطوءَ کي پنهنجو امام ڪري سمجهندو هو. اهڙا ڪيترا مسئلا هئا، جن جي حمايت ۾ ابن رُشد جمهور علماءَ جي سخت مخالفت ڪئي. موحدين خود اشعري هئا. جن هن مذهب کي شاهي مذهب قرار ڏنو هو. امام غزالي صاحب موحدين جو پيران پير هو. ڇو تہ هو "محمد بن تومرت" جو استاد هو. محمد بن تومرت موحدين جو امام ۽ سندن سلطنت جو باني هو.

ابن رشد امام غزاليءَ جي مشهور ڪتاب "تهافة الفلاسفة" جو رد لکيو. جنهن ۾ امام غزاليءَ جي شان ۾ گستاخانہ الفاظ ڪم آندا هئائين. ابن رشد لکيو هو تہ: "اسلام ۾ سيني کان پهريان خوارجين فساد پيدا ڪيو. ان کان پوءِ معتزلين، تنهن کان پوءِ اشاعره انهن کان پوءِ صوفياءَ وقت ۽ سيني کان پڇاڙيءَ ۾ غزالي!"

في الحقيقت امام غزالي صاحب جي بنسبت بلا خوف ترديد چئي سگهبو تہ سندس شخصيت عرب جي ذاهن ۾ سيني کان وڌيڪ جدت پسند ۽ انوکي قسم جي هئي.

امام غزالي صاحب هڪ دلچسپ ڪتاب "تهافة الفلاسفة" لکيو جنهن ۾ فلسفي جي نهايت ڏکين ڏکين مسئلن متعلق سندس خيالن جو اظهار ٿيل آهي، امام غزالي صاحب کي وقت گذرندي جڏهن فلسفي جي موشگافين مان اطمينان حاصل نہ ٿيو تڏهن فرمايائون تہ هيءَ دنيا موهوم ۽ بي بنياد آهي. سندس اصليت شڪ کان خالي ڪانهي! هن شڪ شبهي جي حالت ۾ جڏهن کيس قيام حاصل نہ ٿي سگهيو تڏهن رياضت عبادت ۽ مجاهدي جي طرف رخ ڪيائين ۽ صوفياء ڪرام جي حال و قال ۾ سڪون قلب جي تلاش ڪندي فنا ۽ بقا جي واديءَ ۾ خيما نصب فرمائيندو رهيو. جيڪي ماڻهو فلسفي پڙهڻ کانپوءِ نتيجي طور مايوس ٿي تصوف جي ميدان ۾ قدم رکندا هئا. انهن کان وڌيڪ فلسفي جو ٻيو ڪو بہ دشمن

ڪونهي! امام غزالي صاحب صوفي مشرب بنجڻ ڪان پوءِ هن ڳالهه جو يقين ڏياريو تہ عقل استدلاليءَ جي ڪابہ اهميت ڪانهي. اهي طبيعتون جن ۾ جوش جي مقابل سمجهہ جو مادو گهٽ آهي. هڪ قسم جي تضاد ۾ پئجي هميشہ راه راست ڪان هٽي وينديون آهن.

وڏي ڳالهہ هيءَ آهي تہ امام غزالي صاحب پڻ مذهب ڪي شڪ ۽ وهم جي بنيادن تي قائم ڪرڻ جي ڪوشش فرمائي. هن جدوجهد ۾ امام غزالي هڪ حيرت انگيز فراست ڪان ڪم ورتو مسئلي علت و معلول تي امام صاحب پهريان تنقيد ڪئي. ان ڪانپوءِ خاص ڪري ان جي ذريعي عقليت تي بحث شروع ڪيائين.

هيوم جي تصانيف جيڪڏهن ڏسبيون تہ ان ۾ امام غزالي ڪان وڌيڪ ڪونہ لکيو ويو آهي.

جهڙيءَ طرح غزالي صاحب جو مختصر اقتباس ملاحظہ فرمائيندا:

"اسان ڪي شين جو صرف هڪ ئي وقت ظاهر ٿيڻ نظر اچي ٿو. پر قانون علت ۽ معلول تي ڪڏهن بہ نظر نٿي پوي. اهو ئي قانون تسبيب خدا جي مرضي سمجهيو وڃي ٿو. جنهن جي منشا هيءَ آهي تہ عام طور بہ شيون هڪ ٻئي پٺيان اينديون هجن. فطرت جي قانون جو ڪوبہ وجود ڪونهي. هيءَ صرف هڪ تسلسل جا مظاهر آهن. صرف خدا جي ذات ئي لازوال غير متغير آهي.

ابن رشد لکي ٿو تہ: غزالي فلسفي تي هن ڪري حملو ڪيو آهي تہ ائين چوڻ سان مذهبي ماڻهو خوش ٿين ۽ سندس خوش مذهبي متعلق جيڪي شهادت وارد ٿي چڪا آهن. انهن جو سدباب ٿي وڃي.

انهيءَ ڪانسواءِ ابن طفيل جيڪو ابن رُشد جو هم سفر عالم آهي. امام غزاليءَ جي بار بار ترديدات جي قلعي کولي اتس ۽ ثبوت پيش

ڪري اهو واضح ڪيو اٿس تہ غزاليءَ لِڪ چوريءَ ۾ اهڙا ڪتاب لکيا آهن، جن ۾ اهڙن مسئلن کي تسليم ڪيو ويو آهي، جي عوام جي پيش ڪيل سندس ئي مسئلن کان نهايت مختلف آهن. غزاليءَ جو قول آهي تہ جيڪي اوهين ڪجهہ ڏسو ٿا ان کي تسليم ڪيو ۽ جيڪي ڪجهہ ٻڌو ٿا ان کي نظرانداز ڪري ڇڏيو. جهڙيءَ طرح سج اڀرڻ کان پوءِ اسين زحل جي خيال ڪرڻ کان آزاد ٿي ويندا آهيون.

عرب جي فلسفي تي امام غزاليءَ جو هڪ قطعي اِهو اثر پيو، جو فلسفي تي سندس تنقيد ۽ لاڳيتن حملن سندس مخالفن ۾ هڪڙي قسم جي صحت تحقيق پيدا ڪري وڌي، جا هن کان پهريان عموماً موجود نہ هئي.

ابن باجہ جيڪو پڻ ابن رُشد جو هم جليس عالم هو، پهريون شخص آهي، جنهن امام غزاليءَ جي حال و قال جي مقابلي ۾ عقل جي فرمانروائي قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، متصوفين وٽ عقل جي مدد سان معرفت الاهي تائين پهچڻ ناممڪن آهي، جيئن تہ امام غزالي فرمايو تہ انسان قواءِ عقليہ سان صادر ٿيندڙ فعلن جي نفي ڪرڻ سان ئي درجي اڪمليت تائين پهچي سگهي ٿو.

هن قول جي خلاف ابن باجہ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ صرف ڏاهپ جي مدد ۽ قواء عقليہ ساڻ بہ تدريج ترقي ڪري ئي انساني عقل پنهنجي فعال (خدا) سان اتحاد پيدا ڪري سگهي ٿو. معرفت الاهي پيدا ڪرڻ لاءِ شديد رياضتون ۽ سخت تڪليفون برداشت ڪري پنهنجي حواسن کي مفلوج ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي. انساني جدوجهد کان سواءِ وصل خداوندي حاصل ڪري سگهجي ٿو. اسان جي اخلاقي زندگيءَ جي ڪشاڪش جو خاتمو تڏهن ٿي سگهندو، جڏهن حيواني فطرت تي عقل سان غلبو حاصل ڪري سگهجي.

## معتزلي ۽ متڪلمين

پيغمبرِ اسلام صلي الله عليه وآله وسلم جن جي رحلت فرمائي اڃا پوري صدي نہ گذري هئي تہ سندن پيش ڪيل تعليم ۾ مذهبي نزاعات سبب فساد شروع ٿي ويا. آينده چند صدين اندر ايترن تہ بي شمار فرقن جنم ورتو، جو ان جو احاطو ڪرڻ مشڪل آهي. مگر هنن سڀني ۾ هڪ ڳالهہ هئي، جيڪا مشترڪ سمجهي ويندي هئي، يعني الاهيات، صفات باري تعاليٰ جي مسئلي ۾ هنن فرقن جيڪا جنگ وجدل برپا ڪئي، ان کان گهبرائجي ڪيترن اعتدال پسندن جيڪو هڪ معقول مذهب اختيار ڪيو، سو هو اعتزال. معتزلن هر هڪ ڳالهہ کي عقل تي پرکيو ٿي، يا تہ گهٽ ۾ گهٽ شرعي معاملات ۾ عقل کي بيڪار خيال نٿي ڪيائون. هنن جي عقيدي ۾ الهام ۽ وحي قواء انسان جا فطري نتيجا سمجهيا ٿي ويا ۽ نجات جي حاصل ٿيڻ جو ذريعو عقل تي مبني عقائد کي ئي سمجهيو ويندو هو.

دراصل اعتزالن فلسفي ۽ مذهب کي پاڻ ۾ ملائڻ جي هڪ ڪوشش ڪئي، پر افسوس! جو اها ڪوشش بالڪل رائگان ٿي وئي. ڇو تہ هن مان نہ ڪجهہ فلسفي کي مليو ۽ نہ وري مذهب وارا ماڻهو ئي خوش ٿي سگهيا. البت هيترو ضرور ڪجهہ ٿيو، جو هڪڙو گروهہ متڪلمين جو وجود ۾ آيو، جنهن عقليت سان مسلح ٿي ورهين جا ورهيہ مذهب جي حمايت ڪئي. تنهن ڪري چا ٿيو جو آخرڪار علم الڪلام بين علمن وانگر اسلام ۾ داخل ٿي ويو.

متڪلمين جو عقيدو هو تہ دنيا حادث آهي. خدا قادر مطلق آهي. جيئن وڻيس تيئن ڪري سگهي ٿو. خدا دنيا کان الگ آهي، پر سندس تصرف هر جڳهہ موجود آهي.

متڪلمين پنهنجي نظام ۾ اجسمام بسيط کي وڏي اهميت ڏني سندن عقيدو هو تہ اجزاء لا يتجزا کي خدا پيدا ڪيو آهي ۽ اهو ئي

کين فنا ڪري سگهي ٿو. خدا هميشه نوان نوان اجزاء پيدا ڪندو رهي ٿو. دنيا جون سڀ شيون سڌيءَ طرح سندس تصرف ۾ آهن. هي ءَساري موجودات صرف سندس ڪم آهي.

عدم اشياءَ يا عوارض سلبيه گمنامي يا ناواقفيت (لا علمي) وغيره پنهنجي موضوع ۾ خدا کان صادر ٿي سگهن ٿا. ساڳي حالت عوارض ايجابي جي پڻ آهي. اهڙيءَ طرح موت ۽ سڪون پڻ خدا پيدا ڪيا آهن. جيئن حيات ۽ حرڪت کي پيدا ڪيو اٿس.

روح به هڪ عرض آهي، جنهن کي بنا خاتمي جي خدا جاري رکيو آهي. قدرت جي قوانين اندر تسبيب (سبب جو هجڻ) آهي. هن دنيا جي مجموعي هئيت جهڙيءَ طرح اسين ڏسي رهيا آهيون، ممڪن آهي ته اصل ۾ هن کان بلڪل مختلف هجي!

هيءَ هو فلسفي ۽ ڪلام جو نظام، جنهن کي متڪلمين ارسطوءَ جي اهل تقليد اڳيان پيش ڪيو.

متڪلمين جي مقابلي ۾ ڏسڻ گهرجي ته علامه ابن رشد جو ڪهڙو نظريو آهي.

دنيا جي ڏاهن دهر تخليق عالم جي مسئلي ۾ هميشه چار مسلڪ اختيار ڪيا آهن، هڪڙي گروه جو نظريو آهي ته دنيا هڪ متجمع الصفات هستيءَ جي پيدا ڪيل آهي، ان ذات نه صرف دنيا جو ابتدائي ڍانچو پيدا ڪيو بلڪ دنيا ۾ جيڪي به شيون پيدا ٿينديون رهن ٿيون، ان ذات والاصفات جي بدولت وجود ۾ ايندڙ آهن. اسباب ۽ مسببات صرف خيالي آهن ورنه آسمان کان زمين تائين معمولي شين جي تخليق تشڪيل ان ذات جي ارادي ۽ مشيت سان ٿيندڙ آهي، هو

عالم الڪل ۽ غيب دان آهي. سندس ارادو سڀ تي حاوي ۽ اٽل آهي. اِهو نظريو هو متڪلمين ۽ اهل مذهب جو.[42]

ٻئي گروه جو خيال آهي تہ هن دنيا جي نہ ابتدا آهي نہ انتها. مادو قديم آهي. دنيا جي تڪوين (هجڻ) جو سبب دنيا جو خالق نہ آهي، بلڪ ان ذات صرف مادي کي شڪل ۾ آندو جنهن جوئي نالو تخليق آهي. دنيا جون سڀ شيون قانون علت جون تابع آهن دنيا جا سڀ تغيرات ان قانون جي ماتحتي ۾ ٿيندا رهن ٿا. ڪنهن نئين شيءِ جي پيدا ٿيڻ وقت خدا کي دخل ڏيڻ جي ضرورت ڪانہ ٿي پوي، بلڪ قانون علت جي ماتحت پيدائش جو سلسلو دستور موجب جاري رهندو پيو اچي.

هن نظريي جي بنياد تي دنيا جي خالق جو درجو نهايت گهٽايو ويو آهي. هن فرقي جيئن تہ ٻہ وجود تسليم ڪيا آهن. هڪ مادي جو پنهنجي تخليق ۾ ڪنهن سبب جو محتاج نٿو ٿي سگهي، ٻيو محرڪ يا دنيا جو خالق، جو مادي کي حرڪت ۾ آڻيندڙ آهي ۽ ازخود علت (سبب) کان بي نياز آهي.

ٽيون فرقو وري، محرڪ جي عقيدي کي بالڪل ختم ڪري ٿو ڇڏي. هن جو خيال آهي تہ جيئن مادو پنهنجي وجود ۾، علت (سبب) جو محتاج نہ آهي. تيئن تشڪيل ۽ تحرڪ ۾ پڻ علت (سبب) کان بي نياز آهي. حرڪت سندس دائمي خوبي آهي. جنهن سان شين جون صورتون ۽ مختلف شڪليون پيدا ٿينديون رهن ٿيون. اِهو نظريو مادي پرستن جو آهي.

---

42 هُوَ قَدِيمٌ وَاجِبُ الْوُجُودِ وَاحِدٌ حَيٌّ عَالِمٌ قَادِرٌ مُرِيدٌ مُتَكَلِّمٌ سَمِيعٌ بَصِيرٌ صِفَاتُهٗ قَدِيمَةٌ بَاقِيَةٌ لَا يَقُومُ بِذَاتِهٖ حَادِثٌ وَلَيْسَ بِجِسْمٍ وَلَا جَوْهَرٍ وَلَا عَرَضٍ وَلَا مُصَوَّرٍ وَلَا مُرَكَّبٍ وَلَا مَعْدُودٍ وَلَا مَحْدُودٍ وَلَا فِي جِهَةٍ وَلَا فِي مَكَانٍ وَلَا فِي زَمَانٍ لَا مِثْلَ لَهٗ وَلَا شِبْهَ وَلَا ضِدَّ وَلَا نِدَّ وَلَا ظَهِيرَ وَلَا مُعِينَ وَلَا يَتَّحِدُ بِغَيْرِهٖ وَلَا يَحُلُّ فِيهِ مُتَّصِفٌ بِجَمِيعِ صِفَاتِ الْكَمَالِ وَمُنَزَّهٌ عَنْ سِمَاتِ النَّقْصِ وَالزَّوَالِ. (ڪذافي تڪميل الايمان محدث دهلوي رح)

چوڻون ارسطوءَ جي خيال ۾ وجود جا ٻه قسم آهن. وجود بالفعل ۽ وجود بالقوت. وجود بالقوت جو مقصد استداد ۽ صلاحيت جيڪو وجود بالفعل تي مقدم آهي. وجود بالقوت جا ٻه ڪيترائي درجا آهن. ڪائنات جي اندروني سلسلي ۾ مواد بعيد؛ جو سلسلو جاري آهي. جنهن جي انتها ماده اوليٰ يعني هيوليٰ تي ٿئي ٿي. مادو ۽ صورت ٻه جدا جدا شيون نه آهن. مادو صورت جو محتاج آهي ۽ صورت مادي جي محتاج صورت يعني وجود بلفعل مادي يعني وجود بالقوت تي بالذات ۽ بالزمان ٻنهي حيثيتن سان مقدم رهي ٿو. مثلاً ٻج جو داڻو، جو زمين ۾ پوکجي ٿو، اهو پيدا ٿيڻ واري پوک کان بالزمان مقدم آهي. البت ڪن حيثيتن ۾ مادو ٻه صورت تي بالزمان مقدم ٿي سگهي ٿو. مثلاً ان پيدا ٿيڻ واري پوک جي استداد ان پوک کان مقدم ٿين ٿا.

ابن رُشد ٿو فرمائي ته مادو ۽ صورت ٻئي غير مخلوق آهن. يعني عدم مان وجود ۾ نه ٿيون اچن. البت هنن سان گڏجي جيڪي شيون ٺهن ٿيون، يعني اجسام انفراديه مثلن زيد، بڪر وغيره، اهي مخلوق آهن. چو ته شيءِ جو لا شيءِ مان پيدا ٿيڻ مشڪل آهي. اهوئي ته سبب آهي، جو شيءِ جي وجود ۾ اچڻ کان پهريان مادو موجود هوندو آهي. جنهن تي نئي صورتن جو توارد ٿيندو رهندو آهي.

ارسطوءَ جو خيال آهي ته تخليق ڇُرپُر جو نتيجو آهي. خود فاعل ڪنهن ٻه صورت جي تخليق نٿو ڪري سگهي، چو ته جيڪڏهن هو تخليق ڪري سگهندو هجي ته ڪي نيون نيون شيون عدم مان وجود ۾ ايندي رهن.

ارسطوءَ جي هن خيال مان ڪن فلسفين سمجهيو ته صورت ٻه حقيقت ۾ خود ڪا شيءِ آهي ۽ صورت ناهڻ وارو ڪو فاعل ٻه آهي. هن تصور مذهبي عالمن کي هن ڳالهه جو يقين ڏياريو ته عدم مان ڪن شين جو وجود ۾ اچڻ ممڪن آهي. هن اصول کي ابتدائي خيال قرار ڏئي، مذهب جي عالمن اهو سوچيو ته هڪ اهڙو حقيقي فاعل موجود

آهي. جو سيني شين کي سواءِ ڪنهن سبب جي وجود ۾ آڻي ٿو. سندس فعل هڪڙي ئي وقت بي شمار مختلف ۽ متضاد صورتن ۾ ظاهر ٿيندو رهي ٿو. سڀ شيءِ کي بلا واسطہ وحي ۽ الهام جي ضرورت پوي ٿي.

اهو عقيدو انسان کي جاتي جدوجهد کان باز ٿو رکي. اتي اهو مسئلو بہ پيدا ٿو ڪري تہ خدا جهڙيءَ طرح ڪنهن شيءِ کي عدم مان وجود ۾ آڻي ٿو. اهڙيءَ طرح هڪ شيءِ کي موجود مان معدوم بہ بنائي سگهي ٿو. تخليق جيئن خدا جو فعل آهي. تيئن موت بہ سندس فعل ۽ سندس مخلوق آهي.

پر ڪن عالمن جي خيال موجب هن جي خلاف تخليق ۽ موت آفريني هڪ ئي فطرت جون تقاضائون آهن. هر تعمير ۾ ڪانہ ڪا تخريب بہ موجود هوندي آهي. تخليق ۽ تباهي ٻنهيءَ لاءِ فاعل جو ڪم صرف هي آهي تہ استداد بالقوت کي فعل جي صور ت ۾ آڻي. هن اصول موجب هيءَ ضروري آهي تہ تعمير ۽ تخريب ٻئي هڪ ئي وقت هڪ ٻئي جي مقابل فاعل ۾ موجود هجن. هنن مان ڪنهن بہ هڪ جي کوٽ سان يا تہ سڀ عدم ٿيندو يا سڀ وجود. مگر اهو ٻئي نتيجا ناممڪن آهن.

علامہ ابن رشد متڪلمين جي مقابلي ۾ ٿو فرمائي تہ:

تخليق ڇا آهي؟ تخليق صرف ماده اوليٰ جي ڇُرپُر جو سبب آهي. ماده اوليٰ هر قسم جون صورتون اختيار ڪري سگهي ٿو ۽ وجود جو هر لباس پهري سگهي ٿو. پر سندس ڪابہ شڪل يا صورت ڪانهي ۽ سندس ڪابہ منطقي وصف بيان نٿي ڪري سگهجي. هو محض هڪ استعداد ۽ قوت جو نالو آهي. تنهن ڪري ئي دنيا کي قديم ۽ ازلي مڃيو وڃي ٿو. ڇو تہ دنيا جون سڀ شيون وجود کان پهريان پنهنجي استعدار ۽ قوت جي درجي تي هيون. لاشيءِ مان شيءِ جو وجود نٿو پيدا

ٿي سگهي. مادو نه پيدا ٿيل آهي نه فنا ٿي سگهي ٿو. دنيا جي پيدائش جو لامتناهي (اڻ کٽ) سلسلو جاري آهي. جيڪا به شيءِ استدار جي درجي تي هوندي، اها تعليت ۾ ضرور ايندي. ٻي صورت ۾ هن سان ڪيترين شين جو غير فاعل به مجڻو پوندو. ڇُرپُر کان پهريان مانار يا مانار کان پهريان ڇُرپُر جو وجود نٿو ٿي سگهي. بلڪ ڇُرپُر خود ازلي ۽ دائمي آهي. سندس فاعل مانار ناهي. اجزاءَ تحرڪ. خود هڪ ٻئي جي علت (سبب) ٿي سگهن ٿا. ان ڪانسواءِ وقت جو وجود به ڇُرپُر سان ئي قائم آهي. اسين وقت جو اندازو ان تغيرات سان ڪري سگهون ٿا. جيڪي اسان جي پنهنجي جسم ۾ واقع ٿيندڙ آهن ۽ اهي ئي تغيرات تحرڪ جا مختلف قسم سمجهڻ گهرجن. جيڪڏهن هن ڪائنات جي ڇُرپُر بند ٿي ويندي هجي ته هوند اسين وقت جو اندازو نه ڪري سگهون. جهڙيءَ طرح ننڊ جي حالت ۾ اسان جي قوت متخليه تحرڪ کان بند رهي ٿي، ان ڪري وقت جو اندازو نه ٿي سگهندو آهي. ڇُرپُر جي ئي سبب تقدم يا تاخر جا خيالات دماغ ۾ پيدا ٿين ٿا. جيڪڏهن ڇُرپُر جو وجود نه هجي ته دنيا ۾ هيءَ پيدائش جو لاڳيتو سلسلو جاري نه هجي. علت العلل يا خدا ان صورت ۾ مختيار ۽ باارادہ ناهي، جنهن معنيٰ سان متڪلمين علماءَ جو نظريو آهي. خدا کان دنيا جي تخليق فيضانِ وجود طور ٿي آهي، جيئن ته هو خود خير وجود محض آهي. تنهن ڪري مجبور هو ته دنيا کي وجود ۾ آڻي. خدا کي صرف ڪليات جو علم آهي، مگر جزئيات جو علم قطعاً نه، ڇو ته جزئيات حادث آهي. جزئيات جي علم رکڻ سان کيس به حادث مڃڻو پوندو. ناممڪنات تي خدا کي ڪابه قدرت حاصل ڪانهي. خدا کان صرف خير جو صدور ٿي سگهي ٿو. شر ۽ فساد سندس اعمال مان نه آهن. دنيا ۾ خير جي مقابلي ۾ شر جو وجود آهي. موجودات ۾ خود اختلال ۽ فساد جي قابليت موجود آهي. ٻين لفظن ۾ شر ۽ خير جو اهڙيءَ طرح مقابل آهي، جهڙيءَ طرح ڏينهن رات هڪ ٻئي جي مقابل آهن. موجودات جيئن ته ٻن شين جي ترڪيب مان وجود ۾ آيل آهن تنهن ڪري ان ۾ اها

صلاحيت آهي تہ ڪنهن بہ وقت سندس اجزاء فنا ٿي سگهن. اهو ئي سبب شر ۽ فساد جو ڪارڻ بنجي سگهي ٿو.

عقول افلاڪ تي ابن رُشد جو نظريو اهوئي آهي. جيڪو ارسطوءَ پنهنجي ڪتاب النفس ۾ بيان ڪيو آهي.

ابن رُشد وٽ افراد انساني ۾ ٻن قسمن جو عقل رهي ٿو. هڪ انسانيت. يعني نوع جو عقل. اهو قديم ۽ لازوال آهي. ٻيو خود افراد جو ذاتي عقل! اهو حادث ۽ فاني آهي. نفس ناطقہ يا عقل مدرڪ جي اصليت منفصل ۽ متفارق هجڻ جي آهي. عقل فعال شخصيت کان آزاد مطلق محض افراد انساني کان جدا يعني متفارق رهي ٿو.

هن مفروضي مان اهو نتيجو نڪرندو تہ عقل هڪ واحد شيءِ آهي. يعني تمام نوع انساني ۾ صرف هڪڙو ئي عقل آهي. عقل مطلق جا اصول عالمگير ۽ سڀ تي حاوي آهن ۽ سڀ نوع انساني جي ترڪيب نفسي هڪ ئي آهي. عقل فعال هن علم کان مختلف نہ آهي، جيڪو ڪائنات متعلق اسان کي حاصل ٿي سگهي ٿو. هيءَ عقل غير فاني آهي. غير فاني معني نسل انسانيءَ کي فنا ڪونهي. بلڪ هو هميشہ نئين حيات حاصل ڪندو رهي ٿو. سندس تمدن لازوال آهي. عقل ڪلي قائم بالذات افراديت کان مستغنيٰ ۽ ڪائنات جو هڪ سالم جزو آهي ۽ نوع انساني، جيڪو هن عقل جو محض فعل آهن، هڪ اهڙو وجود ڇئي سگهبو. جو لازوال هجي.

اُهي ڪهڙا ذريعا آهن. جن جي اختيار ڪرڻ سان اسين عقل فعال سان تعلق ۽ اتصال ۽ انجذاب پيدا ڪري سگهون؟

ابن رُشد ٿو فرمائي:

هن درجي تائين پهچڻ لاءِ ڪنهن حال، قال، وجد ۽ رقص جي ضرورت ڪانهي، جهڙيءَ طرح صوفياءَ ڪرام جو خيال آهي. اسين هن

وصل کي صرف ڏاهپ سان حاصل ڪري سگهون ٿا. ارتقا انساني جو بلند ترين مقام اهو ئي آهي. جاتي حواس انساني پنهنجي سموري صلاحيت عقلي کي حاصل ڪري چڪا هجن. غور ۽ فڪر کان پوءِ انسان جڏهن ان پردي کي پري ٿو ڪري، تڏهن هو خدا تائين پهچي سگهي ٿو. صوفي جي رياضت اَجائي آهي.

انسان جي اعليٰ زندگيءَ جو مقصد هيءَ آهي ته هُو پنهنجي نفس جي اعليٰ جُزي کي پنهنجي احساسن تي غالب رکي، جڏهن اهو مرتبو حاصل ٿي ويندو تڏهن جڙ ته جنت حاصل ٿي ويندي پوءِ ماڻهوءَ جو پيل کهڙو به مذهب ۽ کهڙو به نسل هجي!